
تقريرون



عبدالواحد آريسر

تقریروں

عبد الواحد آریسٹر

پنیور اشاعت گھر حیدر آباد
1989ع

ڪتاب جو نالو: تقريرون
مصنف : عبدالواحد آريسر
سال : جولاء 1989ع
ڇپائيندڙ : پنهور اشاعت گهر حيدرآباد سنڌ
ڇاپيندڙ : نيو فيمس پريس حيدرآباد
قيمت : ٽيهه رپيا

(اداري جو سترهون ڪتاب)

پنهور اشاعت گهر حيدرآباد
1989ع

انتساب

مولابخش لغاري ۽ آختر ڪاڪيپوٽو

جــي

نــالــي

هن ڏرتيءَ جا دودا جاڳيا، جاڳيو دريــاخــان وري،
هن ڏرتيءَ جي مٽي لهندي، مرڪي پنهنجو مان وري.

فهرست

مهاڳ
هو جي ٻول ٻريا (نئون مهاڳ)
آءٌ ۽ منهنجي مور
سائين جي ايم سيد جي سالگرهه جي موقعي تي ڪيل تقرير
وات ۽ لات
شهدادپور جي سيڪنڊري استادن جي يونين جي مانَ ۾
سنڌي ادبي سنگت شهدادپور طرفان ڏنل دعوت ۾ صدارتي تقرير
پتنگن پهه ڪيو
جمهوري قوتن جي ڪنوينشن ۾ ڪيل تقرير
پاتال ۾ پاڙون
ڏوڪري ۾ ٿيل هڪ ڪچهريءَ اندر سوال - جواب
شام
سنڌ يونيورسٽي شاگرد سنگت طرفان ملهايل سنڌي شام
۾ ڪيل تقرير
بقا جي جنگ
سائين جي ايم سيد جي سالگرهه تي ڪيل تقرير
جي تون مٺو ته پاڻهين
مياڻي روڊ تي عام جلسي ۾ ڪيل تقرير
جيئڻ ڪاڻ
دوست محمد ڪيريي ڳوٺ ۾ محمد عباس ٽيٻي جي شاديءَ
جي موقعي تي ڪيل تقرير
پرهه جو پيغام
ٿياسافيڪل هال ڪراچي ۾ سائين جي ايم سيد جي سالگرهه
جي موقعي تي ڪيل تقرير
پيار ۽ پلاند
ٽنڊي ڄام ۾ شهيدن جي ورسي جي موقعي تي ڪيل تقرير
۴- مارچ
۴- مارچ تي سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾ ڪيل تقرير

سنڌ منھنجو ساهه

شاهه لطيف ڏينهن سيمنارجا ۾ ڪيل تقرير

آيت آيت بيتن ۾

شهدادپور ۾ ”يوم لطيف“ جي موقعي تي ڪيل تقرير

عدالت

موري ۾ شهيد عبدالرزاق سومري جي ورسي جي موقعي تي ڪيل تقرير

مختلف تقريرن مان ٽڪرا

حقيقت

ٽنڊي آدم ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي آفيس جي افتتاح وقت ڪيل تقرير

سنڌ ۽ بلوچستان

يوم بلوچستان جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪيل تقرير

وڏيرڪو راڄ

ڪور واهه ۾ بلو شهيد جي ورسيءَ تي ڪيل تقرير

انقلابي طبقو

قانون

موري ۾ شهيد عبدالرزاق سومري جي ورسيءَ ۾ ڪيل تقرير

انقلابي

جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ساليانې ڪنوينشن دادوءَ ۾ ڪيل تقرير

اديب

ايل ايم سي جي ادبي محفل ۾ ڪيل تقرير

سات

نوشهرو فيروز ۾ سنڌ ساگر پارٽي طرفان جيئي سنڌ جي ورڪرن جي مانَ ۾ ڏنل استقباليه ۾ ڪيل تقرير

جيئي سنڌ جا ورڪر

ايل ايم سي ۾ ڪٽيل اميدوارن جي مانَ ۾ ڏنل استقباليه ۾ ڪيل تقرير

هو جي ٻول ٻريا

تقرير هڪ وڏو فن آهي. اها هڪ اهڙي ذات آهي، جيڪا ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ کي نصيب ٿيندي آهي، جنهن جو خاص شعبي يا علم سان ڪو خاص تعلق ڪونهي. ڪي ڪي، نهايت اعليٰ پايي جا عالم ۽ سياستدان ان عظيم الشان فن کان وانجهيل هوندا آهن، ته ڪٿي وري بظاهر معمولي حيثيت وارو ماڻهو به بهترين طريقي سان ڳالهائي ويندو آهي. پر حقيقت اها آهي ته رڳو اسٽيج تي اچي گفتگو ڪري وڃڻ کي تقرير نه چئبو! تقرير جا پڻ ڪجهه اصول ۽ ضابطا، قانون ۽ قاعدا هوندا آهن، جيڪي هر ڪنهن کي باوجود ڪوشش ڪرڻ جي به حاصل نه ٿي سگهندا آهن. اهڙا ماڻهو يا نه ڪچهري ڪرڻ ۽ ڳالهه ڪٿڻ واري انداز ۾ ڳالهائيندا آهن يا وري هرون ڀرون بوهيارا ڪري، ٻانهون چنبي، مختلف نمونن جي ايڪشن سان پنهنجي ڳالهائڻ جو منفرد انداز ظاهر ڪندا آهن، اهڙا مقرر تقريرن دوران ڪڏهن ڪافي سٺيون ڳالهيون پڻ ڪري ويندا آهن، پر مزاحيه انداز بيان سبب سندن اهي ڪارگر گفتا پڻ سامعين جي ذهنن تي ڪو ڪارآمد اثر ڇڏي نه سگهندا آهن. حقيقت ۾ اها تقرير جا سمورن فني خوبين سان ڀرپور هجي، اها ٻڌندڙ تي ايترو ته اثر ڪري ٿي، جو ان جي خوابن ڀريي تاثير کان هو ڪيتري عرصي تائين لطف اندوز ٿيندو رهندو آهي. اهي ئي فني خوبيون آهن، جن جي ڪري مقرر جي تقرير، ٻڌندڙ تي اهڙو ته گهرو اثر ڇڏيندي آهي، جو ڪن ڪن جملن تيي وڏن وڏن ميڙن ۾ هڪ ئي وقت

هزارين ماڻهن کان داد ڏيڻ ۽ دل جو اظهار ڪرڻ جي لاءِ بي اختيار دانهن نڪري ويندي آهي. اهو سڀ ڪجهه مقرر جي فني صلاحيتن تي منحصر هوندو آهي. برصغير جي مشهور اديب، عالم مجيل خطيب آغا شورش ڪاشميري جو مقرر جي فني صلاحيتن بابت چوڻ آهي ته: ”مقرر جي حيثيت خيالن ۽ جذبن جي سفير واري آهي. هو پنهنجي فن کي پورهيتن وارين خاصيتن جي هم آهنگي سان پيش ڪندو آهي. جيڪي ڪجهه ان وٽ آهي تنهن کي ڪڏهن ته ظاهر ڪري ٿو، جنهن جي گهرج آهي، اها تصوير ڪڍي ٿو. هو طبيعتن کي تيار ڪندو، دماغن کي آواز ڏيندو، دلين کي گرمائيندو ۽ پيرن کي هلرائيندو آهي. چڱ ته مقرر پنهنجي فن واري دنيا جو شهريار آهي جو ذهنن تي حاڪميت ڪندو آهي، مقرر ميخاني وارن ماڻهن جو ساقي آهي، جنهن جي پيمانن واري گردش محرومين ۽ ناڪامين جي اُڃ اجهائيندي آهي.“ منهنجي مشاهدي موجب مٿيون سموريون خوبيون ۽ خاصيتون اسان جي اڳواڻ ۾ هن ڪتاب جي خالق ۾ موجود آهن. هو جڏهن تقرير ڪندي موج ۾ ايندو آهي، تڏهن واقعي ائين پيو محسوس ٿيندو آهي، چڻ پاڻ پوري محفل کي پنهنجي زبان جي لب و لهجي ۽ هٿن واري انداز سان هلائي رهيو هجي.

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ سنڌ جي قومي اڳواڻ جي سالگرهه جو جلسو ٿي رهيو هو، جنهن جي پاڻ صدارت پئي ڪيائين. ان زماني ۾ نوجوانن ۾ آمريڪا نواز ڪوريا جون فينشي جئڪيٽ پائڻ جو ڏاڍو رواج هو. آمريڪي سامراج جيڪو پنهنجي وحشيانه ڪاروائين سبب مشهور آهي، تنهن ٿورو وقت اڳ ننڍڙي خودمختيار عرب ملڪ لبيا کي هيسائڻ لاءِ ان مٿان هوائي حملو ڪيو هو، جنهن ۾ ڪرنل قذافي جي گهر جا ڀاتي پڻ شديد زخمي ٿي پيا هئا. ان وحشيانه ڪاروائي ۽ کي سڄي دنيا نفرت واري نگاهه سان پئي ڏٺو. سمورن ترقي

پسند ملڪن ۽ ماڻهن ان عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي. اهڙي قرارداد جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي ڪميٽي پڻ محترم چيئرمين (عبدالواحد آريسر) جي صدارت هيٺ پاس ڪري چڪي هئي. اهڙي ماحول ۾ پاڻ جڏهن صدارتي تقرير ڪرڻ آيو، تڏهن آمريڪي جارحانه ۽ فاشسٽ پاليسين جا وکا پڌرا ڪندي، خطابت واري جوهر سان سموري ميڙ کي پنهنجي مٺ ۾ ڪري ورتائين. ان وقت پاڻ آمريڪا ۽ سنڌس اتحادين جي شين جو بائيڪاٽ ڪرڻ وارو سڏ ڏيندي نوجوانن کي ڪوريا جون پاتل جڳڪون لاهي ڦٽو ڪرڻ جو سڏ ڏنائين. آغا شورش جي چوڻ موجب "خطيب پنهنجي فن واري دنيا جو شهريار آهي، جيڪو ذهنن تي حڪم هلائي ٿو." آريسر صاحب پاران پڻ ان موقعي تي رڳو حڪم ڏيڻ جي دير هئي. جنوري جي سرديءَ ۾ به ڪيترن نوجوانن بدن تي پاتل جڳڪيتون لاهي ڦٽيون ڪري ڇڏيون. ڪيترن ته ان ئي وقت تيلي ڏيئي ساڙي رک ڪري ڇڏيون.

دنيا ۾ اهڙا ماڻهو تمام ٿورا ٿي گذريا آهن، جيڪي هڪ ئي وقت بهترين سياستدان، اعليٰ اديب ۽ شاندار خطيب رهيا هجن. سنڌ جي مهان مٽيءَ کي اهو شرف حاصل آهي ته اهڙن گڻن ڳڻين عظيم مدبرن منجهان سنڌ جو پورهيت طبقي مان پيدا ٿيل پورهيت انسان محترم عبدالواحد آريسر مٿين سڀني خوبين جو هڪ ئي وقت مالڪ آهي ۽ سمورين ڳالهين تي مڪمل دست رس رکي ٿو. اهو ئي سبب آهي، جو سندس دوست محترم خالق جي چوائي ته "منهنجي اکين اڳيان هر قسم جي ماڻهن آريسر سان ڪچهري ڪئي آهي، انهن ۾ پڙهيل ۽ اڻپڙهيل، ڳوٺاڻا ۽ شهري، مرد ۽ عورتون، ٻار ۽ ٻيا، هاري ۽ مزدور، شاگرد ۽ سرڪاري ملازم، مذهبي علماءَ ۽ مارڪسوادي دانشور، تاريخ جا ڄاڻو ۽ جديد دور جا جديد اديب، سياسي ڪارڪن ۽ برک سياسي ڏاها، همدرد ۽

ڪتر سياسي مخالف سڀ شامل آهن، انهن منجهان هڪڙو به اهڙو ڪونه سجهي جنهن هڪڙي ملاقات کان پوءِ پيهر ملڻ جو اتساهه نه ڏيکاريو هجي.“

مٿين خوبين سان گڏوگڏ تقرير جي حوالي سان پاڻ اسٽيج جو نه بنهه بادشاهه آهي. ڪنهن اردودان صحافي ۽ نقاد جي چوائي ته ”جڏهن هو تقرير ڪرڻ لاءِ بيهندو آهي، تڏهن اڪيچار سهڻا سهڻا لفظ، محاورا ۽ اصطلاح مناسب جاءِ حاصل ڪرڻ لاءِ سندس اڳيان هر گهڙي هٿ ٻڌيو انتظار ۾ بيٺا هوندا آهن.“ سندس تقرير ۾ ڌيرج، نصيحت، تشريح، تعبير، تفسير، فصاحت ۽ بلاغت واريون سموريون خوبيون سمايل هونديون آهن. هو جڏهن چپ چوريندو آهي، ته رڳو لفظن ۽ معنائن جو چمن آراسته ناهي ٿيندو، پر هو تقرير جي لهجي ۾ سامعين جي اندر ۾ روح ڦوڪيندو آهي، جادو ڪندو آهي. سندس زبان ۾ سامعين جا جذبا ۽ احساس سمائجي ساموهون ايندا آهن. هو جذبن کي اڀاريندو آهي، حوصلن کي سنواريندو آهي، دلين کي باغ و بهار ڪندو آهي. ارادن کي بيدار ڪندو آهي ۽ عزائم کي پختگي بخشيندو آهي. جيڪڏهن ائين چئجي ته وڌاءُ نه ٿيندو ته هو تقرير جي جوش ۽ جلال ۾ اچڻ کان پوءِ مردهه دلين لاءِ صوره اسرافيل بڻجي ويندو آهي.

هي ماڪيءَ کان مٺڙو، نازڪ ۽ نرم مزاج جو مالڪ جنهن کي جانب جي هڪ جهٽڪ به جهوري وجهندي آهي. ان نمائي سڀاءَ واري انسان کي اسٽيج تي ڪنهن حساس قسم جي مسئلي بابت ڳالهائيندو، ٻڌندي اعتبار ئي نه ايندو آهي، ته هي اهو ئي ساڳيو نماڻائي ۽ نهٺائي سان پنهنجي قوم جو ڪيس پيش ڪندڙ انسان آهي؛ بلڪ اهڙن موقعن تي هو جوش ۾ اچي پنهنجي بي پناهه خطابت واري جوهر کي اهڙي ته سريلي انداز ۾ پيش ڪندو آهي، جنهن سان ٻڌندڙن تي سڪتي طاري ٿي ويندي آهي ۽ اهڙي ماحول ۾ سندس هڪ هڪ حرف

ٻڌندڙن جي هٿين منجهه هرڻ لڳندو آهي. سامعين پنهنجو پاڻ کي سنڌس سفر ۾ شريڪ سمجهندي خلائن جي سير ۾ گم ٿي ويندا آهن.

سنڌ مسلم ڪاليج حيدرآباد جي مخدوم بلاول هاسٽل ۾ هڪ عظيم الشان جلسو هجي، شاگرد برادري پنهنجي روايتي انداز ۾ جلسي ۾ گوڙ ڪري وڌو. حيدرآباد جي مخصوص صورتحال جي مدنظر اهڙن جلسن ۾ سنڌي ماڻهن وڏيڪ دلچسپي پئي ورتي. ان جلسي ۾ خاص طور تي سنڌي عورتن جي وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪرڻ قابل ذڪر ڳالهه هئي.

اچانڪ ماحول خراب ٿي پوڻ ڪري، ماڻهن (خاص ڪري عورتن) ۾ افراتفري پئجي ويئي، جيترا هٿا وات اوتريون پئي ڳالهيون هليون. آخرڪار آريسر صاحب جي ئي ڪوشش سان اها بگڙيل فضا بهتر ٿي ويئي ۽ جلسي جي ڪاروائي نئين سر شروع ٿي. جلسو هلندو رهيو، آخرڪار رات لڙي، ڪتين ڪر موڙڻ شروع ڪيا. حيدرآباد جي ان هيرآباد واري علائقي جي فطري خوشبوء سان معطر ٿيل رات جڏهن پوئين پهر ڏانهن قدم وڌايا ان وقت ڪيس صدارتي تقرير ڪرڻ لاء سڏ ڪيو ويو.

سنڌ جي نماڻي عورت جا، بي پناهه پابنديون، بندشن ۽ رڪاوٽن کي پار ڪري ٻاهر نڪتي هئي، نه رڳو ٻاهر نڪتي هئي، پر جلسي ۾ اچي سياست سان دلچسپيء جو اظهار ڪرڻ لڳي هئي. ٿوري دير اڳ سياست سان وابسته ماڻهن طرفان ٿيل افراتفريء سبب ان جي دل شڪسته ٿيڻ وارو نظارو پڻ سنڌس سامهون هئو. گذريل ڏهن سالن ۾ پنجاب سامراج پاران منصوبه بنديء سان سنڌي ماڻهن (خاص طور تي عورتن). سان ٿيل ڏاڍاين، ظلمن، زيادتين ۽ عزت نفس کان ڪريل حرڪتن وارو منظر پڻ سنڌس اکين اڳيان ڦري رهيو هو. اهڙي غمگين ماحول ۾ هن ماڻهوء جا تقرير ڪئي تنهن تہ چڱن ڀلن جا ڇهه ڇڏائي وڌا.

هن عورتن کي مخاطب ٿيندي چيو "منهنجون ڀينرو، ڪنهن تي به نه ڀاڙيو، ڪنهن مرد تي، به نه ڀاڙيو، جيستائين توهان پنهنجي اندر اهو ولولو پيدا نٿيون ڪريو ۽ همت پيدا نٿيون ڪريو. صرف دانهن ۽ ڪوڪن تي ڪن جي قلمن تي ڀاڙيندؤ ته پوءِ سنڌ اجاڙ ٿي ويندي. انهن تي اعتبار نه ڪريو، جيڪي چادر ۽ چادرواري جي حفاظت جي دعوىٰ ڪن ٿا، اهي ته چادر کي ڦاڙيندا آهن، انهن کي موقعو ملي ته خديجه جي رئي کي به بازار ۾ نيلام ڪري ڇڏين. هي ته اهي آهن جن معاوضو وٺي ڪعبة الله تي به گوليون هلايون هيون."

مٿي بيان ڪيل واقعن ڪرڻ ۾ هتان جي حاڪم قوم پنجابي تاريخي طور تي مشهور آهي ۽ اها ئي اڄ ساڳيون انگريزن واريون انسانيت ڪان ڪريل ڪارروايون ڪرڻ جي باوجود چادر ۽ چوديواريءَ جي دعويدار آهي. ان سنڌن تاريخي مڪارانه ۽ منافقانه عمل کي هن ايڏي ته دردناڪ نموني سان پڌرن اڳيان پيش ڪيو جو پيا ته ڏهيو پر هڪ اردو اخبار (سا به جماعت اسلاميءَ وارن جي) جي اردو دان صحافيءَ ڪان به بي اختيار ڳوڙها ڪري پيا. مون جڏهن جلسي ۾ هيڏانهن هوڏانهن نظر ڦيرائي ته ڪيترا ماڻهو پنهنجا ڳوڙها اگهي رهيا هئا.

هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل مواد سنڌس ان دور جون تقريرون آهن، جڏهن جمهوريت جي نالي ۾ اندوهناڪ آمريت پنهنجا پر پکيڙي رهي هئي. ملڪ ۾ ماڻهوءَ بوڻءِ لڳي پيئي هئي، راڄ ۾ چڙ راڪاس گهمي ويو هو. چوطرف عوام جي نالي ۾ مختلف آزاري ايجنسيون کلي ويون هيون. سڄاڳ ذهن تي پهرا بيهارڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي پئي ويئي. اهڙين حالتن ۾ به سنڌ جو هي سڄاڳ ذهن، قوم کي بيدار ڪرڻ ۽ حالتن کان آگاهه ڪرڻ لاءِ، بي سرو سامانيءَ واري حالت ۾ ميدان عمل ۾ نڪري آيو ۽ قومي تحريڪ جي اڳڪٽ ڪافلي ۾ شامل ٿي سفر جي شروعات ڪيائين. اهو سفر

جنهن ۾ هن ٿر جهڙي پٺتي پيل علائقي جي رهواسيءَ ڪيئي ڏونگر جهڙا ڏينهن ۽ رُنج جهڙيون راتيون ڏٺيون، پر باوجود گرفتاريءَ جي وارنٽن جاري ٿيڻ جي سنڌ جي شهر شهر، وستي ۽ واهڻ ۾ مارو ماڻهن تائين قومي سڏ جو آواز پهچائيندو رهيو. ان دوران هن ڪيئي ڏکيون، بکون ۽ ڏاڪڙا ڏٺا ۽ ڪيئي ڀيرا موت جي منهن ۾ ايندي بچي ويو، پر پوءِ به ساڻيهه جو سفر جاري رکيائين. ان سفر دوران هن جيڪي اڪيچار تقريرون ڪيون، تن کي لکت ۾ عوام تائين پهچائڻ لاءِ سنڌس ساٿين به ڪتاب "پرهه جو پيغام" ۽ "صدين جون صدائون" ٽالن سان شايع ڪيا هئا. سنڌس تقريرن جي مقبوليت جي مدنظر هن ڪتاب ۾ انهن ٻنهي ڪتابن کي گڏي شايع ڪيو ويو آهي. جنهن سان مان سمجهان ٿو ته آريسر صاحب جي ڪتابن جو شوق رکندڙ ماڻهن جي ڪنهن حد تائين علمي اُڃ ضرور پوري ٿي ويندي ۽ اهو ئي آريسر صاحب جي محنتن ۽ ڪيل ڪاوشن جو مقصد آهي.

طالب العلم

آزاد قاضي

٣٠- جولاءِ ١٩٨٩ع

مهاڳ

انساني تاريخ ۾ جيئن ئي روشني آئي آهي، انهيءَ وقت کان تاريخ جي واضح روشنيءَ ۾ اسان ڏٺو آهي، تہ ايشيا ۽ يورپ جي هر قوم، هر فاتح ۽ جرنيل سنڌي قوم جي وجود کي مٽائڻ ۽ ميساوڻ لاءِ ويهن ئي نهن جو زور پئي لاتو آهي. جيڪڏهن سنڌ جي پوري سرزمين جي کوٽائي ڪجي تہ انجي هر ڏڪري ۾ ڪونہ ڪو سوهن جو ڏڙو دفن ٿيل هوندو ۽ زمين جي هر گرانٽ جي هيٺان ڌارين جي ڪٺل ڪنهن محب وطن سنڌيءَ جو غيرت مند لاش پوريل هوندو.

سنڌ جي ڌرتي جو اهڙو ذرو بہ نہ هوندو، جنهنکي فاتحن جي گهوڙن نہ لتاڙيو هجي ۽ جتي مظلوم سنڌين جو رت نہ وهيو هجي.

تاريخ جي انهيءَ پوري جنگاهہ، پوري لتاڙ پوري پيچ ڊاهہ ۽ ڊوري قتلام، سنڌ جي تاريخ جي پيرن ۾ ڏاوڻ وجهي، انجي ارتقائي رفتار کي روڪي ڇڏيو ۽ سنڌ جي ثقافت جي فطري اوسر کي جامد ۽ غير متحرڪ بنائي وڌو. انجي باوجود سنڌ جي بهادر عوام پنهنجي قومي وجود کي برقرار رکيو آهي ۽ وڏي جاکوڙ جدوجهد ۽ جانفشاني سان سنڌي قوم جو وجود ۽ انجي جامد ثقافت کي پنهنجي انفراديت سان گڏ اڄ جي باشعور نئين نسل تائين پهچايو آهي.

سنڌ جو اهو قديم ورثو، اسان تائين، سنڌ جي باشعور نوجوانن تائين ۽ ويهين صديءَ جي تقاضائن جو آواز ۽ للڪار بڻندڙ نئين نسل تائين، جنهن حالت ۽ صورت ۾ پهتو آهي، سا انتهائي ڏکي، سمجهائيندڙ ۽ پيچيده ڏکرائن جو شڪار، چوطرف چوڌار قومن، ملڪن ۽ نظرين جي يلغار ۽ گهيري هيٺ آيل آهي. نظريہ ارتقا مطابق، هئڻ تہ ائين گهربو هو، تہ سنڌي قوم جي فرزندن کي هر صبح، ڪا ئي پراسرار قوت، بلنديءَ ڏانهن پرواز ڪرائي ها. هر نئون ڏينهن پهرو هنن جي ذهنن، ۽ جسمن ۾ نيون اميدون، انوکيون امنگون ۽ بالاتر ارادا ۽ زندگيءَ

سان پيار سيڪاري ها ۽ هر سيرانجهڙي شام سنڌن دلين ۾ لطف ۽ محبت جا پيالا ڀري اوتي ها. ليڪن جنهن نظام تحت سنڌ جو عوام صدين کان زندگي گذاريندو آيو آهي ۽ جيڪو غلاميءَ وارو سرشتو سنڌ جي عوام کي هر دور ۾ نصيب ٿيندو رهيو آهي، تنهن فطرت جي ارتقائي چشمي جا نيسارا هن سرزمين تي خشڪ ڪري ڇڏيا آهن، ۽ هر نمون صبح اسان کي بلنديءَ ڏانهن نيڻ بجاءِ پستيءَ جي آڙاهه ۾ اڇلائي رهيو آهي. گذريل هڪ سو سال هن ڪائنات جي ترقيءَ جو لازوال سرمايو آهن. تن ۾ اسان هميشه وانگر غلامي، ذلت ۽ پستيءَ جي کڏ ۾ ڦٿڪندا رهيا آهيون.

نتيجي طور انسانيت جي مطمئن، شاندار، مسرت ۽ ڀائيچاري جا گيت ڳائيندڙ ڪافلي کان هزارين سال پوئتي رهجي ويا آهيون. هاڻي پوري انساني برادريءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ سنڌي عوام کي هن نظام سان ڇوٽڪاري کان پوءِ هلڻو نه، پر ڊوڙڻو پوندو. صدين جو فاصلو سالن ۾ ۽ سالن جو ويڇو هفتن ۾ پورو ڪرڻو پوندو. هينئر صورت حال اهڙي آهي، جو جيڪڏهن سنڌي قوم ڊوڙڻ به چاهي ته ته ڊوڙي نه ٿي سگهي، ڇو ته سنڌس پيرن ۾ ڀيڙيون پيل آهن ۽ سنڌس پير ڪنهن حڪم کان سواءِ حرڪت به ڪري نه ٿا سگهن. هن وقت سنڌس حالت انهيءَ مجرم وانگر آهي، جنهن جو هڪ رستو جيل ۽ ٻيو ڦاسي گهاٽ ڏانهن هجي ۽ ٻيا سڀ رستا ۽ راهون مٿس بند هجن.

صدين کان جيڪو ظالمانه ۽ غاصبانه نظام، هن قوم ۽ ملڪ تي مسلط ٿيندو رهيو آهي، جيڪا ذلت جي گرم بازاري رهي ۽ جهڙي ريت هتي جي هر انسان جي احساس ۽ تمنائن کي گهوڙن جي سنبن، سپاهين جي ترارن، ڪوتوالن جي ڏنڊن، جلادن جي ڇرين، وڏيرن، سردارن ۽ رئيسن جي حڪمن ۽ مفتين جي فتوي بازين ڪچليو دٻايو ۽ هيسايو آهي، ۽ جهڙي طرح مال ۽ دولت جي ٻڪين جون هتي حرفتون، انٽڪلون، چالاڪيون ۽ چالبازيون، پنهنجا جلوا ۽ جوهر ڏيکاريندا رهيا آهن، تن سڀني گڏجي بيشمار ذهني ۽ دماغي بيماريون پيدا ڪري ڇڏيون آهن. خرابيون آهن ته شمار کان ٻاهر. اختلاف آهن ته سک سي پنڪي وانگر ڳتيل، جهيڙا ۽ جهڳڙا آهن ته انت بحر دي ڪل نه ڪائي. وري چاره گر، معالج، حڪيم ۽

رڪ ڏاهن جو ته ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي. هر هڪ جي حالت اها جو وانءُ ويهه ٿيون ڪوهه، ڇاڻان ڪيهي ويا. هن قوم جي وڏي بدقسمتي اها آهي، ته صديون گذري ويون، ڪيئي جڳ جاڙ ڪري ويا، وقت ۽ ماحول ڪيترا ڦيرا کاڌا، دنيا ۾ انقلاب ۽ رد انقلاب جا چڪر هلندا رهيا، پر هيءَ قوم آزاديءَ جو صحيح لطف ماڻڻ ته ٺيو پنهنجي ماڳ، پر آزاديءَ جي لفظ جي لذت چکڻ کان به محروم رهي آهي، ڪيس هر دور ۾ ويندي اڄ تائين آزاديءَ جي نالي ۽ نعري کان مختلف طريقن، بهانن، حيلن حوالن سان روڪيو ويو آهي. نتيجي ۾ هن قوم جي ماڻهن کي شايد ئي انهيءَ تاثير ۽ اثر جي خبر هجي، جيڪو آزاديءَ جو جهنگلي گل پنهنجي اندر رکي ٿو. جڏهن هن قوم کي هيءَ خبر پيئي ته آزادي جو لفظ اچاريندي، وطن پرست، موت جي منهن ۾ ائين شوق سان هليو ويندو آهي، جيئن ڪوئي ازل جو اجايل روح مهنديءَ جي خوشبوءِ ڏانهن هليو ويندو آهي. جڏهن هن قوم تصور جي ڪنن سان ڪنهن مجاهد آزاديءَ جي اڌ ويڌل نڙيءَ سان "آزادي آ" اعلان اسانجو، جي مسحور ڪن موسيقي ٻڌي ۽ جڏهن هن سرزمين جي فرزندن کي معلوم ٿيو ته ويٽنام جي جهنگلن، بنگله ديش جي ڊيلٽا ۽ آفريڪا جي صحرائن ۾ موت جو فرشتو، انهيءَ لفظ ۽ جذبي جي قوت کان پٺي ويو ۽ دنيا جي اکين آزاديءَ جي لفظ جي گرمائش سان موت جي فرشتي جا پر جلندا ڏٺا آهن. وطن پرست جي آزاديءَ جي نعري سان تقديرن جا ڪنيل ڪلف جهنڪي سان ٽٽي پيا آهن. آزاديءَ جي صدا ۾ ڪوڙ نه هوندو آهي، فريب جي گنجائش نه هوندي آهي ۽ ضمير جي ملامت نه ٿيندي آهي، تنهنڪري اها پوري ڪائنات جي سچائين جي صدا. بنجي ڪنهن ازل ۽ ابد جي لافاني نغمي جي تخليق جو سبب بڻجي پوي ٿي.

جڏهن سنڌي قوم ۾ آزاديءَ جي اکر جي اهميت، پنهنجي پوري پس منظر سان جاڳ وٺندي، انهيءَ وقت هو دنيا جي قومن ۾ پنهنجي مرتبي ۽ درجي تي سوچڻ شروع ڪندي. شايد هي ننڍڙي حقيقت پوري ريت سندس ذهن ۾ ويهي وڃي، ته هيءَ صدي اهڙي آهي، جنهن ۾ آزادي ۽ حريت جي هوائن، غلاميءَ جا زنجير ٽوڙي ڇڏيا آهن، گهٽ گهاري رکيا آهن، ۽ قومن جا ڪوٽ جهوري ۽ پوري وڌا

آهن. هن صديءَ نه صرف ايشيا جي مظلومن ۽ محڪومن کي غيرملڪي غلاميءَ مان ڇوٽڪارو ڏياريو آهي، پر آفريڪا، لاطيني آمريڪا ۽ اوڀر يورپ ۾ سامراج ۽ سرمايه داريءَ جي ديو جو پوري ريت گهيرو ڪري، اهڙو ته سوڙهو گهٽيو آهي، جو سندس فرار ۽ بچاءَ جو ڪوبه رستو ۽ راهه نه بچي آهي. اڄ آزاد قومن جي گڏيل اداري ۾ اهڙو به جهنڊو آهي، جنهن کي پنجن لکن انسانن جي نمائندگي جو اعزاز آهي؛ ته اهڙو به سرخ پرچم آهي، جنهنڪي ٧٥ ڪروڙ فولادي انسانن جي نمائندگيءَ جو شرف حاصل آهي. اهڙو به ترنگو آهي جنهنجي پٺيان اهنسا، عدم تشدد ۽ سول نافرماني ذريعي آزادي جي امنگ ڪارفرما آهي، ته اهڙو به جهنڊو آهي، جيڪو خونريز ۽ مسلح انقلابن مان اڀرڻ جو رنگ ۽ روپ وٺي، انهيءَ اداري ۾ پهتو آهي. اهڙي دور ۽ انهيءَ صديءَ ۾ هلندڙ واقعن ۽ تحريڪن جي هوائن کان سنڌ پنهنجو پاڻ الڳ رکي، ته اها هن سرزمين جي فرزندن جي وڏي بدقسمتي ٿيندي.

هيءَ وقت آهي جو سنڌ جو عوام پنهنجي قسمت جو نئين سري کان جائزو وٺي، نون لاڙن ۽ رجحانن مان اڳتي وڌڻ لاءِ سواد ميڙي ۽ گذريل معاهدن تي نظرثاني ڪري. اهڙا معاهدا جيڪي قومن کان سندن جدا وجود جو حق کسي وٺن، تن جي دائمي حيثيت کان انڪار ڪرڻ گهرجي. معاهدا به طرفي مفاد ۽ هڪ ٻئي جي وجود جي بقا ۽ احترام تي مبني هوندا آهن. جڏهن به ڪيل معاهدا صرف هڪ ڌر جي مفاد جي نگراني ۽ نگهباني جا وسيلا ۽ ذريعا بڻجي وڃن، ته پوءِ اهڙن معاهدن جو باقي رهڻ انسانيت لاءِ نقصانڪار ۽ انصاف جي ڳل تي چماٽ مثل هوندو آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙا به معاهدا ٿيا آهن، جن سنڌ کي تقسيم ڪيو. اهڙا به عهدناما ٿيا آهن، جن سنڌ جي دولت ايران ۽ قنڌار پهچائي. اهڙا به اقرارناما آهن، جن غلام شاهه ڪلهوڙي جهڙي انسان کي يرغمال بڻايو. اهڙا به صلح ناما آهن، جن سنڌ کي هندوستان جو صوبو بڻايو. اهڙا به واعدا آهن، جن سنڌ جي وجود کي ون يونٽ ۾ ضم ڪيو. پر ڇا اهڙا معاهدا باقي رهيا؟ جيڪڏهن قومي مفاد خاطر ظالمانه ۽ غاصبانه معاهدا هن کان اڳ ۾ ٽٽندا رهيا آهن، ۽ سنڌي قوم انهن معاهدن ٽوڙڻ تي شرمندگي نه پر فخر محسوس ڪري ٿي، ته پوءِ ڪو اهڙو معاهدو جو اسانجي

وجود جي خاتمي جو سبب بنجي، جنهن تي صحيح ڪرڻ ۾ اسان پاڳيوار نہ هئاسون.

دنيا جو ڪهڙو سياستدان آهي، ۽ ڪهڙي قوم آهي، جنهن معاهدا نہ ٽوڙيا هجن، پوءِ اهو ڪٿي چرچل هجي يا محمد علي جناح؟

اقوام متحده جي ميمبر ملڪن سان ڪن ملڪن جي آدم شماري چند هزار آهي ۽ آهي ملڪ دنيا جي هن معزز اداري ۾ پنهنجي باوقار حيثيت سڃائي چڪا آهن، تہ پوءِ اهڙي حالت ۾ هڪ ڪروڙ ماڻهن تي مشتمل سنڌي قوم جو پنهنجي تاريخي، تهذيبي ۽ سياسي حيثيت کان بي خبر رهڻ، نہ صرف هڪ تلخ حقيقت آهي، پر تاريخ جو وڏو حادثو پڻ آهي. هاڻي هي سنڌ جي باشعور انسانن تي ڇڏيل آهي، تہ هو ڪيترو وقت سنڌي قوم کي پنهنجي مستقل حيثيت کان محروم رکڻ لاءِ حاڪمن جو هٿيو بنجن ٿا.

هيستائين آءٌ سنڌي قوم جي غلاميءَ جي سلسلي ۾ ”صدين“ جو لفظ استعمال ڪندو آيو آهيان، انهيءَ سان ڪو ماڻهو اهو مطلب بہ ڪڍي سگهي ٿو، تہ صدين جي عرصي ۾ سنڌي قوم جي اندر اهڙي ڪابہ هل چل، اهڙي ڪابہ تحريڪ ۽ اهڙو ڪوبہ واڳو پيدائي ڪونہ ٿيو آهي، جيڪو غلامي جي زنجيرن کي ٽوڙڻ لاءِ موثر ڪردار ادا ڪندو رهيو هجي. اهو نتيجو ڪڍڻ صحيح ڪونہ ٿيندو، ۽ اهڙو نتيجو ڪڍڻ سنڌ جي تاريخ جي انهن لازوال انسانن جي قربانين ۽ جانفشانين کان لاپرواهي ۽ بي خبري ٿيندي، جيڪي هر دور جي اونده ۽ اوجهڙ ۾ پنهنجي فولادي ارادن سان روشني جا مينار پيدا ڪندا رهيا آهن. جن جي مقدس خون سرزمين سنڌ تي مهنديءَ جا گل پيدا ڪيا آهن.

هن سرزمين تي هر ڏکئي وقت ۾ بهار جا گونج ۽ ڳاڙها گپ پيدا ٿيندا رهيا آهن، پر پوهہ جي پاري، انهن کي ساڙي ۽ سڪائي ڇڏيو آهي. اڄ تائين اهو رجعت پسندي ۽ غلامي جو پارو غالب ايندو رهيو آهي، شايد هاڻي ڪنهن وحشي دراوڙ جو خون باهہ جا آلا بنجي هن سرزمين تي ڪري ۽ رجعت پسندي جي برف کي هميشہ لاءِ ڳاري ۽ پگهاري ڇڏي. ڪاش ائين ٿئي. هن گهٽ ۽ بوسٽ، هن جمود ۽ بيپرواهي، هن لاتعلقي ۽ لاغرضي ڪيترا پنگا ۽ پيٽيون پڙڪانڪ ڪري ڇڏيون آهن. هن جي غير ملڪي تسلط اسانجي محتمند

قومي جسم ۾ جيڪي ناسور پيدا ڪيا آهن، تن ۾ آزاديءَ جي احساس جي خاتمي سان گڏ اسانجي قوم ۾ انتشار ۽ اختلاف جو پيدا ٿيڻ به آهي. اهو ناسور جيتوڻيڪ هاڃيڪار آهي، ته به لاعلاج نه آهي. ويڇوڻ ويل ڪونه آهي ۽ ڪين فرق نه ڪرڻ جي حد تي نه پهتو آهي. قومن کي سڪون رکڻ، کين هميشه لاءِ بيعزتو ۽ خوار ڪرڻ ۽ سندن تهذيب ۽ تمدن کي پيلي چٽ ۽ ناس ڪرڻ لاءِ، حاڪمن طرفان اختلاف ۽ انتشار پيدا ڪرڻ، تمام پراڻو طريقو، جهونو هٿيار ۽ آزمايل نسخو آهي. فرعون کان ساڻونت ييڻن تائين ۽ چانڪيا کان اقبال تائين، هر درباري فلسفي ۽ دانشور، پنهنجي آقائن ۽ حڪمرانن کي اهو سبق پڙهائيندو آيو آهي ۽ پڙهائيندو رهندو، پر سنڌ ۾ اهو نسخو ڪجهه وڌيڪ ڪاريگري، ڏاهپ ۽ اثرائتي نموني استعمال ڪيو ويو آهي، جو وقت گذرڻ سان گڏ انجي اثرانگيزيءَ ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي. هتي هڪ مذهب جا ٻئي مذهب سان اختلاف، هڪ مذهب جي مختلف فرقن ۾ اختلاف، هڪ ذات جا ٻي ذات سان اختلاف، ملن جا سوالين سان اختلاف، شيعن جا سنين سان اختلاف، برهمڻن جا پوڄين سان اختلاف ۽ ساڌن جا جوڳين سان اختلاف، سنڌ جي قومي جسم ۾ زهر وانگر پکڙجندا رهيا ۽ غلامي جي ٻنڌڻ کي وڌيڪ مضبوط بنائيندا رهيا. وڌي ڳالهه ته اختلاف نبيرڻ جو ذريعو زبان نه پر لٺ، ڪهاڙي ۽ تلوار کي سمجهيو ويو. اهڙيءَ ريت سنڌ جو ساڻهو پنهنجي ويڙهاڪ فطرت، پنهنجي ئي ڀائرن ۽ هم وطنين خلاف استعمال ڪندو رهيو. غير ملڪي حڪمرانن انهيءَ تشدد کي، جيڪو سنڌي عوام ۾ غاصبن خلاف پرورش وٺندي، سندن جسم جي رڳن جي ذري ذري سان باهه وانگر پڙڪندي تي هو، وڏي هوشياري ۽ اٽڪل سان مقامي ساٿين ڏانهن سوڙي ڇڏيو. وڌيڪ ملن ۽ پنڊتن جي انهيءَ پروپيگنڊا ته حاڪم خدا جو پاڇو ۽ ڀڳوان جو اوتار آهي، تنهنڪري سائنس ڪونسٽ معنيٰ ٻئي جهان چٽ ڪرڻ، سنڌي عوام جي تشدد پسند طبيعت کي طاقت آزمائي جو ميدان صرف پنهنجن ڀائرن ۽ وطن ڇاون ۾ ڳولڻ تي مجبور ڪيو. جو ته بهرحال طاقت ۽ قوت پنهنجي اظهار جو موقعو ڳوليندي رهندي آهي ۽ پنهنجي استعمال لاءِ وقت تاڙيندي رهندي آهي.

اهڙي طرح سان سنڌين جون ڪهاڙيون ۽ بندوقون، ڀاهمي

قتل ۽ خونريزي جون ايتريقدر تہ هيرا ڪ بنجي وسون، جو بيشمار انسان انهن جو ڪاج بنجي چڪا آهن، بي انت جسم انهن جو گرهہ بنجي ويا آهن؛ لاتعداد جانئا جوان خونريزيءَ جو شڪار ٿي چڪا آهن؛ سوين عورتون رنڙ بڻجي ويون آهن، ۽ هزارين گهوٽ باهمي فسادن ۾ گهائل ٿي چڪا آهن. مطلب تہ فساد ۽ خونريزيءَ جهڙي هڪ ڏکي ندي آهي، جنهن ۾ سنڌي عوام جو رت مهاراجا ڏاهير جي شهادت کان هن وقت تائين وهندو آيو آهي. انهيءَ پوري سرگذشت ۽ ماجرا جي پيدا ٿيڻ، انکي مضبوط بڻائڻ ۽ اڳتي وڌائڻ لاءِ جوابدار ۽ ذميوار صرف غيرملڪي قبضو ۽ تسلط آهي. پر ان کي خام مال، غلام قومن جي پيرن، وڏيرن، سردارن ۽ مذهبي مهندارن جون پاڻ ۾ ڇڪريون ۽ هڪ ٻئي کان اڳڀائي وارو جذبو ئي موجود ڪري ڏيندو آهي. ٻاهرين ڦورو حاڪمن جو نظام پنهنجي شڪل ۽ صورت سان ئي اختلاف، انتشار ۽ فرقي پرستي جو حاصل هوندو آهي.

غلامي هڪ اهڙي لعنت آهي جيڪا نہ صرف قبيلن جو احساس ڏياريندي آهي، پر انهن قبيلائي اختلافن کي قوت، طاقت ۽ خوراڪ پهچائي، سردارن جي هڪ ٻئي جي خلاف ڇڪتاڻن سان همت افزائي ڪري، انهن جي پراڻن ويرن، پلاندن ۽ دشمنين کي چمڪائيندي رهندي آهي. انهيءَ ڪري قوم کي متحد ۽ منظم ڪرڻ لاءِ ويرن ۽ پلاندن جي ڇڪتاڻ سان آجو ٿيڻ لاءِ انهيءَ نظام ۽ انتظام جو خاتمو ڪرڻ ضروري ٿيو پوي، جيڪو قومي انتشار ۽ اختلاف جو ڪارڻ بڻيو آهي؛ اهو آهي غيرملڪي ۽ غيرقومي قبضو ۽ تسلط. حقيقت ۾ اندروني خرابيون، ٻاهرين قبضي جي ڪري ئي پيدا ٿينديون آهن. موجوده دور ۾ سنڌ اندر ذات وار تنظيمون، انهن جون تاريخون، انهن جا شجرا ۽ سنڌن سربراه مقرر ڪرڻ ۽ پوءِ انهن سربراهن ۽ سردارن طرفان حڪمران ٽولي جي فائدي ۽ تائيد ۾ بيان بازيون، سڀ قومي وحدت کي ڪمزور ڪرڻ، ڪنهن مضبوط قوم پرست تحريڪ جو رستو روڪڻ ۽ قبيلائي انتشار کي هوا ڏيئي، محڪومي کي گهڻو وقت جاري رکڻ جا حربا آهن. اهي طريقا، جيڪي پيپلس پارٽي سنڌ ۾ استعمال ڪري رهي آهي، يعني ذات ۽ قبيلي وار تنظيمون ۽ جماعتون ناهڻ سڀ تمام پراڻا آهن؛ ۽ هر جاءِ تي مقامي محڪوم ماڻهن جي خلاف استعمال ٿيندا رهيا آهن. انهيءَ سلسلي ۾

بيلڪي نظام جي فلسفي جو ماهر فرانز فينن لکي ٿو:

”ڪڏهن ڪڏهن حاڪم ٽولو، قوميت جي وڌندڙ شعور کي روڪڻ لاءِ، يا انجو رخ موڙڻ لاءِ هٿ پير هڻندو آهي. هو انهيءَ سلسلي ۾ انقلابين جي خلاف پيرن يا وڏيرن جي مدد وٺڻ بجاءِ قبيلن ۽ برادرين کي جماعتن جي صورت ۾ منظم ڪري، قومي تنظيم، جيڪا حاڪمن لاءِ حقيقي خطرو هوندي آهي، تنهن جي خلاف انتشاري گروهه پيدا ڪندو آهي، ۽ اهڙيون جماعتون ايرنديون آهن جن جو بنياد صرف نسل تي هوندو آهي. قبيلن جا قبيلا حاڪمن جي هدايت تي جماعتن جي صورت ۾ منظم ٿي، انقلابي قوم پرستي جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻيا آهن.“ اها صورت حال جڳن کان وٺي جاري آهي ۽ اختلاف ۽ انتشار جي باهه قومي وحدت جي قلعي ۾ ايتري قدر ته اثر ڪري چڪي آهي، جو سنڌي قوم جو لفظ ئي هڪ بي جان، ڏڙيل پکڙيل، بي ترتيب ۽ منتشر فردن جي انبوهه جي نشان دهي ڪري ٿو.

صدين کان وٺي قوم ۾ گهر ڪري ويل نفرت ۽ نفاق جي بيماري جي علاج جون گاهي ماهي ڪوششون ۽ ڪاوشون ٿينديون آيون آهن. انهن سڀني ڪوششن مان اسان جي صوفي بزرگن جي محبت واري تعليم کي وڏو مقام ۽ مرتبو حاصل آهي. صوفين، ناسوافق حالتن ۾ نه صرف مختلف مذهبي فرقن ۾ اتحاد آڻڻ جي ڪوشش ڪئي، پر وحدت الوجود جي نظريه جي بنياد تي مختلف مذهبن ۽ قومن ۾ پڻ محبت ۽ ڀائيچاري جو جذبو اڀارڻ لاءِ بي پناهه جدوجهد ڪئي، انهيءَ جدوجهد ۾ هنن کي بيشمار تڪليفون آيون، پوءِ به اهي پاڪباز ۽ مئي خانه محبت جا السقي مست پنهنجو ڪم ڪندا رهيا، پر انهن جي تعليم ۽ تربيت به امن ۽ آشتي جو سبق سيکارڻ جي باوجود سنڌ جي قومي وجود کي آزادي ۽ خود داري سان همڪنار ڪرڻ ۾ پوري ريت ڪامياب نه ٿي.

جيتوڻيڪ هي حقيقت آهي، ته مذهبي ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ، مختلف مذهبن جي پوئلڳن ۾ محبت ۽ ڀائيچاري جا جذبا پيدا ڪرڻ لاءِ جيترو ڪم سر زمين سنڌ جي صوفين سر انجام ڏنو آهي، اوترو شايد ئي دنيا جي ٻئي ڪنهن ملڪ جي ڪنهن مصلح پاڻ پتوڙيو هجي. تاهم انهن صوفين جون اصلاحون، رياضتون، سفقون، خانقاهون، ذڪر، اذڪار، ورد وظيفا ۽ ڪنڊن ۾ چلي ڪشيون، سنڌ جي عام

ماڻهو جي سمجهه ۽ پهچ کان ٻاهر هيون. جنهن ڪري انهن صوفين جي جهڙي شايد ئي ڪو ماڻهو وڌن فيضياب ٿيڻ لاءِ ويو هجي. پر انهن جي مرڻ کان پوءِ لکها انسانن جا سيڙ بزرگن جي قبرن تي اولاد ۽ رزق ۾ برڪت لاءِ وڃڻ شروع ڪندا هئا. جيڪڏهن ڪنهن بزرگ، صوفين جي مخصوص ماحول ۽ اصطلاح مان نڪري، وطن جي آزادي ۽ قوم جي معاشي، معاشرتي ۽ اقتصادي خوشحالي لاءِ پاڻ پتوڙڻ شروع ڪيو به آهي، ته وقت جي جابر حڪومتن، ڦورو ۽ غاصب حاڪمن ۽ ديسي دلالن، انهيءَ بزرگ کي صوفيءَ کان وڌيڪ سياستدان سمجهي، چٺي ۽ مشهور ڪري. ڪيس انتهائي بيدردي سان شهيد ڪري ڇڏيو آهي. مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت شهيد جا مثال سنڌ ۾ صوفين جي باشعور ۽ وطن دوست ذهنيت سان گڏ مخصوص مسلمان فاتحن جي ڌاڙيلن ۽ رهزنن واري ذهنيت جي نشان دهي ڪن. جيڪڏهن مسلمان اسپين تي حملو نه ڪن ها، جيڪڏهن هو ترڪيءَ تي يلغار نه ڪن ها، جيڪڏهن هو آفريڪا جي صحرائن ۾ مظلوم انسانن جي لاشن تي گهوڙا نه ڊوڙائين ها، جيڪڏهن هو برصغير هند جي مهندي رتڙيءَ تهذيب کي دونهانئيل نه بنائين ها، پر صرف مخدوم بلاول ۽ شاهه عنايت جي شهادت ئي هنن کي دنيا جي تاريخ ۾ هڻ معتولي جو مصداق بنائڻ لاءِ ڪافي هئي. ته مسلمان طاقتور هجڻ جي حالت ۾ بدترين ظالم ۽ ڪمزوري جي صورت ۾ بهترين فرمانبردار هوندو آهي. شايد اردو جو طنزنگار اديب شوڪت ٿانوي مسلمان فاتحن جي مخصوص ٽولي جي انهيءَ ذهنيت کان واقف هو، جڏهن هن هي حقيقت بيان ڪئي، ۽ شايد هن جي پوري ادبي عمر ۾ اهائي حقيقت سندس قلم مان نڪتي ته:

(۱) ڪمزور هو دشمن تو فولاد هے سوءِ من، انگريز هو حاڪم تو
اولاد هے سوءِ من

فرشتون کو هے شڪوه ڪه ڪم آميز هے سوءِ من حورون ڪو
هے شڪايت ڪه بهت تيز هے سوءِ من

سنڌ جي صوفين پنهنجي تعليم ۽ تربيت ذريعي سنڌ جي حاڪمن جي ذهنيت ۾ ايڏي عظيم الشان تبديلي آندي، جو هو مسلمان فاتحن جي جارحانه عادت تي هلڻ بجاءِ صلح، امن ۽ انسانيت دوستي جي عظيم قدرن جا علمبردار ۽ نگهبان ٿي رهيا. اها صوفين جي مي،

تعليم هئي، جنهن سنڌ جي بي بهاءَ لاڪيني ۽ درويش صفت بادشاه ڄام نظام الدين کان هي چوايو ته:

"اهو ڏينهن نه اچي جو آءٌ پنهنجي گهوڙي تي چڙهي پروارن بادشاهن تي حملو ڪريان."

صوفين جي انهي جماعت سان سر زمين سنڌ جو لا فاني انسان لطيف پيدا ٿيو. صوفين سان لطيف پهريون شخص آهي، جنهن سنڌي قوم جي زبان ۾ سندس عوامي اصطلاحن ۾ ساڻس ڳالهايو ۽ انکي صدين جي مصيبت کان ڇوٽڪاري لاءِ جنجهوڙيو. لطيف کي پڪي پر پروڙ هئي ته سنڌين جي پستي جو ڪارڻ غير ملڪي غلامي ٿيي آهي، اها اهڙي لعنت آهي جنهن سنڌين ۾ اختلاف ۽ انتشار جي پاڙهه پڪڙائي ڇڏي آهي. جڏهن هو چوي ٿو ته:

ڪٿا سنجهه قـرار هئا هيڪاندا سنگ ۾ ڳـالهي ڳاهه فـراق
جي ڪيا ڏارون ڏار نـــ چاڻا پيهار ڪير ملندو ڪنهن سان!

انهيءَ بيت سان هن خساس ۽ قوم جي نبض شناس حڪيم جي احساس ۽ سوچ جو اسانکي پوري ريت سراغ ملي ٿو. هو سنڌين کي اهو وقت به ياد ڏياري ٿو جڏهن اهي اتحاد ۽ پڌي جـي سنگ ۾ قرب ۽ قرار سان رهيا پيا هئا. پنهنجي پيدائشي سر زمين تي مزي ۽ آزاديءَ سان زندگي گذاريندا هئا. پر پوءِ فراق جو فرق پيو ۽ وطن جا فرزند، ذهني، سماجي ۽ نفسياتي طرح هڪ ٻئي کان ڏارون ڏار ٿي ويا. اهو فراق جو (ڳاهه) شاهه صاحب جي نظر ۾ ڏارين جا حملا آهن جون هلائون، غاصبن ۽ غلام بنائيندڙن جون چڙهايون، لٽيندڙن پيڙيندڙن جون هڪ ٻئي پٺيان ڪاهون آهن، جن پوري عزيز جي فرزندن جي ڳچيءَ ۾ غلاميءَ جو ڳٽ وجهي، کين ڇڙو ڇڙ، منتشر پريشان ۽ ڏارون ڏار ڪري ڇڏيو. کين معاشي ۽ اقتصادي طرح ابتريءَ ڏر تنگدست سڃا ۽ بکيا بنائي ڇڏيو جو هر ڪو پنهنجي گذران لاءِ پريشان ۽ حيران ٿي ويو. سنجهائن کنهن اعلي قدر ۽ نصب العين جي سوچ، ڳولا ۽ جستجو نڪري ويئي. انهيءَ حالت کان اڳتي وڌندي لطيف انسانن کي پڪين کان اتحاد ۽ وڳر ڪري رهڻ جو سبق سکڻ جـي تلقين ۽ تبليغ ڪري ٿو.

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾
پسو پکيئڙن، ماڻهو تنهين ميٺ ڪيئو!

پکين جي پاڻ ۾ پرت نہ ڇنڻ ۽ وڳڙ ڪيو وتڻ جو وڏو سبب هي آهي تہ هنن جي جنس سان ڪو بہ سندن محنت ۽ جدوجهد جي ڦل کان ڪين محروم نہ ٿو ڪري. هنن سان ڪو بہ ٻئي جي محنت تي ٿو پلجي، ڪنهن ۾ بہ سندن هر جنس سان وڙهڻ ۽ ڪونسڻ جي عادت ڪانهي. هنن جا ڏک ۽ سک، هنن جي زمين ۽ آسمان، هنن جا آکيرا ۽ آشيانہ، هنن جا گيت ۽ سرتيان مشترڪ، هڪ جهڙا ۽ گڏيل آهن. هنن جو مقصد هڪ منزل ساڳي ۽ ساڳي مقرر آهي. آئين ۽ چاڙهين سندن سرمايو، محنت ۽ مسلسل محنت سندن زندگي، جستجو ۽ تڙپ سندن ڪائنات، آزادي ۽ اڏام سندن انتهائي مسرت. انهي ابتڙ انسان ڇڙو ڇڙ انهيءَ وقت تين تہ جڏهن سندن محنت جو ڦل ڦريو وڃي، سندن جستجو تي بندش ۽ آزاديءَ سان هلڻ کان روڪڻ لاءِ سندن پيرن ۾ ڏنڊا پيڙيون وڌيون وڃن. لطيف وطن ڇاون ڪي اها آزادي ۽ نغميءَ واري زندگي گذارڻ جا ڏس پتا ۽ نشان ٿو ٻڌائي. حقيقت ۾ سنڌي قوم جي اتحاد ۽ آزادي جو ذهني، فڪري ۽ نظرياتي طور علمبردار ۽ پيامبر لطيف ئي آهي. اڄ بہ سنڌي دانشور جڏهن اهو چون ٿا تہ ورهاڱي وقت سنڌ ئي هئي، جتي جو انسان ۽ سر زمين ڪنهن بہ وڳوڙ، فساد، خونريزي ۽ ويڙهہ کان پاڪ رهيا، تہ اهو صرف لطيف جي تعليم جو اثر هو ۽ آهي.

لطيف اهو خوددار، غيرت مند، محب وطن ۽ با اصول شاعر ۽ مفڪر آهي، جنهن صوفين جي روايت کان بغاوت ڪندي، گوشي نشيني ۽ درويشي کي ترڪ ڪري، سنڌ جي معصوم ۽ ابوجهہ عوام سان رابطو قائم ڪيو ۽ فڪر ۽ مراقبي جي بجاءِ قوم پرستي ۽ وطن دوستيءَ جو پرچار ۽ مبلغ بڻجي ويو. هن آخرت جي بدران سنڌ ۽ سنڌي قوم جي شاندار ۽ روشن مستقبل لاءِ پنهنجون لاتيون، باتيون ۽ آيتون، تنبوري جي تنوار تي سنڌ جي ازلي ۽ ابدي فضا ۾ انبلت جي رنگن وانگر پکيڙي ڇڏيون. شاهہ وقت جي ودڪري کان ڌار ٿي، پنهنجي سدا زندهہ شاعريءَ کي درٻارن کان دور ڪري، سنڌ جي ڏنارن جي لافاني زبانن تي جاري ڪري ڇڏيو.

هن پنهنجي ڪشتي ۾ صرف اها خيرات قبول ڪئي، جيڪا سنڌ جي عوام ڪيس سرڪن ۽ لڙڪن جي صورت ۾ ڏني. جنهن [illegible] حقيقت کي ڪي دانشور هر دور لباس ۾ ڍڪائڻ جي ڪوشش [illegible]

تنهن حقيقت کي شاهه ننگي ٽيل ڏٺو ۽ محسوس ڪيو ته انسان ج
فطرت جڏهن صحيح معنيٰ ۾ بيدار ٿي پوندي، ان وقت مظلوم ظا
جي هر شيءِ کان نفرت ڪندو. انجي هر آج کي انتهائي حقارت
نفرت سان نڪرائي ڇڏيندو ۽ مظلوم لاءِ پنهنجي آقائن کي قتل ڪر
کان سواءِ ۽ انهن جي ڪوٺن کي ڪيرائڻ کان علاوه ڪوبه رستو
رهندو. جڏهن مظلوم انسان، ظالم ۽ غاصب قوتن کان ڪنهن به چڱائ
۽ نيڪيءَ جي اميد رکڻ جي بجاءِ مڪمل مايوس ۽ نا اميد ٿيو پوي
ان وقت هر وطن دوست قيدي جي روح ۽ ضمير جي گهراين مان ه
آواز نڪري ٿو ته: "سنهنجي آهه اهاں ڪڏهن ڪيرائيندين ڪو
کيي -" اهڙي وقت ۾ ڪما خيز ران ڪنهن هارون. رشيد جـو. بستر
گرم ڪرڻ بجاءِ انکي زندگي جي گرمي ۽ حرارت کان محرو
ڪندي آهي. ۽ صبح و يل ڪو ابونواس شاعري جـو قصيدو ڪٿي
در بار شاهي ۾ حاضر ٿيڻ بجاءِ گولين جو سينهن وسائيندو آهي.

ظالم طاقت لاءِ اهو ضروري نه آهي ته هرو پرو پاهران شيءِ
ٽيل هجي. اندرني قومي حاڪم جڏهن اگهاڙي آمريت ۽ عوامي راءِ
رجحانن، لاڙن ۽ اميدن جي قتل ۽ غارت گري تي لهي اچن، ۽ هنن ج
وقت جو اسي سيڪڙو حصو صرف پنهنجي ذات جي بچاءِ ۽ بقا ج
بندوبست جي تجويزن، اٽڪلن ۽ عياشيءَ جي تدبيرن تي خرچ ٿيند
هجي، اهڙي وقت ۾ اهو حاڪم پنهنجي پوري وجود، لاوءَ لشڪ
نظام حويلين ۽ ڪوٺن سميت دفن ڪرڻ لائق آهي. سوسرن چو مٿا
امان جي سامهون آهي. هو اهي باغيرت سنڌي هما، جن عرب ۽ پٺا
سامراج سان مڙسائيون چوٺون ۽ چڪريون ڪائي سنڌ ۾ نيج قوم
حڪومت جو بنياد پيو دفعو برپا ڪيو.

ليڪن انهن جو ٿي هڪ سردار ۽ حاڪم جڏهن ظلم ۽ قرله
تي لهي اچي ٿو، ان وقت شاه صاحب، انهيءَ (ڪوٽ) يعني پور
نظام، سسٽم، سرشتي ۽ دستور جي تباهي ۽ بربادي لاءِ مشورو ۽ ڏ
ٿو ڏئي. سوچڻ جي صرف هي ڳالهه آهي ته زياد تي صرف هڪڙي ماڻ
عمر جي آهي. ليڪن ماروئي انهيءَ پوري ڪوٽ کي ٿي مسمار ڪر
ٿي چاهي. جنهن ڪوٽ، جنهن تخت ۽ تاج سنڌ جي عوام کي ظ
جي گهاڻي ۾ پيڙڻ شروع ڪيو آهي ۽ جنهن سنڌ جي شاندار قو
۾ واجا ۽ پرجا ۾ نفرت ۽ نفاق پيدا ڪيو آهي، اهڙي ڪوٽ، اهڙ

ج ۽ تخت، اهڙي حڪومت ۽ بادشاهيءَ کي بهرحال ختم ٿيڻ گهرجي؛
۽ ته اها حڪومت، قوم ۾ اتفاق ۽ ٻڌي پڌيءَ بجاءِ نفرت ۽ انتشار
دا ڪري ٿي. اهڙي حڪومت جيڪا ملڪ جا پورا وسيلا پنهنجي ٿي
ناءَ جي چالن ۽ طريقن تي خرچ ڪري ٿي؛ عوام جي بنيادي حقن
۽ حفاظت بجاءِ انهن جي پائماليءَ ۾ سندرو ٻڌي قوم جون لڄون
ڻ شروع ڪري ٿي، تنهن کي باقي رهڻ جو ڪوبه حق ڪونهي.

۱۹۴۷ ۾ برصغير ۾ آيل ڀونچال، هن خطي ۾ جتي ٻين انيڪ
رابين کي جنم ڏنو، اتي شاهه لطيف جي فڪر ۽ انجي روشني ۾
سير ٿيندڙ تنهن سنڌ کي ڪاپاري ڌڪ هنيو. اهو ڌڪ هڪ قوم
ي ورهائي ڀڃ اڌ ڪرڻ، تهذيب ۽ ثقافت جي روايتن کي چڙوچڙ
ڪرڻ ۽ سنڌي قوم جي وجود جي مڪمل انڪار ڪرڻ لاءِ هڪ
وچيل، سمجهيل ۽ سٽيل سازش تي مبني هو. اهو حادثو جيڪو ٻيو ٻي
لاهور جي تخريبي ۽ سازشي ذهن جي پيداوار هو. تنهن صوفين،
رويشن ۽ الله لوڪن جي هزارها سالن جي محنت سان تعمير ڪيل
محبت ۽ الفت جي آکيري کي نفرت ڇپي باهه جي حوالي ڪري
ڏيو. وطن جي لازوال محبت ۽ بي پناهه عشق کي ڪفر ٺهرائي،
طرت جي صدين جي پالوت ۽ فياضي جي ذريعي وجود ۾ آيل حقيقتن
صداقتن تي انساني سازشن کي ترجيح ڏيئي، انسان جي سرڌبي ۽
ان جي بيعزتي ڪري سائنسي دور ۾ ڪن وهن، وسوسن ۽ ڦيڻن
ڪين جي آڌار تي ساڻهن ڪان وطن جا ڪک ۽ اباڻا اجها ڇڏايا
ن سرزمين تي جيڪي انسان صدين ڪان پنهنجي وجود ۽ شعور سان
سنڌ جي تاريخ ۽ تهذيب جي اوسر ۽ وفاداري جو سبب بنيا هئا،
ن جي سوچ ۽ لوچ سان وطن پرستي ۽ قوم پروريءَ جي روشنيءَ جا
ماحول ۽ ملڪ کي منور ڪندا رهيا؛ جن حق سچ ڪوڙيءَ
ٻڙيون ڏيئون، انسانيت دوستي جا نغما آلاپيندڙيون هيون، جن جي
ن نس ۾ لطيف جي پيغام ۽ فڪر جون سيخون لڳل هيون، جن جي
وجود کي سرزمين سنڌ جي هر سنڌ ۽ سوسم ۾ سونهن ۽ سچ، حسن ۽
ڦيئت، زندگي ۽ زنده دنيءَ جي جذبن جي تخليق جو ڪارڻ هئي
اهي ٿي هئا جن جي ڪري ساري ڏيهه ۾ خوشي ۽ خوبي، مسرت
محبت جي سرهاڻ ٻکيڙيل هئي. تن کي جلا وطن "جسماني، طرح ٿيو
هو. انهن جي جاءِ تي اهي ساٿهو آيا، جن جو هر اخلاقي قدر رتهائو

آهي. انهن جي نظريه ۾ مذهب پنهنجي نفرت جا انبار رت جون ندي
غلامن جون قطارون، پارڙن جون چيخون، پڪارون ۽ نڪل عصمتن ج
آبگينن جون ڪرچيون آهن. انهن جي تهذيب جو ڪل سرمايو چاپلوسي
بداخلاقي، خونخواري، ملڪ ۽ قوم سان غداري ۽ چڪلن جي شب بيدار
آهي. جن جي طبيعت ۾ فرساري، مزاج ۾ بدڪرداري ۽ سرشت
دغابازي آهي. انهن اڄي پنهنجي آقائن، ليڊرن ۽ سرپرستن جي نعرف
هن ملڪ کي پنهنجي ڪالوني بنائي وڌو آهي ۽ مقامي قوم
پوري ريت نو آبادياتي نظام ۾ جڪڙي ڇڏيو آهي. حقيقت ۾ پاهر
آيل ماڻهن جي هن ملڪ ۾ حيثيت اها ساڳي آهي، جيڪا ڪانگو
بيلجم جي، الجزائر ۽ گهانا فرانس جي ۽ انگولا، موزمبيق ۽ گني بس
۾ پرتگال جي هئي. اڄ جڏهن هي لفظ لکي رهيو آهيان ان وقت س
پڇي اڄ پنهنجي ملڪ ۽ قوم کي بينڪي نظام ۾ جڪڙيل سمجهان
مڃان ٿو سنهنجي] سامهون آفريڪا جي انهن ملڪن جو اسيل
سماجي ۽ معاشرتي نقشو موجود آهي، جيڪي يورپ جون ڪالونيو
بنيل هئا. انهن ملڪن ۾ مقامي ماڻهن جا اسڪول ۽ يورپي نو
جا اسڪول، مقامي ماڻهن جون بستيون ۽ يورپي حاڪمن جون بستيون
مقامي ماڻهن جون اسپتالون ۽ يورپي آبادگارن جا شفاخانا، هڪ ٻئ
کان مختلف، هڪ ٻئي کان پري، هڪ ٻئي کان اعليٰ ۽ ادن
هوندا هئا.

ساڳي حالت سنڌ ۾ سنڌين ۽ پناهگير جي رهائش ۽ بود باش
جي آهي. هڪ طرف لياري آهي، جنهن ۾ سنڌي رهن ٿا، جتي گند ڳ
اونده، بدبوءِ، بيماري ۽ پاڻيءَ جي اڻاٺ آهي. ٻئي طرف محمود آ
آهي، جيڪا پيرس جو ڏيک پيئي ڏيندي آهي. هڪ طرف عزيز آ
آهي، جيڪا هر وقت روشنين ۽ رنگن ۾ ٻڏل هوندي آهي، ته ٻئ
پاسي پانگريا ڳوٺ آهي، جنهن ۾ ديوين جا جهنگ، ڪچا جهوپڙ
مڇر ۽ ڪني پاڻيءَ جا دٻا آهن. پانگريا ڳوٺ ۾ جيڪڏهن ڪنه
غير سنڌيءَ جو گهر هوندو ته اهو وڏيري جي سوويت وانگر سينگاريل
هوندو ۽ عزيز آباد محمود آباد ۽ ظفر آباد ۾ جيڪڏهن ڪنهن سنڌي
جو گهر هوندو ته اهو ڪنهن بيوه جي بخت وانگر اونداهيءَ
ٻڏل هوندو. ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ پناهگيرن لاءِ نهيل اسڪو
زندگيءَ جي هر سهوليت سان مالامال ۽ سنڌ جي ٻهراڙيءَ جا اسڪو

ڏيڻي جي روشنيءَ کان محروم. اسپتالن جي ٻاهران سنڌي مريض اُتي پيا هوندا، جيئن بيابان ۾ ڪوچڙن جو قافلو ۽ پناهگير اسپتالن ۾ اُتي آرام سان هوندا جيئن عباسي خليفن جي محلاتن ۾ قصيده گو شاعر. ٻاهران آيل ماڻهن جي مسجد ۽ مقامي ماڻهن جي مسجد ۾ به فرق هوندو آهي. ٻاهرين جي مسجد ۾ خدا تعاليٰ جي اطاعت بجاءِ ظالمن، غاصبن ۽ بدڪردارن جي اطاعت جي تعليم ڏني ويندي آهي. اتي انساني اتحاد جهڙي عظيم مقصد کي پنيرو اپلائي، فساد، جهڳڙي، ننڍ وڏائي، ڪافر مومن، پاڪ پليت، جنتي دوزخي جي تقسيم جا پروانا جاري ڪيا ۽ ورهايا ويندا آهن. انهيءَ مسجد ۾ اعليٰ روحاني ۽ اخلاقي قدرن جي تعليم بجاءِ ابن قاسم ۽ اقبال تي ايمان آڻڻ جي تلقين ۽ تبليغ ڪئي ويندي آهي. مقامي ماڻهن جي عبادتگاهه معمولي ننڍڙي ۽ سادي هوندي آهي ۽ ٻاهران آيل ماڻهن جي عبادت گاهه ڪنهن حرام خور سيٺ جي پيٽ وانگر وڏي ڪشادي ۽ ويڪري هوندي آهي. اسان ڏسون ٿا ته هڪ طرف ٻاهران آيل ماڻهو آهن. جيڪي علم، هنر، فن ۽ ڪاريگريءَ جا مالڪ بڻايا ويا آهن. جن وٽ بيشمار دولت آهي، عاليشان جايون آهن، بي انداز دڪان ۽ تجارتي مرڪز آهن، بهترين کاڌا آهن، خوبصورت ڪپڙا آهن، وندرگاهون آهن. ٻئي پاسي ڪارائيل چهرا، ڏٻرا ۽ بيمار جسم، ڦاٽل ڪپڙا، بکيا پيٽ، اجهي کان محروم. اهو آهي سنڌي عوام هن سرزمين جو اصلي مالڪ. مطلب ته هتي ڏيڍ ڪروڙ آدم رهي ٿو، هڪ ڪروڙ سنڌي ۽ اڌ ڪروڙ غير سنڌي. هر طرح جي مصيبت ٻهرين جي حصي ۾ ۽ هر طرح جو عيش ۽ آرام پوئين جي ڀاڱي ۾. انهن ٻنهي جي وچ ۾ ننڍا وڏا زميندار، اسلام پسند دانشور ۽ نقلي ڪميونسٽ ورڪر، ننهن کان چوٽيءَ تائين ڪوڙا، مصنوعي ۽ بناوٽي، جن جو ڪم دلالي آهي. اهڙا دانشور، ورڪر ۽ انهن جا استاد گهمنڊڙ ڪوڙ ۽ ڳالهائيندڙ فريب آهن. جڏهن به سنڌي عوام سان ٿيندڙ ڄنين، ناانصافين ۽ حق تلفين خلاف آواز اٿاري ٿو، رڙ ڪوڪ ٿو ته هڪدم اهي دانشور ورڪر فلسفي ۽ تعليمي ماهر وڏي دانائي، ڏاهپ ۽ (خيرخواهي) سان سنڌين کي چون ٿا، ته نفرت چڱي شيءِ ڪانهي. اهي اسلامي، پورهيت ۽ انسان پيار آهن. هي سڀ ڪجهه هنن محنت ۽ جاکوڙ سان حاصل ڪيو آهي. هي نوان سنڌي آهن ۽ توهان پراڻا سنڌي آهيو.

نون ۽ پراڻن سنڌين جي اصطلاح تي۽ هن وقت سونکي سينيگالي قوم پرستن جو هي مقولو ياد اچي رهيو آهي، جيڪو هنن صدرسينگهور جي يوروپين سان متعلق پاليسي تي چيو هو:

”اسان جو مطالبو ۽ گهر آهي، ته آفريڪي عوام کي آفريڪا جي ذري ذري جو مالڪ ۽ مختار بڻايو وڃي ۽ اسانجو ليڊر يوروپين کي آفريڪي بنائڻ جوڻ ۽ مشهور ڪرڻ ۾ مشغول آهي.“

هي پنهنجي جاءِ تي حقيقت آهي ته قومون نيون يا پراڻيون نه ٿينديون آهن ۽ نه وري سرزمين سنڌ قومن ٺاهڻ جي مشين يا فيڪٽري آهي، جنهن جو ڪم صرف هي هجي ته روز قومن جا نوان ماڊل تيار ڪندي رهي. جيڪي ماڻهو لڏ پلاڻ ۽ ڪنهن منصوبي تحت پاڪ نالن جي آڙ ۾ هتي اچي، هن ملڪ ۽ انجي عوام جو استحصال ڪن ٿا ۽ پنهنجو رشتو صرف آسماني اعلانن تي رکن ٿا، تن جو سرزمين سنڌ سان ڪوبه واسطو نه آهي. اهي سنڌي قوم جي هڏن ۾ ذرو به پائيدار نه آهن. اهي سنڌي قوم جو جزو، حصو ۽ پاڳو نه آهن. جيترو وقت هتي رهيا، اسان انهن کي ائين تصور ڪنداسين، جيئن انگريز برصغير ۾ ۽ فرينچ الجزائر ۾.

سنڌ جو عوام پنهنجي مجبورين لاچارين ۽ بيوسين جي باوجود سمجهي ٿو ته ڌارين وٽ جيڪا دولت آهي، تنهنجو بنياد سنڌين جي غلامي تي رکيو ويو آهي. انهن ماڻهن جي گورن جسمن ۾ سنڌي عوام جو رت آهي. انهن جي دڪانن جي رونق ۾ سنڌي قوم جي پگهر ۽ پورهئي سان اضافو ڪيو ويو آهي. اهو سڀ ڪجهه سنڌي قوم جي ملڪيت آهي، جيڪا ڪانئن اسلام جي آڙ ۾ ڦري ويئي آهي.

نئين سنڌ ۾ اهو احساس ته هتي جي هر شيءِ جو مالڪ سنڌ جو بهادر ۽ دلير عوام آهي، نهايت تيزيءَ سان پکڙندو پيو وڃي ۽ سنڌ جي هر طبقي ۽ پيشي جو ماڻهو پنهنجي وطن جي حيثيت ۽ ڪيفيت کان پوري ريت واقف ٿيڻ لڳو آهي ۽ هن وقت جنهن قسم جي راند هن ملڪ ۾ رچائي پئي وڃي جنهن قسم جي کيڏ کيڏي پئي وڃي، تنهنجي خاتمي لاءِ سنڌ جي شهري آبادي ٽوڙي ڀڄائڻ جا وهاڪو کي قدر پاڻ پتوڙڻ لاءِ تيار ٿيا آهن. هن وقت اسان کي وايو منڊل ۾ جيڪا سجاڳيءَ ۽ جاڳرتا جي سرهاڻ ۽ جوت نظر اچي ٿي، گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ سنڌ جي ڳالهه جو هڪل آهي، ٻاڙيءَ ٻاڙي تي

ڪي ٻول ۽ ونگ رتول آهن، ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڪنهن انوکي گيت جي گونج آهي، سا ڪا خود بخود ڦوڪ ڏيڻ سان يا ڪنهن بزعم خود برک ڏاهي جي قلمي اٽڪ ساري سان پيدا ڪانه ٿي آهي. جهڙي حالت هن ملڪ ۽ قوم جي ١٩٤٧ع کانپوءِ ٿي هئي. تنهنڪري ڏسي ڪير ٿي چئي سگهيو ۽ ڪنهن ٿي گمان ڪيو ته سنڌ ۾ وري به لطيف جي لات پنهنجو اثر ۽ تاثير ڏيکاريندي. پر جهڙيءَ طرح عربن، ايرانين، مغلن، ارغونن ۽ پٺاڻن جي مسلسل حملن ۽ يلغارن ذريءَ گهٽ سنڌيت جي وجود کي ناس ۽ نابود ڪيو هو ۽ انجي انهيءَ جارحيت جي خاتمي جي علامت لطيف جي روپ ۾ ظاهر ٿي ۽ لطيف جنهن سڪار ۽ آبادي جو خواب ڏٺو سو غلام شاه جي دور ۾ مڪمل ٿيو. بلڪل ساڳي طرح انگريزن جي اچڻ ۽ وڃڻ پناهگيرن، پنجابين جي وارداتن سان سنڌ ۽ سنڌي قوم کي پنهنجو وجود صحيح سلامت رکڻ، اڳتي وڌائڻ ۽ پنهنجي تاريخي حيثيت مڃائڻ لاءِ جدوجهد ۾ ڀرپور حصو وٺڻ لاءِ قدرت جي. ايم. سيد کي پيدا ڪيو. هن عظيم ۽ اڏول شخصيت سازشن ۾ گهيريل سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ اهو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪو لطيف پنهنجي لافاني پيغام ذريعي تخليق ڪيو هو.

ڏکين وقتن ۾ چڙو چڙ ٿيل قومن ۾ ڪي شخص پنهنجي جدوجهد ۽ قربانيءَ ذريعي قومي اتحاد ۽ عوامي جوڙڪاريءَ جي راه ۾ نشانيون بڻجي ويندا آهن. هنن جو وجود قومي جدوجهد جي تاريخ جو عنوان هوندو آهي. ۽ هو آزاديءَ جي تاريخي رفتار جا سنگ ميل هوندا آهن. جن کان سواءِ آزاديءَ جي تحريڪ غير معروف بڻجي ويندي آهي."

"اڄ جي سنڌ ۾ جي. ايم. سيد ٿي اها شخصيت آهي، جنهن سنڌي قوم جي هڪ طرح نئين سر تجديد ۽ اوسر ڪئي آهي. هن ٿي سنڌين کي ٻڌايو ته هي ٻاهران آيل ساڌو جيتوڻيڪ ٻئي، هنر ۽ تعليم جي زور تي سنڌ کي پيلي ويا آهن، پر انهن کي پنهنجي تاريخ، پنهنجي اڳين جي حشر ۽ فطرت جي انقلابي پهلوئن سان سبق پرائڻ گهرجي ته ظالم ۽ غاصب قوتون، تمام تر ظلم ۽ تشدد جي باوجود، ڪٿي به ڪامياب نه ويون آهن، نه ڪانگو ۾ جتي مظلوم شيدين جا هٿ وڍيا ويندا هئا، نه انگولا ۾ جتي غير مطمئن انسانن جي

ڇپن ۾ سوراخ ڪري تالا لڳايا ويندا هئا. نه الجزائر ۾ جتي ڏهه لک انسان قتل ڪيا ويا ۽ نه ملاغاسڪر ۾ جتي هڪ سال ۾ ٩٠ هزار ماڻهو ماريا ويا، نه ڪينيا ۾ جتي ١٩٥٢ع ۾ به لک انسان قتل ڪيا ويا ۽ نه بنگله ديش ۾، جتي نون مهينن ۾ ٣٥ لک انسان ظلم ۽ جبر جو شڪار ٿيا.

غاصبن وٽ دليل ڪا به حيثيت نه ٿو رکي. هي بدترين قسم جا وحشي آهن، جيڪي رڳو طاقت جي اڳيان جهڪي سگهيا آهن، تنهن ڪري پاڻ ۾ طاقت پيدا ڪريو ۽ سنڌ ۾ پيدا ڪيل وحشت ۽ بربريت کين پوري طاقت سان واپس موٽائي ڏيو.

جي-ايم سيد جي انهيءَ آواز ۽ پيغام کي جن نوجوانن پڙهيو، سمجهيو ۽ انتي عمل ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ نڪتا، انهن هزارها پرجوش ڪارڪنن مان هڪ عبدالواحد آريسر به آهي، جنهنجي تحريرن جي جي ڪتاب تي آءٌ هي به اکر لکي رهيو آهيان.

سندس پهريون مجموعو پرهه جو پيغام ۽ هي ”صدين جون صدائون“ پڙهڻ کان پوءِ جيڪا ڳالهه مون محسوس ڪئي آهي، سا هي ته مصنف پنهنجي قومي تاريخ ۽ تهذيب جي دفاع ۽ بچاءَ جي سلسلي ۾ انتهائي جذباتي ۽ جارح بڻجي ويو آهي. منهنجي خيال ۾ اهو ردعمل آهي، سامراجيت ۽ انجي نمائندن جي طرز عمل جو، جيڪو هنن عربن جي حملي کان وٺي، پناهگيرن جي اچڻ تائين، سنڌ جي قديم ۽ شاندار سڀيتا ۽ روايتن سان اختيار ڪيو آهي.

هر ايندڙ سامراج دستور موجب اهو مشهور ڪيو ويو آهي ته سنڌي ماڻهو اڻ پڙهيل، جاهل، وحشي ۽ ڏنار هئا، جن کي اسان اچي مهذب بڻايو آهي ۽ جيڪڏهن اسان هتان هليا وياسين، ته هيءَ وري تاريڪيءَ جي اونهيءَ کڏ ۾ ڪري پوندا ۽ ڪڏهن به نڪري نه سگهندا. انهي پس منظر ۾ مصنف جي لهجي جي ڪوڙاڻ سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي.

هن جي رد عمل جي پٺيان، هڪ عظيم، شاندار، آزاد ۽ باوقار قوم جي تشڪيل، فروغ ۽ ابار جي خواهش ۽ تمنا کي به نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي. جيڪا هر انهيءَ شيءَ کي ڊاهڻ، پٽڻ پورڻ ٿي چاهي، جا سندس راهه ۾ رڪاوٽ ٿي بڻجي ۽ سنڌ جي حقيقي وجود کان انڪار تي مبني هجي.

آريسر جي باري ۾ آءٌ ڪجهه به لکڻ نه ٿو چاهيان. صرف سنڌ جي عظيم مورخ ۽ مفڪر سيد حسام الدين راشديءَ جي انهيءَ خط مان هڪ ذڪرو پيش ڪرڻ تي اڪتفا ٿو ڪريان، جيڪو هن صاحب سنڌ جي قومي شاعر نياز همايونيءَ کي لکيو هو!

برادرم نياز

"پيغام ۾ عبدالواحد آريسر جي تقرير پڙهيم، تقرير پڙهي ايمان تازو ٿيو، نه صرف تازو ٿيو پر پاڻ وڌيو. خدا جو شڪر آهي جو پاڻ وٽ اهڙا لعل لين ٿا.

ملي ته منهنجا سلام ڏجوس ۽ پاڪر پائجوس، خداوند ڪريم کيس صحت ۽ وڌيڪ توانائي عطا ڪري."

انهيءَ کان وڌيڪ آءٌ ڪوبه تبصرو ڪرڻ پنهنجي لاءِ غير ضروري ٿو سمجهان، هر پڙهندڙ پاڻ ئي فيصلو ڪندو ته سنڌ جي باري ۾ سندس محبت ۽ صداقت ڪيتري حد تائين پهتل آهي.

خادم لاکير
ايم. بي. بي. ايس ڏيون سال
ايل-ايم-سي جامشورو سنڌ

آڻ نہ ٿيڇي مور

سائين جي- ايم سيد جي سالگرھ
جي موقعي تي ڪيل تقرير.

”غلام ملڪن ۾ عظيم شخصيتون اهي هونديون آهن جن سامراجي قبضي جو وڏي دليري ۽ بهادري سان مقابلو ڪيو هجي.
غلام ملڪن ۾ جڏهن پنهنجي قومي هيرن جي ياد گرم جوشي ۽ تحرڪ جو سبب بنجي، ان وقت سمجهڻ گهرجي تہ قوم اڳتي وڌڻ لاءِ تيار آهي.“

”لينن“

صدر محترم ۽ سائيو!

گذريل سال هن تاريخ ۽ ڏينهن تي ڪراچي ۾ گڏ ٿيا هئاسون، هٿين خالي، بي سروساماني جي حالت ۾. اسان جي انهيءَ سادي گڏجاڻيءَ حاڪمن جي دلين ۾ موت جي ڏڪڻي پيدا ڪري ڇڏي، ۽ هنن جون پيشانيون، ڊپ ڳاڙهي ڪاوڙ کان ڪال ڳرل جي بستري وانگر گهنججي ويون. نتيجي ۾ سنڌ وزارت جي ٽنهين گهوٽ، پنهنجي سرمي جو مظاهرو ڪندي، گرفتارين جو هڪ نه کٽندڙ پر جلدي ٽٽندڙ سلسلو شروع ڪرائي ڏنو آهي، جيڪو اڃا تائين جاري آهي.

اسان گذريل سال سنڌ جي عظيم قومي اڳواڻ جي سالگرهه تي جيڪو وچن ڪيو هو، تنهن تي عمل ڪندي وٺ پڪڙ جي طوفان کان بيپرواهه، وري گڏ ٿيا آهيون. اڄ ڪارونجهر کان ڪشمور تائين، اسانجي سوچ ۽ لوچ هڪ آهي. اسان جا ارادا جواني جي امنگن وانگر تازا آهن. اسانجي عمل ۾ تازگي، توانائي مضبوطي ۽ سچائي آهي. اسانجا مخالف انهيءَ ڇوڪريءَ وانگر، جيڪا خوبصورت مستقبل جي تمنا ڪٿي گهران نڪري ۽ بازار حسن ۾ پهچي وڃي، پنهنجي اٺين چار ۾ ڦاسي چڪا آهن. هر ظالم ۽ جابر حڪومت عوامي طاقتن جي اوسر کان هميشه خوف زده رهندي آهي، انهيءَ ڪري هو عوامي قوت جي فطري اپار کي ڪيسن، وارنٽن، سزائن، گولين ۽ ڦاسين ذريعي هيسائڻ ۽ دٻائڻ چاهيندي آهي. حقيقت ۾ جڏهن ڪابه حاڪم ٽولي انهن ڪمن تي لهي اچي، ته پڪ سمجهڻ گهرجي ته هو اندر ۾ انتهائي ٻڏل آهي ۽ پنهنجي ڊپ کي لڪائڻ جا طريقا استعمال ڪري رهي رهي آهي. اهي طريقا سندس ڪمزوري جو دليل آهن، خوف جو اقرار آهن، ۽ بزدلي جو اعتراف آهن. انهن ئي حربن، چالاڪين ۽ حرفتن جو استعمال، هو هن پيري به ڪندي، جو ته جي. ايم سيد جي سالگرهه تي قوم پرست ۽ وطن دوست طاقتن جو گڏجڻ، هن ملڪ جي رجعت پسند، بدبودار ۽ خونخوار حاڪمن، انهن جي پاساريدارن سندن سائين ۽ ينگ پائيوارن لاءِ موت جي علامت ۽ نشاني آهي.

هر غاصب ۽ ظالم موٽ ڪان ڊڄندو آهي ۽ پنهنجي بچاءَ لاءِ هٿ پير هڻڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هو پهرين اسان تي ڪيس ڪن، سزائون تجويز ڪن، ۽ پوري پاڪستان جو ڪاغذ اسانجي ڪيس ناهڻ ۾ خرچ ڪن، مگر هو اسان کي جهڪائي نه ٿا سگهن، پنهنجي نظر ئي تان هٽائي نه ٿا سگهن. اهي سا گهڙيا ماڻهو سياڻي اسانجي فتح جا منتظر هوندا. دوستو! منهنجي اچوڪني گالهه پولهه جو عنوان آهي "جي. ايم سيد جي خود داري":

خود داري هڪ اهڙي وصف آهي، هڪ اهڙو قدر آهي ۽ هڪ اهڙو گڻ ۽ جوهر آهي، جيڪو آفاقي ۽ دائمي آهي، انسانيت، ملڪن قومن ۽ شخص لاءِ عزت، احترام، وقار ۽ مان جو سبب رهيو آهي. جيڪي قومون، ملڪ ۽ شخص، انهيءَ گڻ کان خالي رهيا ۽ انهن خودداريءَ کي بازار جي مٽائي سمجهيو، سي نه صرف انسانيت جي مجموعي واڌاري لاءِ ڪارگر نه ٿيا، پر پنهنجي وجود کي برقرار رکڻ ۾ به ناڪام ويا آهن. انهيءَ ڪري ڦورو طبقن، حاڪمن ۽ غاصب ماڻهن جو اهو دستور رهيو آهي، ته هو مظلوم ۽ محڪوم ماڻهن مان انهيءَ گڻ کي نچوڙي ۽ نپوڙي ڪڍي وٺندا آهن. خود داري جيو مطلب آهي، ته انسان پنهنجي ذاتي حيثيت ۽ تاريخي طرح حالتن کيس جيڪو ڪم سونپيو آهي، انجو پورو احساس رکي ۽ انهيءَ احساس کي هر حالت ۾ باقي رکڻ لاءِ جيڪو ڪجهه پيش اچي، تنهنجو مڙس ٿي مقابلو ڪري، ڪنهن به حالت ۾ آنچ نه اچي، انهيءَ جو باقي رکڻ ئي هن وقت سڀ کان وڏو اعزاز هجي.

خودداري جا ڪيترائي قسم آهن، انهن مان شخصي خودداري ۽ قومي خودداري وڏي اهميت جا حامل آهن. جي. ايم سيد انفرادي خودداري جو هن ملڪ ۾ هڪ مثال قائم ڪيو آهي. هن هر انهيءَ شيءِ کي حقارت سان ٺڪرائي ڇڏيو آهي، جنهن مان سندس خودداري کي ڌڪ لڳڻ جو انديشو پيدا ٿيو هجي. هن پنهنجي شخصي وقار کي قائم ۽ دائم رکڻ لاءِ وقت جي وڏين وڏين آڇن کي رد ڪري ڇڏيو آهي انهيءَ سلسلي ۾ آءٌ به مثال، پيش ڪندس:

(١) ستر جي چونڊن کان اڳ هن ماڻهن جي صلاح هئي، ته جي. ايم سيد پيپلز پارٽي جي اتحاد سان ٺهت ۾ ڪهت قومي اسيمبليءَ جي سيٽ حاصل ڪري وٺي، پر سيد صاحب جو چوڻ هو ته

سنڌنجي لاءِ اليڪشن ۾ شڪست ايتري خراب نه آهي، جيتري پيپلز پارٽي جي معرفت اسيمبلي جي رڪنيت حاصل ڪرڻ.

پيو دفعو اليڪشن کان پوءِ بنگله ديش مان هڪ ليڊر آچ ڪٺي ته، سيد صاحب. مجيب الرحمان جي خالي ڪيل سيٽ تان اليڪشن لڙي. انهيءَ پيڪش جي جواب ۾ سيد صاحب چيو ته مون ڪڏهن به ڌارين جي ڪلهي تي هٿ رکي بندوق نه هلائي آهي. بنگال مان اليڪشن ڪٽڻ، سنهنجي اصول ۽ روايات جي خلاف آهي." سونڪي جڏهن پنهنجي قوم ٿي نه چونڊيو آهي، ته پوءِ اسيمبلي ۾ وڃي ڪهڙو چڱو سڙس سڏبس. اندازو لڳايو ته هڪ انسان جي خودداري، وقت ۾ پنهنجي عروج تي آهي، جڏهن ڪشمير کان ڪراچي تائين جا سياستدان اهڙي اسيمبليءَ ۾ وڃڻ لاءِ پنهنجو عيال ۽ آل گهوري لاءِ تيار آهن ۽ جن جو نعرو آهي ته "ڪرسي مرابده وڪفش بر سرم بزن" يعني اسانکي ڪرسي ڏيئي جڏيو پوءِ ڀلي متي تي پادر هڻندا رهو. اهڙي وقت، اهڙي ماحول، اهڙي دور ۽ اهڙي سمي ۾ هڪ انسان پنهنجي مجليل آڪيري جا ڪک گڏ ڪري، محلات تعمير ڪري رهيو آهي، صدين جي اجهاسيل آگ کي ٻيهر ٻارڻ لاءِ صدين جي سوڌائي ساميءَ وانگر ڏيٺڙي جي وٽ موري ويٺو ۽ ڪوئي الستي چنگ چوري پيو. هنجي خود داري ايڏي مٿاهين آهي، جو انکي جهڪائڻ لاءِ لالچ ۽ لوڀ جي هوا به پهچي نه ٿي سگهي. ڪير آهي؟ جو هن گندي ماحول، ابن الوقتي ۽ موقع پرستي واري سياست جي سٽي خاني مان پنهنجي پڳ سلامت ڪٺي ويو هجي؟ هتي اديب جو قلم وڪائو، عالم جو علم نيلام ٿيو، مولوين جون دستارون فروخت ٿيون، سياستدان جو ضمير اقتدار جي چڪيا تي چڙهيو، دانشور جي فڪر تي واڪ لڳو. شاعرن جو ڪوتائون اطلاعات کاتي جا اشتهار بڻيون، ۽ پرهيزگارن جي چوغن جا بخيا نٽي پياه پر هي ماڪيءَ کان مٺو ۽ زهر کان ڪوڙو، پوڙي کان نرم ۽ فولاد کان سخت انسان، چٽي رهيو آهي، ته اسان پنهنجو دامن نچوڙيون ته فرشتا وضو ڪن. سنڌس انهيءَ خوبي ۽ خصلت کي ڏسي سنڌ جي عظيم شاعر نياز همايوني چٽي ڏنو، ته :-

"تنهنجو عشق اتاهون هر جابر جي ذات اڳيان
تنهنجو ڪنڌ جهڪڻ جو ناهي ڪنهن ٻي لات منات اڳيان

آڏا آيــا ڏاڍ گهڻا پـر تـوکي الکو اوڏو نـاهي،
هر ڪنهن پنهنجو اصل ڇڏيو پر تنهنجي اصول کي لوڏو ناهي.

انهيءَ وضاحت مان اندازو لڳائي سگهو ٿا، جي. ايم. سيد جي ڪردار جي پختگيءَ ۽ طويل صبر آزما جدو جهد ۾ سندس استقامت جو، ڇو تـہ جنهن شخص ۾ انفرادي خود داري نـہ آهي، جنهن ۾ پنهنجي ذات جو احساس ناهي، جنهن کي انفرادي شخصيت کي محفوظ رکڻ جو فڪر ڪونهي، سو اجتماعي خود داري تي ڪيئن سوچي سگهندو؟ جيڪو ماڻهو پاڻ ٻئي جي محتاجي هر قدم تي نـہ صرف قبول ڪرڻ لاءِ تيار هجي، پر انتي فخر ٿـو ڪري، سو قوم کي محتاجي مان ڪيئي، خود دار ۽ غيرت مند بڻائڻ جو سوچي نـہ ٿو سگهي. اسانکي هي ڳالهہ سوچي ۽ سمجهي ڇڏڻ گهرجي، تہ جنهن ماڻهو هڪ دفعو پنهنجي خود داري قربان ڪئي، ۽ جنهنکي وڪامڻ جو مزو ۽ سلهہ معلوم ٿيو، اهو ڪڏهن بہ سڌري نہ ٿو سگهي.

اها ڳالهہ سون جي. ايم. سيد جي انفرادي خود داري متعلق چئي آهي. هاڻي آءٌ سيد صاحب جي قومي خود داري جي متعلق ڪجهہ چوڻ چاهيان ٿو:-

١٩٤٥ع جو سن آهي، هندوستاني حڪومت جي گرمي جي دارالحڪومت، شملي جي ٿڌين هوائـن ۾ ٿـهيل ايئرڪنڊيشنڊ ۾ هندوستاني مسلمانن جو خود ساختہ باباءِ قوم ويٺو آهي. پيشاني تي ڪاوڙ ۽ فڪر جا گهرا نشان اٿس، تہ هڪ نوجوان اعتماد ۽ بيخوفيءَ سان ڪمري جو آٽوميٽڪ دروازو کولي انـدر داخل ٿئي ٿو، ۽ جناح صاحب سان ڪن سياسي مسئلن تي انتهائي جوش ۽ تيزيءَ سان ڳالهائي ٿو، اهو نوجوان جي. ايم. سيد هو.

جناح صاحب سندس گفتگو پڌي چوڻ لڳي ٿـو، تـہ "سيدصاحب سونکي تنهنجين ڳالهين مان بغاوت ۽ قوم پرستي جي بوءِ اچي رهي آهي، انهيءَ ڪري مان سمجهان ٿو تہ اسان جون واٽون جدا ٿيڻ تـي آهن."

سيد صاحب پنهنجي ڪتاب "نئين سنڌ لاءِ جدوجهد" ۾ لکي ٿو تـہ جناح جي انهيءَ چوڻ کان پوءِ سنهنجي لاءِ بـہ رستا ٻنهيل هئا: هڪ طرف اهو شخص هو، جنهنکي آءٌ قائد اعظم چوڻ تي هريل هوس، جنهنکي هندوستاني مسلمانن جو نجات دهندو سمجهندو هوس ۽

ٻي طرف منهنجو ديس سنڌ هو.

اها سنڌ جتي ٽيرهن پيڙهين کان منهنجي وڏن جون هڏيون پوريل هيون ۽ جنهن سرزمين کي منهنجي ابن ڏاڏن وهانءُ لاءِ مقدس مقامن تي ترجيح ڏني هئي. اها سنڌ جتي جا ڪارو ماڻهو صدين کان سورن ۾ سڙندا پئي آيا. اها سنڌ جتي جا معصوم ۽ ابهم ٻارڙا پيرين اگهاڙا علم جي روشني کان محروم هئا. اها سنڌ جنهنجي انسانن کي هر دور ۾ بيدردي سان چيريو ڪٽيو ۽ غلام بڻايو ويو هو. اها سنڌ جنهن کي وانديڪو بڻائي، فاتحن پيرن سان پئي لتاڙيو هو. ۽ اها سنڌ جنهنجي قسمت جا فيصلا هن وقت به لکنو جا هٿ ٺوڪيا نواب ۽ دليءَ جا ٺڳ ڪرڻ چاهين ٿا. آءٌ پنهنجي پيرين ۾ پئي ٻڌس ۽ ٽريس منهنجي خوش اعتقادي جي تقاضا هئي، ته جناح جو طرف وٺان ۽ منهنجي خودداري، قومي غيرت ۽ حب الوطني جي تقاضا هئي، ته سنڌ جو طرف وٺان. مون وطني محبت جي تقاضا کي مد نظر رکي، جناح ۽ انجي مسلم ليگ کان بغاوت جو اعلان ڪيو. منهنجي انهيءَ اعلان شرط، پوري هندوستان مان مونکي خط پهتا، ته ساري ديس جا ترقي پسند تنهنجي انهيءَ قدم جي حمايت ۾ آهن. پر جڏهن مون پنهنجو سفر شروع ڪيو، هر قدم تي جناح جي آمرانه ۽ عاجلانه فيصلن ۽ قدمن جي مزاحمت ڪئي، ۽ مسلم ليگ جي جڙتو مسلم قوميت جي نظريه جا پردا چاڪ ڪرڻ شروع ڪيا، ته ڪوبه ترقي پسند مون سان شامل نه ٿيو. سڀ ساٿي ساٿ ڇڏي ويا. ڪجهه ٿڪجي پيا، ڪجهه لڇڪي ويا، ۽ آءٌ اڪيلو رهجي ويس. اهڙي وقت ۾ شاهه لطيف جي هن بيت منهنجي رهنمائي ڪئي ته:

سکن واري سنڌ، متان ڪا مون سان ڪري،

اندر جنهن اُٿ ڏونگر مٿي ڏوريندئيون.

مون سوچيو ته اڄ جيتوڻيڪ اڪيلو رهجي ويو آهيان. ساٿهو يارن وانگر ڪوڙن وانديڪن تي هرڪجي منهنجو ساٿ ڇڏي ويا آهن، پر مونکي يقين آهي، ته منهنجو ناتو سنڌ وطن جي تاريخ ۽ تهذيب سان ڳنڍيل آهي. منهنجي پنهنجي بيشمار تاريخي ۽ تهذيبي روايتون آهن. مونکي مهاراجا ڏاهر ۽ دولهه دريا خان جو رت پڪاري چئي رهيو آهي، ته اهوئي رستو آهي، جنهن سان سنڌ جي عوام کي حقيقي آزادي ملڻ واري آهي. مونکي پنهنجي انهيءَ ناتا...

ٻئين جي روشنيءَ ۾ فيصلو ڪيو، ته سنڌ جو هي سٽل شير ضرور جاڳندو. اهي ميدان ۽ ماٿريون، اهي شهر ۽ واهڻ جتي ڪڏهن اسان جي ابن ڏاڏن جو رت وهيو آهي، جتان سنڌين جي گهڻين ۾ غلاميءَ جا زنجير وجهي، ايران ۽ عربستان جي گهٽين ۾ وڪيو ويو آهي، سي آزاديءَ جي متوالن جي گونج ۽ گرج سان تپي اٿندا. دوکيءَ جي ديوار ڀڄندي، جهونا گڙھ ڄهرندو، ڪاڪ ڪرندي ۽ سنڌ رو سوڍل ماڻيندو. اهو آهي سيد صاحب جي تحرير جو سندن لفظن ۾ مطلب.

(٢) تاريخ جو ورق ورقي ٿو. ڪراچي جي ايئرپورٽ تي يونين جيڪ بدران باز نظيمي شهنشاهيت جي علامت وارو جهنڊو جهولڻ لڳي ٿو. ديسي ديس ڇڏي، پرديس پيڙا ڏين ٿا. سنڌ جي شهرن ۾ ليار جي رس جهڙي مٺڙي زبان سنڌيءَ جي بجاءِ ٻوهه ول جي ٻاڙ جهڙي ٻوليءَ جو واهپو شروع ٿئي ٿو. دليءَ جا ٽنگ ۽ واجد عليءَ جا وارث، ڪراچي کي ڪنڊ لاءِ واڳون وارا وات ڦاڙيو اڳتي وڌن ٿا. سنڌ جو مسلمان، مسلمانيءَ جي آڌم جي پنڪين ۾ آهي. انهيءَ وقت هيءُ اڪيلو انسان آهي، جيڪو اسان کي سنڌ جي سياسي قبرستان ۾ عيسيٰ وانگر "قم بازني"

(اي نند وهوڙل وسئيو! پنهنجي آواز سان سجاڳ ٿيو) جو نعرو هڻندو نظر ٿو اچي.

(٣) وقت ٻيل گاڏيءَ جي رفتار سان اڳتي وڌي ٿو. ١٩٥٣ع سنڌ اسيمبلي جي ايوان ۾ حاڪمن جي هشمتن کان بيپرواھ، نظرياتي زهر کان محفوظ اهوئي انسان، سنڌي ٻوليءَ کي سنڌ جي سرڪاري ۽ قومي ٻوليءَ بنائڻ لاءِ قرارداد پيش ڪري، اڪيلي سر پنهنجي زنده جاويد لفظن جي خوشبوءِ سنڌ جي فضا ۾ ٻکيڙيندي ۽ سنڌ جي سياسي ڪيمت ۾ سچائي ۽ سونهن جا موتي پوکيندي ڇٽي رهيو آهي:

"جناب عالي! مونکي پرواھ نہ آهي ته پنهنجي اسيمبليءَ جي سيٽ وڃي ٿي يا بچي ٿي، پر سان سنڌ جي عوام جي آواز کي اوهان ڏانهن پهچائي رهيو آهيان، ته سنڌي زبان کي هن صوبي جي سرڪاري ۽ قومي زبان بنائڻ جي اوهان تائيد ڪريو جيڪڏهن اوهان اڄ انهيءَ رض ۾ گتا، ته پوءِ ايندڙ سنڌي، جيڪا شاندار ۽ پهاڻ پيري هوندي، تنهن ۾ اوهانجو نالو غدارن جي لسٽ ۾ لکيو ويندو."

دوستو! اوهان ٿورو انهن لفظن جي لهجي، اعتماد ۽ خود داريءَ تي غور ڪريو، ته آءٌ اوهانکي اڄ کان چوڏهن سو سال اڳ جو هڪ واقعو ٻڌايان!

قريشي صاحب! رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم کي جڏهن سندس دشمن لالچ ڏيڻ کري تڏهن پنهنجي سگهورن جيڪو کين جواب ڏنو هو، سو هي آهي ته "جيڪڏهن منهنجي هڪ هٿ تي سج ۽ ٻئي تي چنڊ رکيو وڃي، ته به آءٌ پنهنجي فرض ادائي کان نه هٽندس ۽ مونکي يقين آهي ته اهو وقت جلدي ايندو، جڏهن آءٌ ڪامياب ٿيندس، ۽ هڪ عورت شام کان سون سڄي هٿ ۾ اڇلائيندي ايندي، پر ڪانئس ڪوبه ڦرڻ وارو نه هوندو." پنهنجي ڳالهين ۾ جيڪو اعتماد آهي، گهٽ ۾ گهٽ مونکي انهيءَ ۾ ڪوبه فرق نظر ڪونه ٿو اچي.

(٤) چهرا بدلجن ٿا، دليءَ جي تگن بجاءِ سندن جانشين پنجابي اڳتي وڌن ٿا. سنڌ جي ٿالي ۽ نشان مٽائڻ کان اڳ جي-ايم-سيد کي قيد ڪيو ٿو وڃي. سالن جي قيد سان آزادي ملڻ تي ٻاهر نڪري، نظر ڪري ٿو، ته سنڌ جا زمين ۽ آسمان بدليل نظر اچنس ٿا. ذات سنڌي سياستدان ون يونٽ جي چڪري ڪنوار سان لائون لهڻ لاءِ پنهنجي واري جي انتظار ۾ پنجابي نڪاح خوان وٽ قطار ڪريو بيٺا آهن ۽ سڄي سنڌ وائڙي تي ڏسي رهي آهي.

سائين خود هڪ دفعو مونکي ٻڌايو ته ون يونٽ ٽوڙائڻ لاءِ جدوجهد دوران هڪ دفعو آءٌ ان وقت جي گورنر جنرل سان مليس ۽ کيس چيم ته ون يونٽ ٽوڙيو. هن چيو ته ون يونٽ پاڪستان جي اتحاد لاءِ ضروري آهي، انهيءَ ڪري ٽوڙڻ جو سوال ئي پيدا نه ٿو ٿئي. سون چيو ته "جيڪڏهن توهان ون يونٽ نه ٽوڙيندؤ، ته اسان پاڪستان ٽوڙينداسين."

وقت انهيءَ اعتماد ۽ خود داري جي سچائي، ٢٠ صديءَ جي سڀ کان وڏي واقعي جي صورت ۾ تاريخ جي صفحن تي هميشه لاءِ چٽي ڇڏي آهي.

(٥) ستر جي اليڪشن ۾ شڪست ملڻ کان پوءِ چند شاگرد ورندي جي-ايم-سيد وٽ ويا ته سائين جنهن قوم اوهان کي نه سڃاتو آهي، تنهنکي ڇڏي ڏيو. سيد صاحب جو جواب آهي ته "قوم مونکي نه سڃاتو آهي، پر مون قوم کي سڃاتو آهي. منهنجو

ساٿس ناتو السني آهي. جيڪو فتح ۽ شڪست کان بالاتر آهي، سندنجي هر شڪست فتح جو پيش خيمو ثابت ٿي آهي. جناح پيري شڪست کان پوءِ حيدر بخش جتوئي ۽ شيخ اياز ايري آيا، جن قوم پرستي کي اڳتي وڌايو. هي شڪست وري کي اڻ سوت انساني ايآريندي جيڪي سندو ديش جي قيام لاءِ جدوجهد ڪندا."

انهيءَ پوري سفر گذشته سان اوهان چڱيءَ طرح سمجهي ويا هوندو ته سيد اعظم جناح سان بغاوت وقت جيڪو وچن ڪيو هو، تنهن سان سورنهن جا ارڙهن آنا وفادار ۽ سچو رهيو آهي.

هتي هڪڙي ڳالهه جي وضاحت ضروري ٿو سمجهان، اها هئيءَ ته ڪاسريڊ اسٽالن ٻي جنگ عظيم وقت تقرير ڪندي چيو هو، ته يونان ۾ هڪ ديوتا هوندو هو، جنهن کي ڪشتيءَ ۾ ڪوبه ديوتا شڪست ڏيئي نه سگهندو هو. هڪ دفعي ڪشتي جي ساليانيءَ مقابلي ۾ ٻاهران آيل هڪ ديوتا اچي جادوگر کان يوناني ديوتا جي شڪست نه کائڻ جو سبب پڇيو. جنهن تي جادوگر جواب ڏنو ته انهيءَ ديوتا جا پير زمين کان مٿي نه ٿا کڄن، تنهنڪري هنکي ڪوبه ديوتا مات ڪري نٿو سگهي. ٻاهران آيل پهلوان ڪنهن ترتيب ۽ ترڪيب سان ناقابل شڪست ديوتا کي وارو ڪٽي زمين تان پير چڏائي، شڪست ڏيئي ڇڏي. ڪاسريڊ اسٽالن انهيءَ مثال کي مدنظر رکي چيو ٿي ته، جيڪي قومون ۽ فرد پنهنجي مادر وطن سان پنهنجو ناتو مضبوط ڳنڍيل رکن ٿا، تن کي ڪوبه مٽائي نه ٿو سگهي، ڪاسريڊ اسٽالن جي انهيءَ مثال سان اوهان جي.ايم سيد جي ڪردار جو اندازو لڳائي سگهو ٿا، ته هو هر شڪست کان پوءِ اٿي اڀريو آهي جيئن برسات کان پوءِ ڏٽ جا سلا. انهيءَ جو واحد سبب سرزمين سنڌ سان سندس السني انٽنا آهي.

مون اڳي هڪ دفعو لکيو هو ته پاڪستان جو حاڪم ٽولو، جماعت اسلامي کان ايڏو خوفزده ناهي جيترو جي.ايم سيد ۽ سندس پيدا ڪيل تحريڪ کان ـ چو ته هن ٽولي کي خبر آهي ته جماعت اسلامي هوا ۾ بيٺل آهي ۽ اهڙيون ڪيتريون تحريڪون ختم ٿي ويون. جيئن خاڪسار ۽ مسلم ليگ. سگر جي.ايم سيد جي تحريڪ جون پاڙون هن سر زمين جي تاريخ ۽ روايت جي پاتال ۾ کتل آهن ۽ هن سهاراجا ڏاهر کان وٺي شهيد عبدالرزاق سومري تائين ... قبرن تي آزاديءَ ۽

حريت جا گل رکي، سنڌ جي حريت پسند تاريخ ۾ هڪ تسلسل قائم ڪيو آهي. اهڙي تحريڪ ڪڏهن به ختم ٿي نه ٿي سگهي. انهيءَ ڪري منهنجي اوهانکي گذارش آهي، ته پنهنجي ليڊر جي نقش قدم تي هلو ۽ سندس تعليمات تي عمل ڪريو.

اسان جو ليڊر سادگي جو مجسو آهي پر اسان عرب رياستن جي بگڙيل شهزادن وانگر هوٽلن ۾ پئسا ۽ وقت ضايع ڪريون ٿا. اسان جو ليڊر مخالفن لاءِ به نيڪي ۽ محبت جا جذبا رکندڙ آهي ۽ اسان پنهنجي ئي ساٿين جي گريبانن سان وڙون ٿا. اهو اسان سڀ جي فڪر تي عمل نه ٿا ڪريون پر الٽو انکي نقصان پهچائي رهيا آهيون.

ڄڳو جيئي سنڌ-ا

واٽ ۽ لاٽ

شهدادپور جي سيڪنڊري استادن جي يونين جي نمائندن جي مان ۾ سنڌي ادبي سنگت شهدادپور طرفان ڏنل دعوت ۾ صدارتي تقرير —

”هر غلام ۽ پٺتي پيل ملڪ جي سڄاڻ وچولي طبقي کي گهرجي ته هو جيڪو به علمي ۽ فني سرمايو غاصبن ۽ لٽيرن جي يونيورسٽين مان حاصل ڪيو آهي سو عوام جي بيداري ۽ آزاديءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏي.“

فرانز فينن

عزت لائق استاد ۽ سائين!

آءٌ سنڌي ادبي سنگت شهداد پور جو نهايت ٿورائتو آهيان، جو ان جي نوجوان ۽ پرجوش اديبن، استادن جي مان ۾ ڏنل دعوت ۾ مونکي شريڪ ٿيڻ جو موقعو عنايت ڪيو، جو آءٌ استادن جي ساٿيون سنڌن، پڙهايل، سيکاريل ۽ پڙهايل سبق دهرايان، جيئن مونکي به خبر پوي ته آيا مون ملئيل سبق پڪو ڪيو آهي يا نه؟

حقيقت هي آهي ته دنيا جي ملڪن ۾ جيڪڏهن ڪو به فرد پوري سوسائٽي، معاشري ۽ ماحول ۾ عزت ۽ احترام، مان ۽ شان، وقار ۽ عظمت سان ڏٺو وڃي ٿو، ۽ جنهن کي ڏسڻ شرط انهيءَ قوم جي انسانن جون پيشانيون ان ماڻهو جي عظمت جي محرابن ۾ سجدا ڪرڻ لاءِ بيقرار هونديون آهن، سو صرف استاد آهي ۽ بس!

برصغير جي سڀ کان وڏي ۽ تهذيبي اهميت رکندڙ ملڪ ڀارت جو پهريون صدر بابو راجندر پرشاد، تعليمي ماهر هو ۽ ٻيو صدر رادا ڪرشن استاد هو. ٽيون صدر عزت ماب ذاڪر حسين پڻ استاد هو. آمريڪا جو ڪو به صدر جيڪڏهن صدارت تان لٿو آهي، ته ان ڪنهن ڪاليج ۽ يونيورسٽي ۾ پروفيسر ٿيڻ پسند ڪيو آهي. صدارت کان به وڌيڪ مان ۽ مرتبي وارو سمجهيو آهي، جو ته اتي جي ماڻهن کي استاد جي اهميت ۽ حيثيت جي پروڙ ۽ پرک آهي ۽ هنن کي خبر آهي ته سياڻي جو ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، فلاسفر، سياستدان، نفسياتي ماهر، ڪامياب واپاري ۽ اقتصاديات جو ماهر هڪ عظيم استاد جي هٿي تعليم ۽ تربيت جي ذريعي پيدا ٿي سگهي ٿو. اهوئي سبب آهي ته عوام دوست ۽ عوامي ڀلائي چاهيندڙ ملڪن ۾ قومي بجيٽ جو وڏي ۾ وڏو حصو تعليم تي خرچ ڪيو ويندو آهي ۽ استاد سالي طرح شاندار طريقي سان زندگي گذاريندو آهي. پر آهي ملڪ جتي جي حڪمران ٽولن، ٿوري طبقن ۽ غاصب جتن جو مقصد صرف حڪومت ڪرڻ، عوام کي بکيو ڏکيو، جاهل ۽ بدحال رکي، کين هميشه لاءِ محڪوم ۽ مجبور ڪرڻ هوندو آهي، اهڙن ملڪن ۾

بجيٽ جو وڏو حصو فوج ۽ پوليس تي خرچ ڪيو ويندو آهي. اتي
عزت فوجي سولجر ۽ پوليس جي سپاهي جي هوندي آهي. اتي مان
وارو اهو هوندو آهي، جنهن جي هٿ ۾ ڏنڊو ۽ ڪلهي تي بندوق
وڪيل هوندي آهي. اهڙن ملڪن ۾ پڙهيل ماڻهو، استاد ٿيڻ بجاءِ
پوليس وارو ٿيڻ پسند ڪندو آهي ۽ گريجوئيٽ نوجوان پروفيسر ٿيڻ
کان فوجي ڪئپٽن بڻجڻ پنهنجي لاءِ مفيد سمجهندو آهي. اهڙن ملڪن
۾ استاد رٽائر ٿيڻ کان پوءِ مختيارڪار جي آفيس ٻاهران سرعام
پرول جناح ڪيپ پائي، پيلو چشمو چاڙهي، عريضي لکندو آهي. اهو
سڀ انهيءَ ڪري آهي، جو اتي جا حاڪم طبقا نه چاهيندا آهن
ته عوام ۾ صحيح تعليم پکڙي، ۽ ماڻهو پنهنجي زندگي جو شانائتو
وٺ ڏسن، هنن کي پنهنجي حيثيت جو احساس پيدا ٿئي، هو ڦرلٽ،
ظلم، ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جو اصل [redacted] معلوم ڪري، پنهنجي خوشحال
زندگي لاءِ مڙس ٿي ميدان ۾ مقابلي لاءِ نڪري نروار ٿين. حاڪم
چاهيندا آهن، ته ماڻهو اڻ پڙهيل رهن، هر روز ڪاوڙ تي چڙهي ۽ ڌاڙيل
ٿين، جيئن انهيءَ نئين خون ۽ نسل کي گوليءَ جي ذريعي ختم ڪن.
يا ته هو اسڪول جي اڌوري واهيات ۽ دقيانوسي تعليم مان وحشي،
بيغيرت، بدمعاش ۽ بيرحم ٿي نڪرن، جيئن کين فيڊرل سڪيورٽي
فورس، فوج، پوليس، اسٽرائڪنگ فورس ۾ ڀرتي ڪري، سندن جسماني
۽ ذهني صلاحيتن جا گوڏا مسم وانگر چٿي مفلوج بڻائي ڇڏين ته ته
هو ڪنهن ذهني ۽ اخلاقي حرڪت چرپر ۽ هلچل جا اهل ٿي نه
رهن. هو جيڪڏهن ڏسن ته صرف اشاري سان، ٻڌن ته وائرليس جو
آواز، هلڻ چاهين ته حڪم وسيلي، گفتگو ڪن ته گوليءَ جي زبان ۾
بس! نه هو نانگ بڻجن، وڇون بڻجن، بگهڙ ۽ ڪتا ته بڻجن، پر انسان
نه بڻجن، اهو سبب آهي، جو هتي استادن کي پنهنجي گذر سفر لاءِ
پنهنجي محنت جي معاوضي لاءِ ۽ پنهنجا ڏکيا سکيا ڏينهن ڪاٽڻ لاءِ
رستن تي مظاهرا ڪرڻا ٿا پون. پر نتيجي ۾ حڪومت کين ڇا ٿي ڏئي؟
پوليس جا ڏنڊا، ڳوڙها گيس، جيل، نوڪرين تان برطرفيون ۽ غليظ
الزام ۽ گاريون! استاد ويچارو سڀني ڳالهين جي باوجود پنهنجو فرض
پورو ڪري رهيو آهي، هو ڏسي ٿو پسي ٿو ته هن سبب سندس ٻارڙا
ته تعليم کان محروم آهن. پر هو پوءِ به قوم جي ٻچن کي زيور
تعليم سان سينگاري رهيو آهي. انڌير اهو آهي جو استاد لاءِ جيڪو

لفظ هتي استعمال ڪيو وڃي ٿو، سو انتهائي حقارت آميز ۽ خسيس حيثيت رکندڙ آهي. انگريزي جو لفظ ماسٽر (Master) جنهنجي معني آهي، پنهنجي فن، پيشي ۽ سبجيڪٽ ۾ ماهر. انگريزي ۾ سني ادب، بهترين شعر ۽ لاجواب انساني ڪي "ماسٽر پيس" ڪري ڪوٺيو ويندو آهي. اهو ماسٽر اسان وٽ ٿري ٿيو ماستر ۽ وڏيرن ۽ حاڪمن جي محاوري ۾ استاد يعني (ٽڪي جو ماستر) يا ماسترڙو يا ٺري ٻولي ۾ (ماسترڙيو). سو سائين منهنجا! جيڪا هستي قومن وٽ عظمت جو نيشان آهي، روشني جو ذريعو آهي، قومن جي اخلاقي علمي ۽ ذهني لياقتن، اهليتن ۽ صلاحيتن جي علامت آهي ۽ قومي نعمتن جو امين آهي، تنهنجي عزت اسان وٽ اها وڃي بيٺي آهي. اهڙين حالتن ۾ اسان سڌرون ته ڪيئن؟ اسان ترقي ڪريون ته ڪهڙي نموني؟ تعليم عام ٿئي ته ڪهڙي طريقي سان؟

سڪندر يوناني جو قول آهي ته "ماءُ پيءُ ٻار کي آسمان تان لاهي هيٺ آڻيندا آهن، ۽ اهو صرف استاد ئي آهي جيڪو کيس فرش تان کڻي عرش تي پهچائيندو آهي، ذهني علمي ۽ فڪري طرح." پر اسان ته خود استاد کي آسمان کان لاهي، زمين جي ڪنهن گندي نڪري تي اڇلائي ڇڏيو آهي.

اسان استاد جون نظرون ڪتاب کان هٽائي، پوليس جي ڏنڊي تي ڪپائي ڇڏيون آهن. انهيءَ صورت ۾ ٻار آسمان تي پهچڻ بجاءِ تحت الثري ۾ ڪرندو. ٻارڙي جي حفاظت بجاءِ لچن جو لُٽيرو بڻبو. علم جو امرت پيئڻ بجاءِ چرس جا سوٽا هڻندو. زندگي لاءِ جدوجهد ڪرڻ بجاءِ وڏيرن جا بوٽ پالش ڪندو. اسڪول وڃڻ بجاءِ سئنيما جو گيٽ ڪيپر ٿيندو لائبررين ۾ وڃڻ بجاءِ ڪٽن ۽ چڪلن ۾ ويندو يا فيڊرل سيڪورٽي فورس ۾ ڀرتي ٿيندو. ڳالهه سڄي هڪڙي آهي!

معزز استادو! ڪنهن ڪتاب ۾ پڙهيو هوم، ته فلسفي جو تعلق دماغ سان، سائنس جو جسم سان ۽ ادب جو واسطو دل سان آهي. دل جڏهن اداس ٿيندي آهي ته ميران ٻائي جي تنبوري جون تارون ٽٽي پونديون آهن ۽ ڪائنات ساري ٻنجي ويندي آهي. دل جڏهن مستيءَ ۾ ايندي آهي، ته ڀارڙي جهرڻن سان سهاڳ جا گيت ڳائيندا آهن. دل جڏهن ڳائيندي، ته آسمان ۾ انڊلٺ جا رنگ اپرندا آهن. دل جڏهن بوڏ ۾ پرچي ايندي آهي، ته شاهه جو سر سارنگ جنم وٺندو

آهي ۽ دل جڏهن بغاوت ڪندي آهي ته هيمون ڪالاٽي پيدا ٿيندو آهي. اها ساڳي دل استاد وٽ سادي ۽ سفيد ڪاغذ وانگر ايندي آهي. اهو پوءِ استاد تي ڇڏيل آهي ته انهيءَ ٻار جي، سادي ڪاغذ وانگر پيدا ٿيل دل تي ڇا ٿو لکي؟ انهيءَ ئي ڪاغذ تي جو انجيل، گيتا ۽ قرآن به لکي سگهي ٿو، ”مين ڪئمف“ به لکي سگهي ٿو، ”پرنس“ به لکي سگهي ٿو ”داس ڪيپٽال“ به لکي سگهي ٿو، ”گيتان جلي“ به لکي سگهي ٿو، ”شاهه جو رسالو“ به لکي سگهي ٿو، ”موجوده سياسي مسئلا“ به لکي سگهي ٿو، ته ”عظيم الميو“ پڻ.

بين لفظن ۾ اگر چونڊ چاهيان ٿو، اهو تعليم ۽ استاد تي مدار رکي ٿو ته مستقبل جو انسان ڪهڙي نموني جو هئڻ گهرجي.

اسڪول ۽ ماحول، ميڪاولي، هٽلر، ميسوليني، فرانڪو، تو جو چيانگ ڪائي شيڪ، زار، سالا زار ۽ ٻيئي ڪي جنم ڏئي ٿو ۽ اهو پڻ استاد اسڪول ئي آهي، جتان مارڪس، لينن، گانڌي، ٽيگور ۽ جي - ايم - سيد زندگي جو فلسفو ڪٿي اچن ٿا.

دوستو! ٦٢ع صدي يورپ ۾ جديد دور جي آغاز جي صدي آهي. هن صدي کان يورپي قومن نه صرف پنهنجي اندروني معاشرتي ۽ معاشي زندگي جي پراڻن قدرن ۽ روايتن کي آهستي آهستي اڇلائڻ شروع ڪيو، نه صرف پراڻي جاگيرداري نظام ۽ شهنشاهيت جي ونگن ۾ تبديلي آندي، پر پنهنجي صنعتي نظام کي مضبوط بنيادن تي بيهارڻ لاءِ ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن، قومن ۽ حڪومتن کي مڪر، فريب ۽ طاقت ذريعي غلام بنائڻ، پنهنجي صنعت لاءِ ڪچو مال هٿ ڪرڻ ۽ پنهنجي ملڪن ۾ تيار ٿيل شين کي پنهنجي غلام بنايل ملڪن ۾ وڪڻڻ شروع ڪيو. اهو دور يورپ جي اڳتي وڌڻ جو سبب بڻيو، ته ايشيا ۽ آفريڪا جي ملڪن لاءِ ذلت، غلامي محڪومي خواري ۽ پسماندگي جو سبب بڻيو. انهيءَ دور هلندي، ساڳين مقصدن کي مد نظر رکي، انگريزن هن برصغير تي قبضو ڪيو. سنڌ تي انگريزن جي حڪومت جيتوڻيڪ ١٩ صديءَ جي وچ داري باقاعدي طور چالو ٿي، پر سامراجين جا اثر هتي تمام اڳيائو پوڻ شروع ٿي چڪا هئا. ٻاهرين طاقت اچڻ شرط پراڻي نظام تعليم کي درهم برهم ڪري ڇڏيو ۽ انجي جاءِ تي هڪ اهڙي قسم جو نظام تعليم جاري ڪيو جيڪو سامراج جي مقصدن کي هٿي ڏيندڙ هو.

انهيءَ تعليمي سرشتي رائج ڪرڻ مان انگريزن جا ٻه مقصد هئا.
(۱) پڙهڻ جو مقصد نوڪري، انگريزن کي خبر هئي، ته غلام ملڪن ۾ ڌارين حاڪمن خلاف جدوجهد جي شروعات جيڪڏهن ٿي سگهي ٿي، ته اها صرف پڙهيل ڳڙهيل ۽ باشعور طبقي مان ٿي سگهي ٿي، انهيءَ ڪري هنن تعليم جو مقصد محدود رکيو، اهو هو صرف نوڪريءَ ۽ نوڪري جيئن ته حاڪمن جي هٿ ۾ هئي، تنهن ڪري هنن تعليم کي ايترو محدود رکيو، جو ايترا ماڻهو پڙهي سگهن، جن کي سرڪار نوڪريون ڏئي سگهي، جيئن اهڙا ماڻهو بيروزگاري جي ڊپ کان حڪومت وٽ هميشه مجبور رهن ۽ ڪو به باغيانه خيال دل ۾ نه آڻين، جو سرڪار جي خلاف ڪا جدوجهد جنم وٺي سگهي. بدقسمتي سان انگريزن جي وڃڻ کان پوءِ ديسي سامراج به تعليمي سرشتي کي جيئن جو پوءِ تيئن باقي رکيو آهي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو آهي، جو پڙهيل طبقو ٿورڙو ۽ ڏاڍو عوام جي اڪثريت اڻ پڙهيل ۽ جاهل رهجي ويئي آهي ۽ انهن ٻنهيءَ ۾ سماجي ۽ معاشرتي سطح تي هڪ خال پيدا ٿي ويو آهي. انهيءَ خال ڪيترين ئي برائين ۽ خرابين کي جنم ڏنو آهي.
(۲) انهيءَ تعليمي سرشتي مان انگريزن جو ٻيو مقصد هو، پڙهيل ماڻهن کي سست ۽ ڪاهل بڻائڻ. ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي پرآسائش زندگي ۽ آرام طلبي شاگردن کي ايتري قدر ته سست بڻائي ڇڏيو، جو هو پڙهڻ کان پوءِ انهيءَ زندگي ۾ سوٽي وڃڻ لاءِ تيار ڪونه هئا، جنهن زندگي ۾ سندن سائٽ رهيا پيا هئا. پڙهيل جيڪڏهن ڌاري جو پٽ به هو ته انهيءَ هر کي ويجهو وڃڻ نه ٿي چاهيو. مزدور جو پٽ هو ته اهو محنت مزدوري ڪري ماني ڪائڻ لاءِ تيار ڪونه هو. هنڪي نوڪري کپندي هئي يا ڪو اهڙو ذريعو جنهن سان بناءَ محنت جي آسائش ملي سگهي. اهو ساڳيو طريقو اڄ به جاري آهي. شاگرد وقت جي حڪومت جي دلالي ڪري، پرمٽون وٺي، عيش ڪن ٿا، پر محنت لاءِ تيار ڪونه آهن. ڪنهن حڪومت خلاف جدوجهد ڪرڻ ۾ جن تڪليفن جو تصور آهي، انهن کي هو برداشت ڪرڻ لاءِ قطعي آماده نه آهن. نتيجي ۾ سامراج جي دلالي ڪري به پئسو حاصل ڪن ٿا. اوهان استادن کي شاگردن مان انهن انهيءَ بيمارين جو خاتمو آڻڻو آهي.

ٻيءَ ڳالهه سنڌ ۾ ڪنهن به تنظيم يا تحريڪ کي عام ماڻهن تائين پهچڻ جو سڀ کان سگهارو ۽ ڪارائتو ذريعو صرف استاد ئي آهن. هي ملڪ جنهن جو تن ڏرين طوفان، هڪ سوچيل سمجهيل سازش ۽ منصوبي تحت مسلسل استحصال ڪيو پيو وڃي، جتي جي عام ڳوٺاڻي ماڻهوءَ کي هن ٢٠ صديءَ جي سائنسي، سماجي ۽ سياسي فائدن کان محروم رکيو پيو وڃي، جتي جي انسان کي ضروريات زندگي کان وانجهيل رکڻ لاءِ هن دور ۾ ٿورڙو ٽولن غاصب طبقن ۽ بدمعاش حرفتي ماڻهن منظم نموني پنهنجو پروگرام ٺاهيو ۽ انتي عمل ڪيو آهي. هن عظيم الشان تهذيبي ورثو رکندڙ قوم ۽ ملڪ جو سياسي طرح پنجابي استحصال ڪري، آبادي جي بنياد، فوج جي طاقت ۽ سول سروس جي قابليت جي آڌار تي پنهنجو سامراج قائم ڪريو ويٺو آهي. هتي جي شاندار زبان ۽ قابل فخر تهذيب جو استحصال پناهگيرن جي حقير اقليت اردو زبان ۽ اسلامي تهذيب جي پرفريب تمرن ۽ نظرين ذريعي ڪري رهي آهي. معاشي ناهمواري جي هاڃي کي سنڌ جو ٻڏرو ٻاني رهيو آهي، انهن خالتن سنڌي ادب، تهذيب ۽ ماضي جي روايت کي ڪنهن ڌڪ هنيو آهي. عوام تائين پهچڻ جا سڀ ذريعا جهڙوڪ اخبارون ۽ رسالا، ريڊيو ۽ ٽيليويزن، سئنيماگهرن ۽ تيئٽر، تقرير ۽ تحرير سڀني تي هنن ٺٺهيءَ غاصب ٽرين جو قبضو آهي. جنهنڪري صحيح سوچ، آزاديءَ جو پيغام، قومي احساس ۽ وطن جي خوشحالي ۽ حريت جو سبق عوام تائين پهچائڻ سياسي ڪارڪن ۽ قومي ورڪر لاءِ انتهائي دشوار بنجي ويو آهي. سياسي ورڪرن جي چرپر ۽ گفتگو تي حڪمران اهڙي طرح جوڪسي ڀريل نظرون کپايو ويٺو آهي، جيئن بازار حسن جو پڙدو ٿين قبائلي طوائف جي چرپر تي نظر رکندو آهي.

اهڙي حالت ۾ استاد ئي آهن، جيڪي ڪوڪرا پار کان ڪراچي تائين ۽ ڪارونجهر کان چنڊ ڪوٽ تائين، هر ڳوٺ ۾ پنهنجي عوام هارين، پورهيتن، ڪڙمين، ڪاسبين، اوٺين ۽ ريڍارن سان رات ڏينهن لهه وچڙ ۾ ايندا ويندا آهن. اهو قدرت هڪ شاندار موقعو سنڌ لاءِ مهيا ڪري ڏنو آهي. اوهان استاد هن وقت سنڌ جي تاريخي فرياد کي جيڪڏهن ٻڌو ٿا ۽ اهو فرياد عوام ۽ پنهنجي شاگردن تائين پهچايو ٿا، ته اهو تاريخ جو هڪ شاندار باب ٿيندو ۽ وطن عزيز حو

موٽيءَ اوهان جي انهيءَ بهترين ڪارنامي ۽ لاجواب ڪردار لکڻ کان سواءِ اڳتي وڌي نه سگهندو.

اوهان جاگرافي جي سبق ۾ اهو ڪجهه چئي سگهو ٿا، جيڪي چوڻ لاءِ اسان کي پريس تائين پهچڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. اوهان تاريخ ۾ ايترو ڪجهه پڙهائي سگهو ٿا، جنهن جي هن وقت ويهين صديءَ جي مظلوم سنڌ کي ضرورت آهي ۽ جيڪڏهن اوهان پنهنجي بهترين ذهني صلاحيتن کي ڏاهپ سان استعمال ڪيو ته يقيناً غلام سنڌ آزادي لاءِ اٿي تيار ٿيندي.

اڄوڪو زمانو ۾ مثال سنڌ کي سوڙهي اٿندي ۽ اهو فاصلو جيڪو دنيا جي قومن صدين ۾ طئي ڪيو آهي سو سنڌ سالن ۾ طئي ڪري وٺندي. ڇو ته اوهانجي تربيت ۽ تعليم ذريعي سنڌ کي به ڪو لينن، ڪو مائو، ڪو هوچي من، ڪو ڊاڪٽر چي گويرا، ڪو سوئيڪارنو، ڪو نهرو، ڪو گانڌي، ڪو ٽيٽو، ڪو ناصر، ڪو بن بيلا، ڪو ڪاسترو ۽ ڪو مجيب الرحمان ملي ويندو ۽ جڏهن به ڪنهن قوم يا ملڪ کي مارڪس، گانڌي ۽ جي. ايم. سيد جي فلسفي ۽ فڪر تي عمل ڪرڻ لاءِ اهڙا ماڻهو ملي وڃن، ته پوءِ اهو ملڪ غلام، بيوس، مجبور ۽ ذليل رهي نه ٿو سگهي. هو شاندار ۽ مضبوط قيادت جي رهنمائي ۾ صدين جا فاصلا سالن ۾، سالن جا مهينن ۾، مهينن جا هفتن ۾ ۽ هفتن جا ڏينهن ۾ طئي ڪري وٺندو آهي. اهو تاريخ جو فيصلو آهي، اها هن صدي جي سڀ کان وڏي سچائي ۽ حقيقت آهي.

هن ڳالهه جيئن ته اوهان استاد آهيو تنهنڪري اوهان سان کي تاريخ جا استاد هوندا، کي جاگرافي جا، کي حساب جا، کي جاميٽري جا، کي علم بدن جا، کي ادب جا ۽ کي سماجي اڀياس ۽ شهريت جا، ۽ سونکي يقين آهي ته اوهان سان هر هڪ عزت لائق استاد پنهنجي پنهنجي فن جو ماهر ۽ مڪمل ڄاڻو هوندو. جيتوڻيڪ موجوده دور ۾ اهليت، لياقت ۽ حق جي بنياد تي نوڪريون نٿيون ڏنيون وڃن، نوڪريون صرف وڏيرن جي پٽن، وڏيرن جي چمچن، حڪمرانن جي لنڍي خوشامد ڪندڙن جي پٽن ۽ پوٽن کي ملي ٿيون. پر آءٌ سمجهان ٿو ته انهن نالائق ۽ نا اهل، سفارشي، ابن الوقت، ڪم چور ۽ قوم جي نشيڙي استادن جيڙي مقدس پيشي ۾ ڪو نه ايندا، ڇو ته انهيءَ پيشي ۾ هنن کي ڪا به حب ڪانهي ڪانه ٿي ملي.

اهڙا ماڻهو اهڙين جاين تي ويندا، جتي ڪين ”هذا من فضل ربي“ ۽ بالائي ڪمائي ملي. جيئن هو شام جي وقت تي پنهنجن بيگمن، مريڊن ۽ محبوبائن کي سينگاري، سرڪس جي گهوڙن وانگر وٺي ۽ مارڪيٽن ۾ موڪلين. انهيءَ بنيادي ڪارڻ کي مد نظر رکندي، گهٽ ۾ گهٽ استادن ۾ اها اميد ڪري سگهجي ٿي ته هنن ۾ پنهنجي فن سان شوق ۽ محبت هوندي. اهڙي اميد جي آسري تي، آءٌ هڪڙي گذارش ڪندس. اها آهي، سنڌ جي تاريخ جي چند ڇاڻ ڪري انکي صحيح صورت ۾ پيش ڪرڻ بابت.

اسان جڏهن به سنڌ جي آزادي ۽ خود مختياري جي ڳالهه ڪريون ٿا ته پناهگير ڪميونسٽ ۽ انهن جا نقلي شاگرد اسانکي چون ٿا ته پائي سنڌ جڏهن آزاد هئي، ان وقت به سنڌي حاڪمن ۽ قومي بادشاهن جي ظلم هيٺ پيڙجندي رهي، غلامي رهي، لتاڙبي رهي. سنڌ تي صدين کان سک جو سورج طلوع ٿي نه ٿيو آهي. انهن ماڻهن جي ذهن ۾ بادشاهه جو نمونو جيڪڏهن آهي ته اهو ئي آهي جيڪو روس ۾ زار شاهي ۽ هندوستان ۾ مغل سامراج جو هو.

هنن سنڌي بادشاهن جو نمونو خوراڪ، بود باش، رهائش ۽ ماڻهن سان برتاءُ نه پڙهيو آهي، ۽ نه ئي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. آءٌ هتي صرف هيتري وضاحت ڪرڻ گهران ٿو ته توهان جڏهن عباسي بادشاهن جو ذڪر تاريخ ۾ پڙهو ٿا، ته انهن جي دستر خواني تي هزارها قسمن جي کاڌن ۽ شرابن جو موجود هئڻ به ملي ٿو. انهن جي محلات جي شان شوڪت ۽ پاڻيهن جي جهرمٽ الف ليليٰ داستانن کي جنم ڏنو. اوهان مغل بادشاهن جي روبرو لکها قسمن جي طعامن جي موجودگي، سون چانديءَ جي انبارن، بهترين عمارتن ۽ بيشمار تاج محلن ۽ لال قلعن ۽ شالامارن جي موجودگي ڏسو ٿا. اوهان محمد غوري جي سون کان پوءِ انجي ذاتي خرچ لاءِ گڏ ڪيل خزاني ۾ پنج سو من وڳو هيرا ڏسو ٿا. پر سونکي ٻڌايو سنڌ جي ڪنهن به حاڪم جي دستر خواني جو ذڪر توهان پڙهيو؟ سنڌ جي بادشاهن جي رهائش لاءِ اوهانکي ڪا شاندار رهائش گاهه نظر آئي، جيڪا ڪروڙن جي جي خرچ سان تيار ٿي هجي؟ سونکي افسوس آهي جو جهانگير جهڙن جابرن ته سلامت آهن، پر ڄام نظام الدين جهڙن ڄاڻن سلامت نه آهن. ريگستاني رياست جوڌپور جي راجا جي بنگلن ۾ سون جا بينگها ته

ملي سگهن ٿا ۽ سلامت رهي سگهن ٿا. پر چام پنهنجي جا نه عمر سومري جو ڪوٽ نه آهي پر محلات نه ڪانهي. غلام شاه جو قلعو ۽ سميت نه آهن، پر رهائش گاه جو ڪوٽ نه آهي، محلات نه ڪانهي. سبب صرف هي آهي ته سنڌ جا حاڪم انتهائي سادا ۽ عوامي هئا. هنن جي رهائش ۽ خوراڪ سنڌ جي معياري ماڻهو جهڙي هئي. هنن نه اهڙا عياشي جا سامان گڏ ڪيا ۽ نه ئي عوام کي لٽيائون ڦريائون. هو عوام مان هئا. انهن جا خادم ۽ هڏ ڏوکي هئا. هنن پنهنجو معيار زندگي اهڙو رکيو ڪونه جنهن جي لاءِ مغلن وانگر رعيت جو رت چوسڻو پوي. سنڌ تي قبيلن جي پوري برادري جي حڪومت ٿيندي هئي بادشاه جي پٺڀري ۽ معزولي پوري قبيلي جي مرضيءَ سان ٿيندي رهندي هئي. هنن جو رستو ناتو هيٺين طبقن سان هميشه ڳنڍيل رهيو.

چام نظام الدين پنهنجي پيءُ هڪ غريب فقير سان پرڻائي هئي. چام تماچي سماڻن مان شادي انهن کي پنهنجي برادري ۽ ماڻهن ۾ داخل ڪرڻ لاءِ ڪئي هئي. سنڌ جي ماڻهو جو معيار زندگي، انهيءَ دور ۾ ايترو ڪڏهن به نه ڪريو هو، جيترو هاڻ نظر اچي ٿو. انهيءَ وقت سنڌ ۾ زراعت جو نظام انتهائي سادو هو. جتي وڏيري جو وجود به ڪونه هو، هر ماڻهو پوکيندو ۽ ڪائيندو هو. سال تي ان مان معمولي حصو بادشاهي انتظام لاءِ سرڪار جي حوالي ڪندو هو. اناج ايتري تي ججهي انداز ۾ پيدا ٿيندو هو، جو بادشاه ملازمن کي پگهار به روڪڙ جي بجاءِ اناج جي جنس سان ڏيندو هو. زراعت جو موجوده سسٽم انگريزن جي اچڻ کان پوءِ شروع ٿيو آهي. انهيءَ سان جيڪي خرابيون ٿيون پيدا آهن، انهن تي هن مهل وقت ختم ٿيڻ ڪري، آءُ ڳالهائي نه ٿو سگهان، صرف ايترو عرض ڪندس سنڌ جي عوام لاءِ چام نظام الدين جو دور وڌيڪ چڱو هو، ذوالفقار علي ڀٽي جي دور کان. چڱو جيئي سنڌ!

ڀنگن ۾ ڪيرو

جمهوري قوتن جي ڪنوينشن ۾
ڪيل تقرير

اهي ڏتڙيل ۽ غريب ملڪن ۾، جتي بي انداز دولت جي ڇوڙاڙي بي انداز غريبي کي روڪيو وڃي ٿي، اتي پوليس ۽ فوج حڪومت جا اهم ٿنڀا هوندا آهن. اهڙي پوليس ۽ فوج جنهنجي تربيت غير ملڪي ماهر ڪندا آهن. پوليس جي طاقت ۽ فوج جي قوت انهيءَ حساب سان وڌيل هوندي جنهن حساب سان قوم ۾ جمود هوندو آهي. غير ملڪي هر سال ڏينهنڙ قرضن جي عيوض اهڙي ملڪ کان خودداري ۽ آزادي جي سوچ لوچ جون رعايتون ڦري وٺندا آهن.

اهڙي ملڪ ۾ بيشمار بدعنوانيون پيدا ٿينديون آهن. وزير امير ٿيندا ويندا آهن، سندن بيگمون سورنهن سينگارن سان سينگاريجي گهمنديون آهن. پارليمنٽ جا ميمبر پنهنجا گهر ڀريندا آهن ۽ هڪ عام پوليس جي سپاهي کان وٺي ڪسٽم جي معمولي آفيسر تائين ڪوبه نه هوندو آهي جيڪو بدعنواني جي لعنت جي انهيءَ عظيم جلوس ۾ شريڪ نه هجي.

فرانز فينن

پيڙو آهي پنهنجو، جر جڙاڻو جرڳو
آجو ٿيندو هرڪو، هر مزدور ڪسان
سنڌو ديس موهان!

منهنجا محترم، نوجوان ساٿيو!

اڄ اوهان جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهيان، جو اوهان مون کي قومي جمهوري قوتن جي ڪانفرنس ۾ پنهنجي خيالات جي اظهار جو وقت ۽ موقعو ڏنو آهي. اڄ ان وقت ۽ موقعي مان فائدو وٺندي، ڪن ڳالهين جي وضاحت ڪرڻ چاهيان ٿو.

پهرين ڳالهه ته اڄ جي گڏجاڻي ۾، تورخم کان وٺي ننگرپارڪر سٽونگ کان وٺي کوکراپار تائين، مختلف ماڻهو، قافلا جمهوريت جا مختلف پانڌيئڙا ۽ ڌار ڌار تنظيمن جي نمائندگي ڪندڙ اهي بهادر ۽ دلير، جرئتمند ۽ جاندار انسان، لوهي لنگن وارا هاري، فولادي ارادن جا مالڪ مزدور، گلاب جي پنکڙين جهڙي جسم جهڙا مالڪ پيئرون انساني زندگي جي روشن مستقبل جي ترجماني ڪندڙ شاعر ۽ معاشري جي ناسورن کي اگهاڙو ڪري پيش ڪندڙ اديب، سڀ اچي گڏ ٿيا آهن. اسان سڀني جو مقصد هڪ آهي. اسان سڀني جا ارادا هڪ جهڙا آهن. اسان سڀني جي منزل هڪ جهڙي آهي. اسان جا سور ۽ ڏور هڪ جهڙا آهن. اسان کي هڪ ئي ماڳ تي پهچڻو آهي، ۽ اهو آهي انسانيت جو شاندار مستقبل. زمين تي زمين جي اصلي وارثن جو جو راڄ ۽ هن ڪائنات تي جمهوريت جي حڪمراني. انهيءَ ماڳ تي پهچڻ لاءِ اسان جمهوريت جي جدوجهد هلائي رهيا آهيون. اسان چاهيون ٿا ته قلمن تي پهرا نه هجن، رستن تي پوليس ۽ فيڊرل سڪيورٽي فورس جي درندن جون لائينون لڳل نه هجن، ته جيئن اسان کي پنهنجي بهادر ۽ دلير عوام سان ملڻ جي سهوليت ٿئي. اسان هنن جا ڏک ۽ سور ٻڌي سگهون، حال اوري سگهون. هنن جي گهرن، شهرن ٻارن ۽ ڳوٺن ۾ وڃي، هنن مسئلن ۽ مشڪلاتن جو

هلي پڌائي سگهون، ڪين پنهنجي حقن حاصل ڪرڻ جي لاءِ عظيم جدوجهد شروع ڪرڻ لاءِ پنهنجو تعاون همدردي ۽ مدد آڇي سگهون. اڄ حالت هي آهي، جو اسان جي سر زمين جا سچا ۽ حلالي فرزند هن ئي سر زمين تي لڪ چوري جي زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون. اسان جا گهٽ ۽ گهيڙ روڪيا ويا آهن. اسان جي چر پر تي سي آءِ. ڊي جا ڪتا ڪڙي نظر رکيو ويٺا آهن ۽ حڪمران ٽولو اسان جي عوام سان ملڻ تي ائين چوڪسي رکيو ويٺو آهي، جيئن رقيب محبوب تي رکندو آهي. ۽ اهي ماڻهو جيڪي هن سر زمين جا سچا ۽ حلالي ٻچا نه آهن، ڌارين جا دلال آهن، عوام جا دشمن آهن، ڪنهن نظام، نظريي سان وفاداري بجاءِ صرف ڪرسي، پنهنجي پيٽ ۽ پنهنجي اقتدار سان وفادار آهن، سي هن ملڪ ۾ ائين آزادي سان، دبدبي سان ۽ غرور سان هلي ۽ گهمي رهيا آهن، جيئن نادر شاهي لشڪر دهليءَ ۾ قتل عام ڪرڻ کان پوءِ بيوس هندستانين جي لاشن تي گهمي رهيو هو. هن ٽولي هن بدقسمت ملڪ جي عوام جي تمنائن جي شيشن کي فيڊرل سڪيورٽي فورس جي ڏنڊن سان پيچي پوري، ائين ٽيڙي پکيڙي ڇڏيو آهي، جيئن ١٨٥٧ع ۾ مغليه شهزادين جي عصمتن جي آبگينن کي برطانوي فوجي سپاهين لٽي ڇڏيو هو. انهي ڪري، اسان چاهيو ٿي ته انهن خرابين جو ازالو ڪيون ۽ انهن رڪاوٽن کي هٽائي، آزادي سان پنهنجي عوام سان ملون. موجوده نظام ۾ جمهوريت سان مقصد صرف اهو آهي. جمهوريت اسان جي منزل ناهي. جمهوريت منزل تي پهچڻ لاءِ هڪ ذاڪو آهي، رستو آهي ۽ وسيلو آهي، ان عظيم الشان مقصد کي حاصل ڪرڻ جو. ۽ اهو مقصد آهي غريب ۽ مسڪين مارو ماڻهو جي حڪومت هن ملڪ ۾ قائم ڪرڻ.

ٻي ڳالهه - حڪمران ٽولو مختلف علائقن ۽ صوبن ۾ مختلف دعوائون ڪري ٿو. سنڌ ۾ سنڌي سڏائي ٿو، پنجاب ۾ پنجابي، پختونستان ۾ مسلمان ۽ بلوچستان ۾ آزادي جو علمبردار. سنڌ ۾ اسان جڏهن به ڪو احتجاج پيش ڪيو آهي، ته هن سڙي ڪاڌل نظام جي محافظن ۽ ميڪاولي جي روحاني شاگردن هميشه اهو چيو آهي، ته پاڻ اداءِ اسين سنڌي آهيون. سنڌ جي خدمت ڪرڻ اسان جو ايمان آهي. آئون ذوالفقار علي ڀٽي کان پڇڻ چاهيان ٿو ته جناب والا توهان سنڌ جي خدمت ۽ حفاظت جي دعوا ڪريو ٿا ته ٻڌو ڪي پاڪستان جو اقتدار

ملي. راجا ڏاهر سنڌ جي حفاظت جو نعرو هڻي، ته ان کي شهادت ملي. توهان سنڌ جي خدمت جي ڍاڙ هڻيون ته توکي اسلام آباد جي ڪرسي نصيب ٿئي ۽ دريا خان سنڌ جي بچاءَ جو اعلان ڪري ته ان کي تلوار جا گهاءَ نصيب ٿين. توهان سنڌ جي محبت جي هام هڻيون ته توکي آل عيال سميت عيش ۽ نشاط ملن ۽ سائين جي - ايم سيد جيڪڏهن سنڌ سان محبت جو قسم کڻي ته ان کي زندان ۽ زنجيرون پلئه پون. تنهنجا سيڪاريل طوطا جيڪڏهن سنڌڙي سان جنڊڙي لڳي چون ته انهن کي وڏيون وزارتون ملن ۽ اسان جيڪڏهن سنڌ جي خدمت جو اعلان ڪيون ته اسان جي ساٿين جي چونڊيل ۾ نسا ۽ ٻهڙن جي ڳچين ۾ پنڪا وجهي عالمي جهڙا بيغيرت خسيس آفيسر (ڊي - ايس - پي) ڏاڻ ۾ بند ڪن، سون کي ٻڌايو ته اهو تضاد ڇو؟ اهو ان ڪري ته توهان سنڌ سان سچا ناهيو. توهان هتي جي عوام سان وفادار ناهيو. توهان جي رڳن ۾ مادر وطن سنڌو جي ٿڃ نه پر آمريڪي بولتن جو پائوڊر ٿو ڊوڙي توهان هن ملڪ لاءِ اهائي حيثيت رکو ٿا جيڪا فيروز شاه تغلق، خان خانان ۽ چارلس نيپئر جي هئي. اڄ جتوئي صاحب کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته جنهن ڪرسي تي توهان ويٺو آهين، ان تي جيڪو رنگ ۽ روغن لڳل آهي، اهو صدين جي شهيد سنڌين جو مقدس رت آهي ۽ هزارها انسانن جي معصوم آرزوئن ۽ اُمنگن جي گلڪاري ٿيل آهي. اسان انهيءَ ڪرسيءَ تي ڪنهن ڪرڙ ڪانڊيري کي ڏسڻ چاهيون ٿا. اسان اها اهڙي سانهوءَ کي ڪي هيڻ ڪڏهن به برداشت ڪرڻ جي لاءِ تيار ناهيون، جيڪو سانهو سنڌي عورتن ۽ سنڌ جي ڪارڪنن جي پيرن جي وارنٽن تي دستخط ڪندي، ذرو به شرم محسوس نٿو ڪري. حقيقت ۾ اهي دستخط حڪمران ٽولو پنهنجي ايندڙن نسلن جي حاتمي جي دستاويز تي ڪري رهيو آهي. انهن کي به هڪ ڏينهن عوام جي عدالت ۾ پيش ٿيڻو پوندو ۽ ان ڏينهن انهن جي ڳچيائن ۾ مظلوم ماڻهن ۽ ڏکويل ڀينرن جا هٿ هوندا. ڪين ڪابه جاءِ پناهه نه ملندي، ڪوبه آمريڪي جهاز هنن کي کڻڻ لاءِ نه ايندو. ان ڏينهن انهن جو ڪهڙو حال هوندو؟ شايد هينئر اهو تصور ڪري نه سگهن.

ڏهين ڳالهه - حڪمران ٽولي جي مختلف دعوائن مان هڪ دعوي هيءَ به آهي، ته هي عوامي حڪومت آهي. انهيءَ دعوا تي اڄ

وڌيڪ نڪتا نڪتي ڪرڻ کان سواءِ، صرف هيترو عرض ڪندس ته
هي عجيب ڳالهه آهي ته جيڪڏهن روس ۾ عوامي حڪومت قائم
ٿي ته ان لاءِ چوڏهن سال مشڪل جدوجهد سان ڪئي لکها انسانن
جون قربانيون ڏيڻيون پيون. رت ۽ ڀاه جي دريائن سان اڪرڻو پيو.
ڦاسين جي ڦندن ۾ لٽڪڻو پيو. تنهن کان پوءِ عوامي حڪومت قائم
ٿي. چين ۾ جيڪڏهن عوامي حڪومت قائم ٿي، ان لاءِ سالن جي
جدوجهد ۽ ١٣ لک شهيدن جي رت جو نذرانو ڏيڻو پيو، تنهن
کان پوءِ عوامي حڪومت قائم ٿي، الجزائر ۾ عوامي حڪومت
لاءِ ١٦ سال جدوجهد ۽ ڏهه لک ماڻهو قربان ڪرڻا پيون، پوءِ عوامي
اچي، بنگلا ديش ۾ ٢٥ سال جدوجهد ۽ ٣٠ لکن انسانن جي لازوال
قرباني عوامي حڪومت جي راه هموار ڪري ۽ ويٽنام ۾ سو سال
طويل جدوجهد ۽ چاليهه لک هارين ۽ مزدورن کي شهادت جو جام
پيئڻو پيو. پر هي عجيب ڳالهه آهي ته ڀٽو صاحب ۽ پيپلز پارٽي
جي ماڻهن جي قرباني (حق نواز ڪنڊاپور ۽ ڊرائيور ابراهيم) ٣ مهنا
جيل ۽ ڏيڍ سال ڳلا ڦاڙي تقريرون ڪرڻ سان عوامي حڪومت قائم
ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. يا ته دنيا جي تاريخ ڪوڙي آهي، انهن اڏول
۽ اڙٻنگ انسانن جن آمريڪا جي صحرائن ۾، روس جي برفزارن ۾،
ويٽنام جي جهنگلن ۾، چين جي پهاڙن ۾ بنگلا ديش جي کيتن ۾
پنهنجو مقدس رت هاريو سي ڪوڙا آهن ۽ يا عاليجناب قائد عوام ۽
سندس چاليهه چور ڪوڙا فريبي ۽ مڪار آهن. انهن ٻنهي ڳالهين
مان هڪ ضرور آهي. اهو ماڻهن تي ڇڏيل آهي ته هو ڪنهن کي
ڪوڙو ۽ ڪنهن کي سچو سمجهن، پر منهنجو يقين ۽ ايمان آهي ته
تاريخ ڪوڙي نٿي ٿي سگهي. تاريخ جو عمل ڪوڙو نٿو ٿي سگهي
شهيدن جو مقدس رت ڪوڙو نٿو ٿي سگهي. باقي ٻيو سڀ ڪجهه
ڪوڙو ٿي سگهي ٿو. سڀ ڪجهه ڊونگ ٿي سگهي ٿو. سو به
حڪمران ٽولو عوامي حڪومت جي نالي ۽ نعري ۾ تقرير ۽ تحرير
تي بندش وجهي ٿو، مزدور کان هڙتال جو حق ڦري ورتو ٿو، اديب
کان لکڻ پڙهڻ جو حق کسي ٿو ۽ اخبارن تي بندشون وجهي ٿو. پر پوءِ
چوي ٿو ته هي سڀ ڪجهه عوام جي مفاد ونان آهي. آئون هتي هنن کي
گذارش ڪندس ته اوهان عوام کي اهو ڪجهه ڏئي ڇڏيو، جيڪو
روس ۾ عوام کي ڏنو ويو آهي، جيڪو يوگو سلاويه ۾ ڏنو ويو

ي ۽ چين ۾ ڏنو ويو آهي ته پوءِ اسان ڏوهان جي هر ڳالهه قبول
ڻ لاءِ تيار آهيون. اسان پنهنجا قلم ۽ ڪاغذ اوهان جي حوالي
ڻ لاءِ تيار آهيون.

چوٿين ڳالهه - موجوده دور ۾ حڪمران ٽولو ۽ ان جا اتحادي
ي زور ۽ شور سان نظريہ پاڪستان جي تبليغ ۾ رڌل آهن. پوءِ اها
يغ کوکلي ٿي سهي. پاڪستان مسلم عوام جي ووٽن هندو ۽ انگريز
جمهوريت نوازيءَ سبب وجود ۾ آيو. بر صغير جي مسلمان ووٽ
ذريعي مطالبو ڪيو ته اسان کي برصغير ۾ ڌار حڪومت ڪرڻ
حق ڏنو وڃي. انگريزن ۽ انڊين نيشنل ڪانگريس جي دورانديش
ماڻن مسلم عوام جي راءِ جو احترام ڪندي، انهن کي ڌار آزاد
ڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏني، بر صغير جو ورهاڱو قبول ڪيو.
ه مسلم عوام جي راءِ کي ريٽي، فوج ڪشي ڪري، ٽئنڪن ۽
جي ذريعي مسلم عوام کي انهي ووٽ ڏيڻ جي سزا نہ ڏني، نوجي
شن نہ ڪيو. نتيجي طور هندستان ۽ پاڪستان جا جهنڊا گڏ
لڻ لڳا. پر اي نظريہ پاڪستان جا ٺيڪيدارو! اوهان بنگلہ ديش
بهادر عوام کي پنهنجي آزادي جي لاءِ ووٽ ڏيڻ جي جرم ۾
خ جي وڏي قتلام گهر ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. اوهان انهي جي
وم ۽ ڪنول جهڙين نازڪ بنگالي نارين کي پنهنجي هوس جو
و بنايو. اوهان ابهم ٻارن کي سنگينن ۾ ٽنبي، انسانيت جي ڳلن
ڏڪي ڇڏيو. اوهان بلوچستان جي عوام کي ووٽ ڏيڻ جي سخت
سزا ڏني ۽ هنن جي نسل ڪشي ڪئي. اوهان پختونستان جي
۽ جانثن انسانن کي پنهنڻ سڌائڻ جي جرم ۾ حڪومت ڪرڻ کان
ڙم ڪري بمن جو دونهون پوري ملڪ ۾ پکيڙي ڇڏيو. اوهان
سائين کي جيئن ۾ وڌو. جن پاڪستان ٺاهڻ لاءِ ووٽ ڏنو.

منهنجو والد جيل ۾ آهي. پيغام جو ايڊيٽر مسٽر خادم لاکو انهيءَ
ملڻ ويو ته منهنجي والد سادگي سان خادم کان پڇو ته "اهـا!
ڪڏهن چوري ڪانہ ڪئي. مون ڌاڙو ڪونہ هنيو آهي مون
مگهنگ ڪانہ ڪئي آهي، آهي، مون ڪڏهن پنهنجي محنت
واءِ ٻي ڪنهن ناجائز طريقي سان هڪ پئسو بہ حرام جو نہ ڪاڏو
وه ته پوءِ آخر مون کي جيل ۾ ڇو وڌو ويو آهي؟ وڏي ڳالهه ته
ا ۾ مون ڪانگريس جي مقابلي ۾ مسلم ليگ کي ووٽ ڏنو هو ۽

پاڪستان ٺهڻ وقت سون زندگي جي پهرين ۽ آخري نماز به رکعتون نفل پڙهيا هئا. ڇا سون کي ان ڪري جيل ۾ وڌو ويو آهي ته سون پاڪستان کي ووٽ ڇو ڏنو؟ ڇا سنهنجو ڏوهه پاڪستان کي ووٽ ڏيڻ ٿي ته ناهي؟ جنهن ڏوهه جي سزا سون کي هندو ۽ انگريز ڏئي نه سگهيا ان جي سزا سون کي قائد اعظم جا جانشين ڏئي رهيا آهن." ان ڳالهه تي پيغام جو ايڊيٽر صرف ان پوڙهي ماڻهو جي نظرن ۾ ٿيا ڏسندو رهجي ويو. توهان ماڻهن جي انهن راين مان اهو اندازو لڳايو ته سنڌ جو عوام مهاتما گانڌي، جواهر لعل نهرو ۽ لارڊ مائونٽ بيٽن کي توهان کان وڌيڪ انصاف پسند ۽ جمهوريت نواز سمجهڻ تي مجبور ڇو ٿيو آهي؟ ڪٿي اهو احساس اوهان جي بد اعمالن ڪري هن پوري ملڪ ۽ عوام جي لاءِ نقصانڪار ثابت نه ٿئي. سون کي يقين آهي ته اوهان کي به جنرل ٿيو ۽ لون نال وانگر هڪ ڏينهن پنهنجي آقائن کان زندگي جي ڀيک گهٽي پوندي ۽ توهان جون اهي بيٺل ماسترن واريون ورديون ويهه گهر ۾ پيل ڪپهه وانگر گندگي جي ڍيرن تي اڇلايون وينديون. اهو تاريخ جو فيصلو آهي، ائين ٿيندو آيو آهي ۽ ٿيندو رهندو. جيڪڏهن ڪمزور بنگالي بانس جي ڏنڊن سان ايشيا جي بهترين فوج کي گوڏا کوڙڻ تي مجبور ڪري سگهن ٿا ته هي خوب صورت اکين ۽ ويڪل سٿن وارا راءِ سهرس جا وارث، اڙٻنگ سنڌي اوهان کي به سٿو ٽيڪڻ تي مجبور ڪندا. تاريخ عنقريب انهن سنڌين جي حقن ۾ پاسو بدلائڻ واري آهي. ان ڏينهن کان بچ جڏهن سنڌ جو ساڃهو زبان جي بجاءِ ڪهاڙي استعمال ڪرڻ تي مجبور ٿئي!

چڱو جيئي سنڌ

پاٽال ۽ پاڙون

ڏوڪري ۽ ٽيل هڪ ڪچهري اندر
سوال ۽ جواب

هيءَ حسين سر زمين اسان جي آهي. انجا
وارث ۽ مالڪ اسان ئي آهيون.
جيڪڏهن اسان هتان هليا وياسين
ته انجو حسن مرجهائجي ويندو.

هن رمضان شريف جي سهڻي ڏينهن دوستن جي هڪ ڪچهريءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي لاءِ ٽڪري وڃڻ ٿيو. جتي ٻن جاين تي دوستن سان تمام سٺي ڪچهري ٿي، ۽ ان سان ڪجهه سوال جواب هتي ڏني رهيو آهيان. انهن سوالن مان ٢ سوال محترم غلام حيدر جوڻي پڇيا ۽ هڪ سوال محترم قربان ٻگهڙي شاگرد چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻه پڇيو.

تہ حيدر جوڻيو ادا! اوهان اخبارن ۾ روز پڙهندا هوندو، تہ سنڌ ۾ فلاڻي جاءِ تي ٻہ قتل ٿيا، جيڪب آباد ۾ چار قتل ٿيا، سکر ۾ ٽي خون ٿيا، لاڙڪاڻه ۾ ٻہ ماريا ويا. مهرباني ڪري توهان پنهنجي راءِ ۽ تجزيو ڪيو تہ آهي انفرادي قتل ڇو ٿا ٿين؟ ۽ انهن جي پس منظر ۾ ڪهڙو جذبو ڪار فرما آهي؟

جواب: ادا منهنجي خيال ۾ انفرادي قتل ٿيڻ جو وڏو سبب عدالتن ذريعي ۽ سرڪار وٽان انصاف نہ ملڻ آهي. هن ملڪ ۾ ڌاري زبان، ڌارين جي ٺهيل ٽيڙهن قانون جي ورن وڪڙن ۽ موڙن ماڻهن جي اثر رسوخ، انصاف کي غريب ماڻهو لاءِ ناممڪن بڻائي ڇڏيو آهي. ڪيترائي اهڙا ناحق آهن، جن کي انصاف جي سفيد چادر هيٺ لڪايو ويو آهي. ڪيترا اهڙا دماغ آهن، جن ۾ انصاف جي گهنڊ جا ٻي سرا نڪتا هٿوڙي وانگر لڳي رهيا آهن. ڪيتريون اهڙيون دليون آهن، جن مان انصاف جي تمنا، وڪيلن جي پئسن سوڙهن جي هوس جي پيٽ چڙهي وئي آهي. سنڌ جي غريب ماڻهوءَ وٽ نہ ايترو پئسو آهي، جو وڪيلن جون فيون ڀري سگهي، نہ ايترو وقت آهي، جو ڪورٽن جا چڪر ڪاٽيندو رهي، نہ ايترو علم آهي، جو ججن جي ڌاري زبان سمجهندو رهي، ۽ نہ اها حيثيت اٿس، جنهن جي ذريعي وڏيري پير، ۽ مير جو ڪيس ۾ مقابلو ڪري سگهي. انصاف سهانگو ۽ دير سان حاصل ٿيندڙ آهي. انگريزن ديسي ماڻهن کي پريشان رکڻ پاڻ ۾ وڙهڻ ۽ هڪ ٻئي کي ختم ڪرڻ لاءِ قانون جو اهڙو سسٽم رکيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي غريب ماڻهو ڪوريئڙي وانگر مالن جا مال قاتل رهي ٿو ۽ وڏو ماڻهو ان قانون کي ٽوڙيو، ڌارين حاڪمن جي پشت پناهي سان جيڪي وڻي سو ڪندو رهي ٿو. هن قانون ۾

ايتري ته پيچيدگي آهي جو اڄ توهان کي هڪ مثال ڏيندس ته
هڪڙي ساٺهوءَ ڪنهن ٻئي شخص تي ٢٩ روپين جي ڪورٽ ۾
دعويٰ داخل ڪئي. اهو مقدمو ست سال هلندو رهيو ۽ انهيءَ تي
مدعي جو خرچ ٣٠٠ روپيا آيو. انهيءَ کان پوءِ اهو مقدمو ڪورٽ
خارج ڪري ڇڏيو. هي واقعو اردو جي ڪتاب تاريخ جرم و سزا
۾ لکيل آهي. هتي ته ڏاڏن جي دعوائن جا فيصلا پڙ پوٽن کي ٻڌايا
وڃن ٿا. ايتري دير ۾ جڏهن سنڌي ساٺهو ڏسي ٿو ته سندس پيءُ، ڀيءُ
يا موت جو قاتل مزي سان گهمندو رهي ٿو، جنهن سندس نئين گهوٽ
پيءُ کي قتل ڪري ان جي ونيءَ کي بيوه بڻايو هيو، سو پاڻ سوڙ
ٻڌيو سيج تي ويٺو آهي، يا انهن گهٽين ۾ سچ مروڙيندو ڏاڍي لٺ بازي
سان سيٽيون وڄائيندو وتي ٿو ۽ قانون انهيءَ معاملي تي بيوس ۽
مجبور نظر اچي ٿو ته انهي وقت سنڌي ساٺهو جي غيرت جيڪا
انفرادي ٿي آهي، جوش ۾ اچي ٿي ۽ هو تنڌي تي پالند ڪرڻ لاءِ
مجبور ٿيو پوي. انگريزن کي اچڻ کان اڳ انصاف جو طريقو اهو
هيو ته راڄ جا چڱا مڙس پاڻ ۾ گڏجي، هفتي ڏيڍ اندر فيصلو ڪري
هڪ ٻئي کي سڱ ڏياري، هميشه هميشه لاءِ جهڳڙي جو خاتمو ڪري
ڇڏيندا هئا. هن وقت عام طرح سزا جا ٣ طريقا مروج هوندا هيا.
پهريون :- مقتول جي وارثن کي قاتل کان سنگ ڏيارڻ. ٻيو قاتل کي
پيت پوت سان ڪڍي ڇڏڻ. ٽيون قاتل کي قتل ڪرڻ. پر اهي سڀئي
ڳالهيون وقتائتيون ۽ جلدي ٿينديون هيون. ان ڪري وڏي پيماني
تي خونريزي نه ٿيندي هئي ۽ مختلف راڄن ۾ مانٽي ۽ سڱا بندي
جو سلسلو شروع ٿي ويندو هيو. انگريزن جي اچڻ سان پراڻو نظام
ختم ٿي ويو ۽ هنن هتي جيڪو نئون نظام رائج ڪيو. ان مان هنن
جو مقصد صرف عوام کي پريشان ڪرڻ هيو ۽ بس ـــ! هاڻي وقت آيو
آهي ته اهي انفرادي غيرت ۽ انتقامي جذبي کي اجتماعي صورت ڏني
وڃي، جيئن اهڙو نظام وجود ۾ اچي سگهي، جنهن نظام تحت انصاف
۾ دير نه ٿئي. ۽ انصاف ڪنهن وڏيري پير، مير ۽ وزير جي اشاري
تي رقاصه وانگر نچندو نظر نه اچي. حقيقت هي آهي، جيڪا اسان
جي سنڌ جي عوام کي سوچڻ گهرجي ته هنن انگريزن سامراجين ۽
انهن جي ڪارن جانشينن جي دور ۾ انفرادي قتل ۽ خونريزي ذريعي
جيتريون جانيون وڃايون آهن ۽ رت هاريو آهي، اهو سڀ ڪجهه

جيڪڏهن اجتماعي مقصد جي لاءِ هاربو وڃي ها ۽ قرباني ڏني وڃي ها ته يقينن انصاف جي انڌي لٺ ۽ قانون جي سفيد چادر، جنهن جو ڪهڙو آواز ۽ وڪيلن جي هيرا ڦيري هتي جي ماڻهن جي آرزوئن جو گلو گهٽڻ ۾ ناڪام ٿي، پنهنجي آقائن ڏانهن موٽي وڃي ها.

حيدر جتوئي ۲- سوال- ڇا زميندار نظام، جيڪو هن وقت سنڌ ۾ رائج آهي، سو انگريزن جي اچڻ کان اڳ به موجود هيو. جيڪڏهن نه ته ان ۽ هن نظام ۾ ڪهڙو فرق آهي ۽ انگريزن هي نظام ڪهڙي مصلحت تحت جاري ڪيو؟

جواب :- توهان پنهنجي سوال کي ٽن حصن ۾ ورهايو آهي. پهريون حصو: ڇا انگريزن کان اڳ وارو ۽ هي نظام هڪ جهڙا آهن؟ ان جو جواب آهي ته نه - ٻيو حصو آهي ڪهڙو فرق آهي؟ ان جو جو جواب هي آهي ته اڳي هتي زميندار ٽڪرن ۾ ورهايل ڪانه هئي، پر سنڌي حاڪم ڪنهن ماڻهوءَ کي هڪ پرڳڻو جاگير طور ڏئي ڇڏيندا هيا. ان جو مطلب اهو هيو ته اهو ماڻهو انهن ڳوٺن ۾ انصاف قائم ڪندو هو. انتظامي بندوبست رکندو هو. زمين جيڪا هوندي هئي سا انهن راڄن جي ملڪيت هوندي هئي. جيڪو کيڙيندو هيو سو کائيندو هو. جاگيردار سال پوري ٽيڻ تي هن کان ان جو هڪ خاص حصو وصول ڪندو هيو انهي ان کان ڪجهه هو پنهنجي کاڌي خرچ لاءِ ۽ ڪجهه مرڪز ڏانهن موڪليندو هيو ۽ باقي رهيل ان مقامي ماڻهن مان پرتي ڪيل سندس ذاتي لشڪر کي پگهار طور ڏيندو هيو. اهڙو نظام پوري سنڌ ۾ رائج هوندو هيو ۽ ڪنهن به جنگ وقت مرڪز طرفان سڏ ڏيڻ تي مقامي تعلقيدار، جاگيردار ۽ نواب پنهنجا واج ۽ سپاهي وٺي، دشمن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ شاهي فوج سان گڏ ٿيندا هيا. آبپاشي نظام جي بهتر نه هجڻ جي باوجود سنڌ جي تاريخ ۾ سون ڪڏهن به هي نه پڙهيو آهي، ته ٿر ۽ ڪوهستان کانسواءِ ڏڪار وگهي وڏي پيماني تي ڪي ماڻهو مئا. پاڻ جي ڪپڙي کان وٺي ڏڌ ولوڙڻ جي ماڌاڻي تائين هر شيءِ سنڌي ماڻهو پاڻ تيار ڪندا هئا. لونگيون کيس، گربيون، ڪتا، جنڊي ۽ ڪاشي جو سامان، گج اجرڪون، کاڌي ۽ ململ ايتري انداز ۾ ٺهنديون هيون، جو ڏيساور ۾ به وينديون هيون. سنڌ جي هر گهر ۾، رليون رکڻ لاءِ ڳاڙهي سنجڻ ڳاڙهيون ڪٽون، ڳاڙها پلنگها هوندا هئا، جن مان اسان جيا

ڪيترا روماني داستان وابسته آهن، ۽ اسان جي لوڪ شاعري، خاص ڪري ڪٽ ۽ پينگهي جي ذڪر سان ڀري پئي آهي. مطلب اهو آهي ته سنڌ جو ماڻهو فاتحن جي حملن کان سواءِ زميداري نظام جي لعنت کان آجو پئي رهيو آهي. انگريزن اچڻ شرطن انهيءَ پراڻي نظام کي ختم ڪري، آبپاشي جي نظام کي بهتر بنايو. زمينن جي تقسيم جو نئون ۽ نرالو طريقو ايجاد ڪيو ان نظام تحت زمينون واڍن، ٽپن، ڏيهن، ۽ جاگيرن جي صورت ۾ تقسيم ڪري، ڪن مخصوص ماڻهن کي ان جو مالڪ بنايو ويو. اهڙي طرح وهيل ماڻهو ڪيتي تي گذران هٿڻ ڪري، انهن مالڪن جا هاري بڻجي پيا. اهڙي طريقي سان زميداري ۽ هاري به طبقا هتي وجود ۾ آندا ويا. زميندار مخصوص چند ماڻهو هيا، جيڪي انگريزن جا چاپلوس دلال ۽ وطن دوست قوتن جا دشمن هيا. هاري اها وسيع آبادي هئي جيڪا ڪا به چاپلوسي ڪرڻ جي لاءِ تيار نه هئي. اهو آهي بنهي نظامن ۾ فرق. اوهان جي سوال جو ٻيون حصو آهي ته انگريزن اهو نظام ڇو ايجاد ڪيو؟ ان جو جواب هي آهي ته انگريزن ديسي دلال پيدا ڪرڻ لاءِ اهو طريقو ايجاد ڪيو، جيئن انهن جي معرفت باقي آبادي تي ضابطو رکي سگهجي، راڄن ۾ حريت پسندن کي پناه جي ٺڪاڻن کان محروم ڪري، انهن وڏيرن ذريعي جاسوسي جو بهتر نظام هلائي سگهجي. ٻيو سبب ته اسيمبلين اندر به اهي سنڌ جا دلال آڻائي، قانون سازيءَ کي به پنهنجي مرضي مطابق هلائي سگهجي ۽ وطن دوست قوتون اسيمبلين جي ايوانن کان به ٻاهر رهن ۽ ٿي سگهي ته وچڻ وقت به ملڪ مخصوص طبقي جي حوالي ڪيو وڃي جيڪو بين الاقوامي سطح تي به سنڌن اشاري تي نچندو رهي ۽ ڪا به جاندار ۽ خود داري واري پاليسي اختيار نه ڪري سگهي. وقت آيو آهي ته سنڌ جو عوام ٻهرين بديسي حاڪمن جي پشت پناهي کان انهيءَ طبقي کي محروم ڪري، پوءِ انهيءَ نظام جو خاتمو آڻي، ٻي صورت ۾ ويهين صدي ۾ به اسان ٻهرين صديءَ عيسوي جي زندگي گذارڻ تي مجبور ٿيندا سين.

سوال ٽيون قربان ٻرڙي :- سائين چيو وڃي ٿو ته سنڌي نوجوان نوڪرين ۽ واپار جي سلسلي ۾ پنهنجي ملڪ کان ٻاهر وڃڻ لاءِ تيار ناهن ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

جواب :- ادا اهو چوڻ ته سو سيڪڙو سنڌي ماڻهو ملڪ کان

ٻاهر نٿا وڃن سو غلط آهي. سنڌي ماڻهو ملڪ کان ٻاهر ويا آهن ۽ ويندا رهن ٿا. دنيا جو اهڙو ڪوبه ملڪ ڪونهي، جتي اوهان کي سنڌي نه ملن. تازو مون برگيڊئر گلزار محمد جي ڊائري "تذڪره آفريڪا" ۾ پڙهيو ته آفريڪا جا ملڪ، ايٿوپيا، ڊاڪار، سيراليون گني، ٽوگو، ڪانگو، انهن ملڪن ۾ ايشيائي زبانن مان جيڪڏهن ڪا زبان عام طرح ڳالهائي وڃي ٿي، اها صرف سنڌي آهي، جنهن ڪري مجبورن مون کي به انگريزي کان سواءِ اتي سنڌي ۾ ڳالهائڻو پيو. ان مان توهان اندازو لڳائي سگهو ٿا ته سنڌي ماڻهو ٻاهر وڃن ٿا يا نه؟ باقي هي حقيقت آهي ته عام سنڌي نوجوان پاڪستان جي ٻين صوبن ۾ سنڌ کان سواءِ وڃڻ لاءِ گهٽ تيار آهي. ان جو سبب انهن صوبن جي ماڻهن جو رويو ۽ هلت چلت آهي. ٻي هڪ ڳالهه جيڪا اڄ بيان ڪرڻ چاهيان ٿو، سا هي آهي ته ماڻهن جي روزگار جي وسيلن جي اڻاٺ هوندي آهي. انهيءَ ڪري ان ملڪ جا ماڻهو رزق تلاش ۾ وطن ڇڏڻ جو وڏي ۾ وڏو سبب پنهنجي ملڪ ۾ روزگار جي جي تلاش ۾ در بدر هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ ۾، هڪ شهر کان ٻئي شهر تائين، هڪ صوبي کان ٻئي صوبي تائين، هڪ ڪنڊ کان ٻئي ڪنڊ تائين، رلندا، ڌڪا ۽ ٿاٻا کائيندا رهندا آهن. عربن جون ايشيا ۽ آفريڪا تي چڙهايون، آرين جي وچ ايشيا مان بر صغير ڏانهن لڏ پلاڻ، منگولن ۽ ترڪن جا هندستان ڏانهن ڪٽڪ، اهي سڀ روزگار جي تلاش ۽ پيٽ گذر ڪرڻ جي هوس ڪري وجود ۾ آيا، اها لڏ پلاڻ انهن ملڪن ڏڪرن ۽ ميداني علائقن مان ٿي آهي، جتي درياهه ۽ نهرون، ڍنڍون ۽ ڍورا، گهاٽا جهنگل ۽ سر سبز ماٿريون نه هونديون هيون يا سخت برف پوڻ ڪري، اتي زندگي گذارڻ محال ۽ مشڪل ٿي پوندو هو، پر سنڌ، عظيم "درياءَ سنڌ" جي ٻنهي ڪنارن تي آباد زمينون ستيون، ساوڪ ۽ سبزي گهڻي، ٻيلا جهجها، برسات جام، ان سڃيون پڪي، اڻ ميو، ساوڪ ۽ سبزي بي انداز، اهي سڀ اهڙيون شيون آهن جن جي هوندي سنڌ جي ماڻهوءَ ٻاهر وڃڻ جي ضرورت ئي نٿي سمجهي. هي سر زمين صدين کان ساز ۽ سرور جي سر زمين رهي آهي. هن جي انچ انچ مان ملڪ جي حب ۽ پيار جا نغما ڦٽي ڦٽي نڪتا آهن، جن هتي جي ماڻهن کي پنهنجي وطن عزيز سان رومانوي طرح وابسته ڪري ڇڏيو آهي، انهي ڪري هي پنهنجي ديس کي عارضي طرح ئي، ڇڏڻ لاءِ تيار نه آهن.

ٻيو سبب هي حقيقت آهي ته، سنڌ جا ساٿيون ڪنهن وقت
ڏيساور ۾ وڃي واپار ڪندا رهيا آهن. اهو وقت هيو جڏهن سنڌ جا
ساموندي ٻيڙا درياءُن ۽ سمنڊن جون ڇاتيون چيري، هسپانيا ۽ آفريڪا
تائين پهتا. فلسطين ۽ مصر سان واپار ڪيائون. ڏور اوير تائين پنهنجو
علم ۽ هنر، فن ۽ فڪر ونڊيائون ۽ ورڇيائون. توهان شاهه جو سر
ساموندي پڙهي ڏسو ته اهو به وقت هوندو هيون، جڏهن شام ويلي،
سنڌ جون عورتون پنهنجي ساهيڙين جي پلئه سان پرندڙ ڏينهن کي ڏکي
سنڌ دريا جي ڪنارن تي ٻاسون ٻاسينديون هيون. جن لاءِ شاهه صاحب
چيو آهي.

سر لوهيڙا ڳيا، ڪسر نسريا،
تو ڪئن وسريا ڏولها ڏينهن اچڻ جا.

يا ٻي جاءِ تي چئي ٿو

سر نسريا پاند اتر لڳا آءُ پرين،
سون تو ڪارڻ ڪانگ، سهسين سڪائون ڪيون.

ان مان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌ جا ساٿو سالن جا سال ٻاهر
رهي. سياري جي شروعات ۾ واپس موٽندا هيا. جن جي اچڻ جو
انتظار درياءَ جي ڪپر تي بيٺل وڻن جي ان چوڙيل اکڙين ۾ آس جا
ڏيپ جلائيندو هو. پر پوءِ جڏهن سنڌ جي سر سبز ميدانن فاتحن
لاءِ ڪشش پيدا ڪئي ۽ هو ايراني سامراج جي
صورت ۾ ڪڏهن يوناني لٽيرن جي روپ ۾ ڪڏهن
ڏاڙيلن جي رنگ ۾، ڪڏهن ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي
بدمعاشين جي رنگ ۾ سنڌ تي ڪڙڪندا رهيا ۽ سنڌ جي ساٿين
ڏيساور مان جڏهن به واپس اچي ڏٺو ته هن جا سرسبز ميدان رت سان
ڀريا پيا هئا. گهر ڊٺل هيا، اناج جا گودام ڦورهارجي ڊيرن ۾ تبديل
ٿيل هئا، ۽ زندگي جي هر شي ته و بالا ٿي وئي هئي. ته هنن
ٻاهر وڃڻ کان ئي بس ڪئي ۽ پنهنجي سر زمين ۽ گهرن سان ائين

ڇنبڙي پيا جيئن سياري جي رات ۾ ننڍڙو ٻار ماءُ جي گرم ٻڪ سان چنبڙي پوندو آهي. ۽ هنن وچن ڪيو ته ٻاهر رهڻ کان بهتر آهي ته گهٽ ۾ گهٽ اهڙي مصيبت جي وقت ۾ گهرن ۾ رهي، راءِ مهرس وانگر وطن جي عظمت لاءِ ڪنڌ ته ڪٽائي سگهون، يا دريا خان ٻنجيءَ، سر جو نذرانو وطن جي، ديويءَ ني دان ڪري سگهون. اهوئي سبب آهي ته هنن وطن کان ٻاهر وڃڻ ڇڏي ڏنو. نفسيات جو اصول آهي ته ماءُ پيءُ جا احساس ۽ جذبا شعوري يا غير شعوري طرح اولاد ۾ منتقل ٿيندا رهندا آهن ۽ اهو وطن نه ڇڏڻ جو جذبو ورثي طور سنڌ جي هن نسل تائين به باقي آهي.

شـــــام

سنڌ يونيورسٽي شاگرد سنگت طرفان
ملهايل سنڌي شام ۾ ڪيل تقرير

جڏهن ماڻهو پنهنجي آزادي حاصل
ڪرڻ لاءِ پڪو ارادو ڪندا آهن ته
پوءِ هو هن طرح به وڙهندا آهن جو هوائي
جهازن تي پٿر اڇلائيندا آهن ۽ ٽينڪن
کي هٿن سان اونڌو ڪندا آهن.

فيڊل ڪاسٽرو

جنهن وقت چراغ شام ٻري، ۽ ميخاني ۾ جام ٻري،
تنهن وقت اسانجو پنڌ ٻري، پنهنجو به پرائو آ پيارا!

عزيز محترم ۽ نوجوان سائيوا جئي سنڌ!

آءٌ هڪڙي ڳالهه شروع ۾ ئي واضح ڪرڻ چاهيان ٿو ته آءٌ ڪاي سياسي تقرير ڪانه ڪندس.

جيتوڻيڪ توهان کي خبر آهي ته هن وقت اسان تاريخ جي انتهائي نازڪ دور مان گذري رهيا آهيون. ان لاءِ نوجوان جدوجهد ڪن پياه ان تي ڪافي ڪجهه ڳالهايو ويو آهي ۽ اسان جا ڪيترا بزرگ ويٺا آهن جيڪي ان تي ڳالهائيندا. آءٌ شڪ به ڳالهه سمجهائيندس. ڇوريان ته اسان اڄ توهان سڀاڻي جي شام سڀائي رهيا آهيون.

بنارس جو صبح ڪونه پيا ملهايو. شام صبح جو پيغام آهي! شام زندگي ۾ هلچل ۾ اهو وقفو ڏيندو آهي، جيڪو تياري لاءِ موقعو مهيا ڪندو آهي. شام زندگي جي هلچل کان پوءِ ٿورو وقت سڪون مان گذارڻ جو موقعو آهي. اها شام جنهن جو تصور هون وٽ الائي ڪهڙو هجي، پر سون وٽ سنڌ جي شام جو هڪ نرالو تصور آهي.

دوستوا جي سائين ايم سيد هن اسٽيج تان تقرير ڪندي چيو ته سنڌي نوجوانن مان شام ملهائڻ ياقوتي ڪاڻ جي برابر آهي. ان وقت سون انهي جملي جو مطلب پيو ڪجهه سمجهو، پر رات کان وٺي، اڄ هتي ڏينهن سون انهيءَ جملي جو مطلب پيو ڪجهه سمجهو هو. انهيءَ وقت سون سمجهو هيو ته سنڌي شاگرد ۽ سنڌي نوجوانن مان شام ملهائڻ ايتري قدر ته قوت ۽ طاقت بخشي ٿو. جهڙو سائين ياقوتي ڪاڻي ميدان ۾ آيو هجي. پر اڄ آءٌ اهو سوچڻ تي مجبور ٿيو آهيان ته سنڌي نوجوانن مان شام ملهائڻ، انهن مان خطاب ڪرڻ لاءِ انهن مان هال اوڻ ۽ کين پنهنجي قومي مسئلي کان واقف ڪرڻ لاءِ ايتري ته سگهه جي ضرورت آهي جو سائين ياقوتي ڪاڻي پوءِ اسٽيج تي اچي. اوهان ڪالهه کان وٺي تقريرون ٻڌيون آهن، سنڌ جي آزادي جي

جدوجهد کي تيز ۽ تکو ڪرڻ لاءِ تجويزون ۽ تدبيرون پڌيون آهن، پر سون کي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته توهان پنهنجي قومي مسئلن کي پڌڻ ۽ انهن کي حل ڪرڻ جي سلسلي ۾ قطعي سنجيده نه آهيو. سون توهان کي سائين جي سالگره تي به هڪ واقعو پڌايو ۽ اڄ به پڌايان ٿو ته جڏهن ڪينيا ۾ جوسوڪينٽاڻاجي سربراهيءَ ۾ سائو سائو تحريڪ شروع ٿي، انهي وقت انگريزن ڪينيا جي رهنمائن کي لنڊن ۾ گهرائي، سائن سذاڪرات ڪرڻ گهريا، ڪينيا جا رهنما جڏهن لنڊن جي هوائي اڏي تي لٿا، ان وقت الف اگهاڙا هيا. اخباري نمائندن کائنن پڇيو ته ڇا توهان وٽ ايترو ڪپڙو به ڪونه هيو جو اوهان پنهنجو بدن ڍڪي اچو؟ ۽ اگهاڙا اچي پنهنجي ملڪ جي ذلت جو سبب بڻيا آهيو. اخباري نمائندن جي انهيءَ سوال تي آفريڪي نمائندن جواب ڏنو ته اسان وٽ ڪپڙا ته هيا. اسان ڪپڙا پائي بہ سگهياسين پر جيئن ته اسين پنهنجي قوم جي نمائندگي ڪري رهيا آهيون، انهيءَ صورت ۾ اسان دنيا وارن کي ڏيکارڻ ۽ پڌائڻ چاهيون ٿا ته سامراجي ايذا ته بدمعاش آهن ۽ ايتريقدر لٽيرا ۽ ڦورو آهن، جو هنن اسان جي قوم جي جسم تان ڪپڙي جو آخري ٽڪرو به لاهي ورتو آهي ۽ هنن کي اڻين اگهاڙو ڪري ڇڏيو اٿن جيئن اسان اڄ آهيون.

سائيوا توهان به غلام قوم جا فرد آهيو. اوهان کي گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي قومي غلامي، ذلت پستي ۽ بيوڙاءَ جو احساس ته هجڻ گهربو هيو شاهه صاحب چيو آهي ته:

ماڙين ماريس ڪينڪي، مارن سونجهه سماس

سون کي ڪڙن ڪونن ته ڪونه ماريو آهي، عمر جي زندان ۽ زنجيرن ته ختم نه ڪيو آهي، سون کي ماڙين ۾ بند ڪيو ويو آهي، تنهن سان سان مايوس نه آهيان، پر مارن ۾ جيڪا سنجهه، جيڪا مايوسي، جيڪا غفلت ۽ لاپرواهي آهي، تنهن منهنجي جسيءَ کي جهوري ڇڏيو آهي، تنهن منهنجي قوت ارادي کي لوڏي ڇڏيو آهي، تنهن سون کي آزادي جي احساس جي باري ۾ ڪمزور ڪري ڇڏيو آهي، ان ڳالهه جو فڪر ناهي ته اسان غلام آهيون، مجبور ۽ مظلوم آهيون. غلام دنيا جي تختي تي پيدا ٿيا ۽ آهن، پر قومن تي به ظلم ۽ جبر ٿيندا رهيا آهن. ۽ ٿين پيا. سون تازو هڪڙي ڪتاب

۾ پڙهيو ته ڪانگو ۾ جڏهن لوممبا اقتدار ۾ آيو، ان وقت اتان بيلجيمي رهاڪو خوف کان ڀڄڻ لڳا. سندس حالت اها هئي جو زال کي ٻڙس جو فڪر ڪونه هيو، ماءُ کي ٻار جي پئي ڪانه هئي، پيءُ کي پيڻ لاءِ تشويش ڪانه هئي. سڀ افراتفري جي عالم ۾ ڀڄي رهيا هئا، ته چند شيدي بيٺا هيا، جيڪي هنن تي، ڪليا، شيدين جي انهيءَ ڳالهه تي هڪ غيرملڪي سيلاني انهن کي چيو ته ڪنهن انسان جي مجبوري ۽ بيوسي تي کلڻ انسانيت جي توهين آهي، انهن چيو ته انهيءَ وقت ۾ انسانيت جي توهين ڪان هئي، جڏهن هنن ئي ڪنارن تان اسان جي ابن ڏاڏن کي اوهان غلام بنائي، بحري جهازن ۾ ڪئي آمريڪا، فرانس، جرمني، اٽلي ۽ اسپين ۾ وڪيو. ان وقت اهو مذاق ڪونه هيو، جڏهن اوهان اسان جي سينن تي گوليون هلايون. ان وقت انسانيت جي توهين نه هئي، جڏهن يورپي فوجين بوٽن سان اسان جا مٿا چيري ڇڏيا. ان وقت اها انسانيت جي بيعزتي نه هئي، جڏهن اوهان اسان جي وات جي گره کان وٺي پڌن جي ڪپڙي تائين يورپ ۾ سيڙي ڪئي ويو. ان وقت اها انسانيت ڪٿي هئي جڏهن آفريڪا جي صحرائن کي اوهان هن سرزمين جي فرزندن جي رت سان لاله زار بنايو. ان وقت اها انسانيت ڪيڏانهن مري وئي هئي، جڏهن اسان جي سر سبز ۽ شاداب کيتن ۾ توهان پنهنجون ٽينڪون هلايون؟ ان وقت اها انسانيت ڪٿي هئي، جڏهن ڪنهن يورپي عورت ڏانهن ڏسڻ جي جرم ۾ اسان جون اکيون ڪڍيون وينديون هيون؟ ۽ اڄ اوهان کي انسانيت جي ياد آئي آهي، جڏهن هن ڌرتي جو اصلي انسان پوري طاقت سان اهو ڪجهه توهان ڏانهن موٽائي رهيو آهي، جيڪو توهان کين ڏنو هيو. اڄ هي ماڻهو جيڪي اوهور (آزادي زنده باد) جا نعرا هڻي اٿيا آهن، جن جي رڳن ۾ صدين جو وحشي خون جوش مان ٿهڪڻ لڳو آهي، سي توهان جي انسانيت نوازيءَ کي چڱي طرح سڃاڻن ٿا ۽ اوهان جي تهذيب کي پوري ريت ڄاڻن ٿا. ته دوستو هي قوسون جن آزادي جو تصور ئي نه ڪيو هيو، تن ۾ جڏهن غلامي جو احساس پيدا ٿيو ۽ سندن جسم تي ذلت جا لڳل ڏنبي چڪڻ لڳا، ان وقت انهن جي فاتحانه يلغار ۽ بهادرانه جدوجهد کي پوري يورپ ۽ آمريڪا جا ائٽم بم ميزائيل ۽ ٽينڪ به روڪي نه سگهيا. اسان ۾ جيستائين غلامي جو احساس پيدا نه ٿيو آهي، ان وقت

تائين اسان جي ڊڪ ڊوڙ جدوجهد ۽ هلچل اجائي ۽ بيفائده آهي.
ٻي ڳالهه! دوستو ۽ ساٿيو! جيئن توهان کي عرض ڪيو
ته شام، زندگي جي هلچل لاءِ هڪ وقفو آهي، ساهي آهي ۽ ٿڪ
ڀڃڻ لاءِ موقعو آهي، شام امن جي علامت آهي. شام جي
وقت دشمن جون فوجون هڪ ٻئي کان ڌار ٿي وينديون آهن، جيئن
رات جي وقت ٿڪل فوجون آرام ڪري سگهن. اسان اهو امن ان
وقت وڃايو هيو، جڏهن سڪندر يوناني اسان تي حملو ڪيو. اسان
اهو امن ان وقت وڃايو هيو جڏهن ايراني سامراج سان مڪران وٽ
وڙهندي، سنڌ جو سورهيه مهاراج سهرس شهيد ٿي ويو. اسان اهو امن
ان وقت وڃايو هيو، جڏهن وچ **ايشيا** سان عرب حملو ڪري آيا هئا
۽ اروڙ ۾ شام جي وقت پرندڙ ڏينهن آخري پيڙڪو کان وساسي ويا
هئا، اسان اهو امن ان وقت وڃايو هو. جڏهن دريا خان ٺٽي جي حفاظت
ڪندي، ارغون ڪتن جي جارحيت ۽ فريب جي پنجوڙ ۾ ڦاسي پيو
هيو. اسان اهو امن ان وقت وڃايو هيو جڏهن روپا ۾ روڄ ۽ راڙو
متو هيو. اسان اهو امن ان وقت وڃايو هيو؟ جڏهن مياڻي
جي ميدان ۾ هوشو شيدي ”مرويسون مرويسون پر سنڌ نه ڏيسون“
جو نعرو هڻندي جان ڏني هئي، پر آڻ نه مڃيائين. اسان اڄ انهي
امن کي ڳولڻ جي لاءِ گڏ ٿيا آهيون ۽ انهي سون مياڻي جي ياد
تازي ڪرڻ لاءِ اچي مڙيا آهيون، جيڪا ست رنگي سانجهي هئي ۽
ڪنهن به ڌارئي جي، ٽپ هن سرزمين تي نه هئي. اسان اڄ چاهيون
ٿا ته هيءَ سر زمين ڌارين جي قبضي ۽ تسلط کان آزاد رهي. ڪنهن
ڌارئي جي هتي ڌاڪ نه هجي، ڪو به لٽيرو سنڌ جي سانڍهو جي گذران
جي وسيلن تي ڌاڙو نه هڻندو هجي ۽ سنڌ هتي جي عوام جي قبضي ۽
ڪنٽرول ۾ هجي ۽ اسان جا پير هن سر زمين تي مضبوط هجن. اسان
۾ دوست ۽ دشمن جي سڃاڻپ جي سمجهه هجي ۽ اهو دور ور ٻ آئيون
جنهن دور ۾ سنڌ جا بحري ٻيڙا سمنڊن ۽ درياهن جون ڇاتيون چيري
اسپين ۽ آفريڪا پهچندا هيا ۽ سنڌ جي موسيقي جون لهرون يورپ تائين
پهچنديون هيون، جڏهن شام ويلي سنڌ جون ونيون سنڌوءَ جي ڪناري
تي ڏيئڙا ٻاري اوسيئڙي ۽ انتظار سان جهونگاريندڙيون هيون ته.
مر لوهيڙا ڳئيا ڪسر تسريا، تو ڪيئن وسريا ڍوليا ڏينهن اڄ
مر تسريا پاند، آثر لڳا آءُ پرين! سون ته ڪارڻ ڪين تسهين.

انهيءَ شام جي تلاش ۾ اسان ڪڏهن اوڙ ۾ رت هاريو. انهيءَ شام جي تلاش ۾ اسان ڪڏهن مخدوم بلاول بڻجي، گهاڻي ۾ پيڙيا وياسين. انهيءَ شام جي تلاش ۾ اسان ڪڏهن ننگر جهڙا نينگر بڻجي، نينهن جو ناتو نڀايو ۽ وطن جي بچاءَ جي لاءِ ڪوئل سان ڪيل قول پاريا سين، انهيءَ شام جي تلاش ۾ اسان ڪڏهن ميانڻي جو سانگهڙ ڪيو ۽ انهي ئي شام جي تلاش هئي، جنهن اسان کان هيمون جي روپ ۾ ڦاسي تي به جيئي سنڌو ديش جا نعرا هڻايا.

ٻين ڳالهه :- قريشي صاحب سامراجي ملڪن ۽ قومن جون ٻه پاليسيون هونديون آهن، هڪڙي پنهنجي ملڪ لاءِ ۽ ٻي سندن غلام ملڪن لاءِ پنهنجي ملڪ اندر هنن جي پاليسي انصاف جمهوريت، رواداري ۽ انسانيت دوستي واري هوندي آهي ۽ ننڍڙن غلام ۽ محڪوم ملڪن لاءِ هنن جي پاليسي جابرانه ۽ وحشانيت سان ڀريل جذبي تي مبني هوندي آهي- آمريڪا ۾ جيڪڏهن واٽر گيٽ اسڪينڊل جهڙو معمولي واقعو ٿي پوي ته صدر نڪسن کي استعيفا ڏيڻي پوي، پر جيڪڏهن آمريڪا کي ويٽنام ۾ چاليهه لک انسان مرڻا پون ته انهن تي آمريڪا جي انسانيت دوستي تي ڪوبه اثر نه ٿو پوي. فرانس ۾ مزدورن ۽ شاگردن جي معمولي ڇڪتاڻ سوسيو ڊيگال کي استعيفا ڏيڻ تي مجبور ڪري، پر الجزائر ۾ ڏه لک عربن جو قتل عام ڊيگال لاءِ ڪنهن به خطري جو سبب نٿو بڻجي. يو گنڊا ۾ برطانيه جو معمولي پروفيسر قيد ٿي پوي ته پوري برطانيه ۾ ترٿلو مچي وڃي، پر سو سالن تائين برطانوي سامراج پوري دنيا کي قيد ڪيو ويٺو هجي ته اهو ڪو غير معمولي واقعو ناهي. بنگلا ديش ۾ پنجابي فوج قيد ٿئي ته پوري پاڪستان ۾ صف ماتم وڇائجي وڃي، پر انهيءَ سر زمين تي جيڪڏهن ٣٠ لک بنگالين جا بي گهور ڪفن لاش اسان جي مسلماني تي ماتم ڪندا رهن ته به اسان کي ڪا پرواه ڪانهي. بيلجم جا رهاڪو جيڪڏهن اڄ آفريڪا کي لتاڙيندا ۽ پيليندا وتن ته اهو سندن جائز حق شمار ڪيو وڃي، پر آفريڪا جو عظيم ليڊر لومبا ريلوي جي ڪلارڪي تان انهيءَ ڪري برطرف ڪيو وڃي ته هن جي ڪاٽي سان معمولي گهوٻي نڪري. لومبا ريلوي ۾ ڪلارڪ هوندو هو. بيلجم وارن ڪيس بدعنواني ۽ رشوتخوري جي الزام ۾

برطرف ڪري ڇڏيو. ۽ر آفريڪا جي عظيم عوام پنهنجو وٽ ڏئي ثابت ڪيو ته لوسمبا تون اسان جو ليڊر آهين. بدعنوان تون نه آهين پر بيلجيم وارا آهن.

ساڳي حالت هن ملڪ ۾ پناهگير پنجابي سامراج جي آهي. اردو جو شاعر راشد جيڪڏهن مري وڃي ۽ مرڻ وقت وصيت ڪري ته منهنجي جنازي نماز نه پڙهي وڃي ۽ منهنجو لاش پورڻ جي بجاءِ ساڙيو وڃي، ته ان جي باوجود پاڪستان ٽيليويزن ۽ ريڊيو ڏن ڏينهن تائين هن جي ماتم ۾ پروگرام نشر ڪن. پر سنڌ جو شاعر نياز همايوني جيڪڏهن ايئن چوي ته

دين ڌرم جي دوکي لئجي، نيٺ اسان اڪـه کولي اڇي،
سنڌ سوا ڳالهه نه ٿيندي پل ماڻهون ڳولي اڇي.

ته سندس ڪتاب ضبط ڪيو وڃي ۽ کيس ڪافر هجڻ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي. جيڪڏهن اداڪار جو نمائندو، جيڪو رات هتي موجود هيو، سو هتي موجود هجي ته آءٌ ڪانئس ايترو معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو، ته تنهنجو مطالعو ۽ مشاهدو ايترو ته تيز آهي، جو تون بند ڪمرن جون خفيه ميٽنگون پڌيو وٺين، تون سمنڊ جا زلزلا معلوم ڪريو وٺين ۽ تون سنڌ جي سرحدن تي خفيه ميٽنگوارڙ جي هلچل کي تاڙيو وٺين. پر تون هن سر زمين جي فرياد نٿو ٻڌي سگهين؟ تون هتي جي قوم جي اندر جون آهون ۽ دانهون نٿو ٻڌي سگهين؟ تون هن ڌرتي جي چيخيندڙ تاريخ ڏانهن ڌيان نه ڏنو آهي، تو هتي جي عوام جي بکين پيٽن ڏانهن نه ڏنو آهي. تو هتي جي ڏتڙيل انسانن جي اندر ۾ جهاتي پائي سور ۽ پور نه جاچيا آهن، تو هتي جي سنڌي ڪتابن جي جلجل قلهار کي نه ڏنو آهي. لاهور ۾ ڪنهن پولنگ اسٽيشن تي جيڪڏهن ڪنهن پنجابڻ جي پٺي تان پوتي لهي ٿي ته تنهنجو قلم فورن حرڪت ۾ اچيو وڃي، پر جڏهن سنڌي ورڪرن جي مائن ۽ ڀينرن جي چوٽين ۾ رسا وڄهي ۽ سندن پوڙهن پڻن جي ڳچين ۾ ڦڪا وجهي، ڦاٿن ۾ بند ڪيو وڃي ته اهو تنهنجي لاءِ ڪو مسئلو ڪونهي. انهي ڪري جو تون سامراجي ذهنيت جو نمائندو آهين. تون حاڪمن طبقن جو فرد آهين ۽ تون مستقل مفاد جو ساٿاري آهين.

ھن ملڪ ۾ پنجابين ۽ پناھگيرن لاءِ ھڪڙي پاليسي مرتب ٿيندي رھندي آھي ۽ سنڌين لاءِ ٻي ھئي پناھگير ۽ پنجابي قاتلن کي به ته ڇڏيو ويندو آھي. پر حق گهرڻ جي پاداش ۾ مولا بخش لغاري جي پوري کي گرفتار ڪيو ويندو آھي، عبدالواحد جي ڀيڻ ۽ ڀائرن کي ٻڌو ويندو آھي، اسماعيل جي ڀائرن کي ھٿڪڙيون ھنيون وينديون آھن، شاھ محمد جي ماءُ کي ڪاٺ ۾ وڌو ويندو آھي. جرم جيڪڏھن ڪيو آھي ته اسان ڪيو آھي، اسان جي مائٽن ته ڪونه ڪيو آھي. اسان جي مائٽن جو ڏوھه ۽ گناھه صرف اھو آھي، جو انھن اسان کي جنم ڏنو آھي، جيڪڏھن اھو ڏوھه آھي ته ھن غلامي واري دور ۾ ھن ذلت ۽ پستي واري زماني ۾ ھر ماءُ باغي ٻار کي جنم ڏيندي رھندي ۽ ھر ڀيڻ پنھنجي باغي ڀاءُ کي پينگهي ۾ لوڏيندي رھندي ۽ ھر پيءُ باغي پٽ کي ھلڻ سيکاريندو رھندو.........!!

چوٿين ڳالھه: نه صرف اسان کي پنھنجي حقن لاءِ آواز اٿارڻ تي بندش آھي، پر اسان جي پنھنجي پوري تاريخ به پڙھڻ نه ٿي ڏني وڃي ۽ اسان جي صحيح تاريخ کي بگاڙڻ جي مسخ ڪرڻ جي، ميٽ ميٽڻ ڪرڻ جي منظم سازش تحت ڪوشش ڪئي پئي وڃي. اعجازالحق قدوسي تاريخ سنڌ نالي اردو ۾ ڪتاب لکيو آھي، جيڪو مرڪزي اردو بورڊ طرفان لاھور مان شايع ڪيو ويو آھي. قيمت ٣٠ روپيه اٿس. انھي ڪتاب ۾ تاريخ دان لکي ٿو ته مخدوم بلاول ھڪ الله لوڪ فقير ھو، ھو عبادت ۽ رياضت جو ڏاڍو پابند ھيو، ھن جو مقبرو مڪلي تي شيخ حماد جمالي جي پير ۾ آھي. انھيءَ تاريخدانن کي ايتري به خبر ڪانھي ته مخدوم بلاول جي قبر ڪٿي آھي؟ حالانڪ دادو جي ٻار ٻار کي خبر آھي ته مخدوم بلاول جي قبر باغبان ۾ آھي. انھيءَ طريقي سان جيڪڏھن اسان جي تاريخ کي بگاڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته سڀاڻي ڪو انڙ جهڙو مورخ انھيءَ بحث جو حيرت اخبار ۾ آغاز ڪندو ته مخدوم بلاول جي قبر ڪٿي آھي ۽ ان نالي سان ڪو سنڌ ۾ ماڻھو به ھو يا نه؟ جيئن ڪجهه وقت اڳ ڊاڪٽر بلوچ ۽ پير علي محمد راشدي جو بحث ھليو ھو ته ھوش محمد جي قبر ڪٿي آھي.

ان کان سواءِ ھڪ منظم منصوبي تحت اسان کي پنھنجن تاريخي ھيرن کان ڪٽيو وڃي ٿو. اسين جيڪڏھن مھاراجه ڏاھر جي عظمت

جو ذڪر ڪريون ٿا ته ڊاڪٽر بلوچ ڪاوڙيو پوي ته پاڻي! ڏاهر جو ذڪر ڇو ٿا ڪيو؟ آءٌ عرض ڪرڻ چاهيان ٿو ته ڏاهر جو ذڪر اسان لاءِ پنهنجي قومي وجود جي باقي رکڻ جي علامت آهي. نبي صلعم نوشيروان جي وقت ۾ پيدا ٿيا هئا ۽ پاڻ سڳورن فرمايو هيو ته خدا جو شڪر آهي جو مان عادل بادشاهه جي وقت ۾ پيدا ٿيو آهيان. نوشيروان مسلمان ڪونه هيو، پر باهه جو پوڄاري ڪافر هيو. جيڪڏهن رسول باهه جي پوڄاري جي تعريف ڪري سگهي ٿو، ته اسان پنهنجي قومي هيري ڏاهر جي تعريف ڇو نه ٿا ڪري سگهون.

ان کان سواءِ پاڪستان وارا رات ڏينهن هوچي منه جي تعريف جا گيت ڳائيندا رهن ٿا. آءٌ صرف ايترو پڇڻ چاهيان ٿو جيڪڏهن ڏاهر ڪافر هيو ته هوچي منه ڪهڙو احرام ٻڌي ڪعبي مان ٻاهر نڪتو هيو؟ شهنشاهه ايران جيڪڏهن پنهنجو اڍائي هزار ساله جشن ملهائي، ته اسلامي جمهوريه پاڪستان جو سربراهه ان ڪافر بادشاهن جي جشن ۾ شريڪ ٿئي، پر جيڪڏهن اسان ڏاهر جو نالو وٺون ته اسلام خطري ۾ پئجيو وڃي.

ان سواءِ نبي صلعم جو چوڻ آهي ته بهترين جهاد ظالم حاڪم کي سچ چوڻ آهي. جيڪڏهن ابن قاسم ۾ واقعي ڪا غيرت هئي ته هو حجاج بن يوسف کي حق چئي ها، جنهن حجاج ڪعبي جون ديوارون ڊهرايون، عبدالله بن زبير کي ڪهي ان جو لاش رستي تي ٽنگائي ڇڏيو، ۽ مولانا آزاد جي لکڻي موجب جنهن ماڻهو هڪ لک اناويهه هزار انسان بنا جنگين جي قتل ڪرايا هجن. محمد بن قاسم اهڙي ظالم کي ته حق چئي نه سگهيو پر ڏاهر سان جهاد ڪرڻ لاءِ ٽڪو ٻڌي نڪتو. آءٌ ته اڃا به ايترو چوندس ته محمد بن قاسم اهڙي حڪومت جو چاڙتو هيو، جنهن جي ڀڙين سر رسول الله صلعم جي ڏوهٽي امام حسين جي لاش تي رکي وئي هئي.

ٿوري دير لاءِ اسين ڏاهر کي ڇڏيون ٿا پر اسان جيڪڏهن شاهه بيگ ارغون جهڙي لعنتي جي مذمت ڪيون، جنهن مخدوم بلاول جهڙي انسان کي گهاڻي ۾ پيڙايو ته "نوائي وقت" جو ايڊيٽوريل لکي، ته نظريه پاڪستان کي خطرو. اسين جيڪڏهن فيروز شاهه تغلق جي مذمت ڪيون ته علي نواز جتوئي ڪاوڙجيو پوي. اسين جيڪڏهن جام ننڍي کي پنهنجو هيرو سمجهون ته جسارت اخبار مضمون

لڳي ته اسلام خطري ۾ پئجي ويو آهي صرف ايترو چوڻ ٿو چاهيان، ته جيڪڏهن ڏاهر ته واقعي ڪافر هيو، پر درياخان ته مسلمان هيو، ان تي مسلمانن ڇو حملو ڪيو؟ چام ڄيئو ته مسلمان هيو، ان تي تغلقن ڇو حملو ڪيو؟ سومرا ته مسلمان هيا، انهن تي علاوالدين ڇو ڪاهه ڪئي؟ ۽ اڄ به اسان سنڌي مسلمان آهيون، توهان يوپي، سي پي، بهار ۽ اوڙيسا مان ڪنگ وٺي، ڇو پيا سنڌ جي زمين کي ڦيليو؟ توهان جي انهن روش کي ڏسي انصاف پسند مورخ انهيءَ چوڻ تي مجبور ٿيا آهن ته توهان جا سڀ حملا ۽ ڪاهون صرف دولت گڏ ڪرڻ، مال ميڙڻ ۽ انسانن کي غلام بڻائڻ لاءِ هيا ۽ آهن، بس-!

جيئن ته آئون سياسي تقرير نه پيو ڪيان، ان ڪري گورڪي جو قول اوهان کي پڌائيندس. گورڪي لکيو آهي ته "جيڪڏهن مون کي ڪتان نمڊي خوشي به ملي ته آءٌ ان کي قبول ڪرڻ ۾ مسرت محسوس ڪندس. پر آءٌ نمڊڙي خوشي لاءِ پنندس ڪونه." ساڳي طرح اسان جي به ننڍڙي خواهش ننڍڙي خوشي ننڍڙو مطالبو آهي، اهو هي ته هن سر زمين تي سنڌ جي عوام جي مرضي مطابق ڪين ٿي حڪومت ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي. هتي يونانين، ايرانين، ارغونن، ترخانن، تغلقن، خلجين، مغلن، انگريزن پنجابين، پناهگيرين ۽ پٺاڻن راڄ ڪيو آهي، هاڻ صرف هتي سنڌ جي هن دلير ۽ بهادر عوام کي راڄ ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي.

جيئي سنڌ!

بقا جي جنگ

سائين جي - ايم سيد جي سالگرہ
تي ڪيل تقرير

جڏهن عوام جون دلون جهالت ۽ وهم پرستيءَ سان ڀريل هونديون آهن، تڏهن انهن جي دلين ۾ خوف جو ماحول پيدا ٿيندو آهي. چالاڪ ۽ هوشيار ماڻهو اهڙين حالتن جو ناجائز فائدو وٺي مٿن قابض ۽ حڪمران ٿيڻ جي ڪوشش ڪن ٿا.

جي - ايم سيد

صدر محترم ۽ پيارا سائيو جيئي سنڌ:-

هڪ سال گذرڻ کان پوءِ اڄ وري سنڌ جي سائين جي سالگرهه تي اچي گڏ ٿيا آهيون. هن هال ۾ ويٺل نوجوانن کي ڏسي انهن جون تقريرون ٻڌي ۽ نعرا سمجهي آءٌ يقين سان چوان ٿو ته نوجوانن جو هي بي جگر ڪاروان زندگي، عمل ۽ ارادي سان ڀرپور دليون ڪنهن صبح کي جنم ڏيندڙيون. ڪا پرده پيدا ڪنديون ۽ هن سر زمين جي صدين کان ستل قسمت کي جاڳائڻ ۾ ڪامياب ٿينديون.
دوستو:- هن کان اڳ سنڌي شام جي موقعي تي مون عرض ڪيو هئو ته سامراج جون ٻه پاليسيون ٿينديون آهن. پنهنجي ملڪ ۽ عوام لاءِ هڪڙي پاليسي هوندي آهي، ۽ قبضي هيٺ ملڪ ۽ محڪوم قوم لاءِ لاءِ ٻي پاليسي - آمريڪا جيئن آمريڪي عوام لاءِ پاليسي ڌار آهي ۽ ويٽنامي عوام لاءِ جدا. اڄ آءٌ اوهان کي سامراج جي قسمن جي باري ۾ ٻڌائڻ چاهيان ٿو. ڇو ته ان کان اڳ اها وضاحت ڪري ان ته سامراج ڇا کي چئبو آهي؟
سامراج هر انهي ملڪ، قوم ۽ گروه کي سڏي سگهجي ٿو جيڪو ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ٻئي ملڪ ۽ قوم تي قبضو ڪري، ان کي پنهنجي بيهڪ بنائي. اتان جو ڪچو مال ڪمائي پنهنجي ملڪ جي ڪارخانن ۽ واپار ۾ واهپرو ڪري ۽ تيار مال وڏي اگهه ۽ قيمت تي وري ساڳي محڪوم ملڪ ۾ غلام قوم کي وڪڻي. اهڙي طريقي سان ٻنهي قسم جي پر ماريت هلائي غلام ملڪ جي ماڻهن سان رت ۽ ست جو آخري ڦڙو به نپوڙي ڪڍي ڇڏي. انهيءَ سامراج جا ٽي قسم آهن.
ا- پاڻ غلام بڻايل ملڪ ۾ فاتح پنهنجي اچي ويهي رهي ۽ اتي جي عوام جي آزادي، ملڪيت، معيشت ۽ دولت ڦري لٽي پاڻ سان گڏ آيل چند سپاهين، اميرن، درٻارين، ٻانهين ۽ قصيده گو شاعرن ۾ ورهائيندو رهي. جهڙي طرح مغلن هندستان ۾ ڪيو، عربن اسپين ۾ ڪيو، ۽ ارغونن، ترخانن ۽ ٻين سنڌ ۾ ڪيو. انهيءَ صورت

۾ سامراج جو سرشتو پنهنجي اصلي سرزمين ۽ ملڪ سان بلڪل ڪٽجي ويندو آهي ۽ هو ڏاڙيل بڻجي ايندو آهي ۽ شهنشاهه بڻجي سرندو آهي. انهيءَ سامراج جي هڪ صورت پڻ ٻه ڏيندي آهي. اها هي ته هو لٽ مار ڪرڻ ايندو آهي، ۽ لٽ مار جو مال ڪٺي هليو ويندو آهي، ملڪ وري به مقامي ماڻهن جي قبضي ۾ رهجي ويندو آهي. جيئن تيمورلنگ، احمد شاهه ابدالي، نادر شاهه هندستان ۾ ڪيو ۽ جيئن خلجين پٺاڻن مدد خان سميت سنڌ ۾ ڪيو.

٢- سامراج جو ٻيو قسم اهو آهي جنهن ۾ سامراج پاڻ پنهنجي ملڪ ۾ ويٺو هوندو آهي ۽ فوجي طاقت جي ذريعي ٻئي ملڪ تي قبضو ڪري، اتي پنهنجو نظام ۽ نظريه رائج ڪري، مقامي ماڻهو جو مال، ملڪيت، سون، هيرا، جواهر پنهنجي ملڪ ۾ ڪڻائيندو رهندو آهي. ان لاءِ هو پنهنجي ملڪ جون فوجون، واپاري، مذهبي اڳواڻ سول انتظاميه جا آفيسر ۽ تعليمي ماهر محڪوم ملڪ ۾ رکي حڪومت ڪندو آهي. جيئن انگريز هندستان ۾، عرب سنڌ ۾، فرانسيسي الجزائر ۾، بلجيڪي ڪانگو ۾، ڊچ انڊونيشيا ۾ ۽ پورچوگيز انگولا ۾ رهيا.

٣- سامراج جي ٽين صورت جيڪا موجوده دور ۾ گهڻو ڪري سروج آهي. سا هي آهي ته سامراج، ملڪ ۽ قومن مقامي ماڻهن جي معرفت ۽ انهن جي وسيلي دنيا جي اسرندڙ ۽ ايرندڙ ملڪن ۾ اقتصادي امداد، فوجي معاهدن، ۽ ثقافتي احساس ذريعي ڪري رهيا آهن. جيئن آمريڪا لاطيني آمريڪا جي ملڪن، فوجي معاهدن جي سيمبر حڪومتن ۽ ننڍين قومن سان ڪري رهي آهي. يا سنڌ جو ٽي مثال ڪٿي وٺو. هتي اسان وٽ ٻن قسمن جو سامراجي سرشتو چالو ڪيو ويو آهي. هڪ ته پنجابي ۽ پناهگير سامراج وڏي تعداد ۾ سنڌ اندر اچي ڪڙڪيو آهي، جنهن سنڌ جي هر شي تي قبضو ڪري مقامي ماڻهن کي جانورن واري زندگي گذارڻ تي مجبور ڪيو آهي. ٻيو ته هتي حڪومت حقيقت ۾ پناهگير پنجابي لٽيرا، قومي غاصب ۽ بدترين قسم جا ظالم ڪري رهيا آهن. ليڪن مقامي [illegible] ۽ [illegible] جي معرفت اسان جي سامهون ظاهري طرح [illegible] گهيندڙ [illegible] آهن. ليڪن اهي صرف اڳين جا [illegible]، پٺي جي اشارتي تي نچندڙ ۽ بي جان پتليون آهن، جن [illegible] پناهگير سول انتظاميه ۽ پنجابي فوجي جنتا جو [illegible] ۽ ذهن ڪم ڪري رهيو آهي.

سامراج جي خلاف جڏهن ۾ جدوجهد ٿي آهي، جڏهن ته آزادي جو جهنڊو انساني هٿن ۾ ڦڙڪڻ لڳو آهي سامراج جي سڀ کان بدترين ۽ مشڪل صورت آزادي جي راهه ۾ رڪاوٽ ۽ ونڊڪ بڻجڻ لاءِ مقامي ماڻهو واري حڪومت ثابت ٿي آهي. آزادي جي جنگ جي هر مورچي، هر محاذ، هر ميدان ۽ هر اسٽيج تي مقامي مجاهدن کي انهن چئي برغلايو ويو آهي، ٺڳيو ويو آهي ۽ دوکو ڏنو ويو آهي ته توهان جو ماڻهو ئي ته حڪومت ڪري رهيو آهي. ڏسو فلاڻي ڪامريڊ کي سيڪريٽري ڪيو ويو آهي. فلاڻي وڪيل کي شرف ملاقات بخشيو ويو آهي، ۽ فلاڻي شاعر کي سياهه ۽ سفيد جو مالڪ بڻايو ويو آهي. اهڙي طريقي سان آزادي جي تحريڪ ۽ حقن جي جدوجهد کي ختم ڪيو ويو آهي. دنيا جا اهي بهادر ۽ دلير انسان، اهي ڏاها ۽ سچار مجاهد جن پنهنجي ڌرتي سان پريت جي ريت نڀائڻ جو قسم کنيو ۽ پنهنجي قوم جي ڏکن ۽ سورن سان پاڻ کي ائين ملائي ڇڏيو جيئن ڇيٽ جي ڇانڊوڪي ۾ به ازل جون اڃايل دليون ملي هڪ ٿي وينديون آهن. تن انهن سڀني حرين، چالاڪين مڪارين ۽ فريب ڪارين جي واريءَ جي ڪوٽ کي اُلٽن سان ڊاهي ديسي دلالن کي پنهنجي آقائن وٽ ڀڄي وڃڻ لاءِ مجبور ڪيو. جيئن ڪمبوڊيا جي بهادرن لون نال سان ڪيو ۽ جيئن ڏکڻ ويٽنام جي مجاهدن جنرل ٿيو کي ڀڄي ڇڏيو. اسان کي چيو وڃي ٿو ته پاڻي! موجوده حڪمران ٽولو سنڌي آهي، انهي ٽولي خلاف ڳالهائڻ، ڪڇڻ ۽ احتجاج ڪرڻ ۽ ڪين بي نقاب بڻائڻ سنڌ سان دشمني جي برابر آهي. اسان جو جواب صرف هي آهي ته جيڪڏهن جنرل ٿيو جي خلاف جدوجهد بغاوت نه پر حب الوطني جي مقدس جنگ آهي، جيڪڏهن لون نال جي خلاف احتجاج ٿي نه پر هٿيار کڻڻ ڪمبوڊيا جي سر زمين سان غداري نه پر لافاني محبت آهي. جيڪڏهن شومبي کي ڏنڻ ڪانگو سان دشمني نه پر لوممبا جي مقدس رت جو جو انتقام آهي ته پوءِ حڪمران ٽولي خلاف احتجاج ۽ هلچل ڏاهر کان وٺي شهيد عبدالرزاق سومري تائين جي عظيم انسانن جي رت جو انتقام آهي بدلو آهي، ۽ سر زمين سنڌ جي تاريخي پڪار جو آواز آهي ۽ اهو آواز هلندو رهندو بلند ٿيندو ويندو. جيستائين اهو پوري سنڌ ۾ طوفان ۽ گجگوڙ جي صورت اختيار نه ڪري، سامراج ۽

ان جي ايجنٽن کي پنهنجي انجام تي نه پهچائي.

هن وقت سنڌ هڪ اهڙي دور ۽ مرحلي ۾ زندگي ۽ موت جي ڇڪتاڻ ۾ مبتلا آهي. انهي صدين جي ستايل، وڙيل، چچريل ۽ چيپاڙيل سنڌ جو ڇٽن ميدانن ۾ استحصال ڪيو پيو وڃي ۽ جڏهن به سنڌ جو باشعور ۽ باغيرت انسان انهي استحصال جي خلاف آواز بلند ٿو ڪري ته کيس ملڪ دشمن، وطن دشمن ۽ قوم دشمن سڏيو ٿو وڃي. پر اسان انهن الزامن کان بيپرواه ٿي عوام کي پڌائيندا رهيا آهيون ۽ پڌائيندا رهنداسين ته اهي ڪهڙا ميدان آهن ۽ ڪهڙا شعبا آهن جن ۾ سنڌ جو استحصال ڪيو پيو وڃي ۽ ڪير ٿو ڪري؟

پهريون:- سنڌي قوم جو استحصال لساني ميدان تي ڪيو پيو وڃي. سنڌي پريسن، ڪتابن، رسالن ۽ اخبارن تي بندشون وجهي، اردوءَ جي بالا دستي ۽ حاڪميت هلائي پئي وڃي. اردو اخبارن کي قومي اخبارون قرار ڏئي انهن جي اشتهارن جو اگهه، سنڌي اخبارن جي اشتهارن کان چوٿو حصو مقرر ڪيو ويو آهي. سنڌي ڪتابن جي انعام جي رقم اردو ڪتابن جي رقم کان اڌوٽي گهٽ مقرر ڪئي ٿي وڃي، ريڊيو ۽ ٽيليويزن تي سنڌي شاعري ڊرامي ۽ ڪهاڻي کي ٻيو درجو ڏنو وڃي. سنڌي ٻوليءَ کي ڪاليجن، اسڪولن، يونيورسٽين، ريڊيو، ٽي-وي، سئنيما، سائين بورڊن، نيم پليٽن ۽ رستن جي نالن جي معاملي ۾ ڪابه اهميت ۽ حيثيت نه ٿي ڏني وڃي. پاڪستان جي ٽي-وي کي پناهگيرن کي راضي ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي ٿو اهڙي ريت سنڌي زبان کي پنهنجي ملڪ ۾ بيوه جيان بيحال بنايو ويو آهي. هتي اقبال ۽ غالب جهڙن درباري شاعرن کي لطيف ۽ خليفي نبي بخش کان مٿانهون درجو ڏئي، انهن جي بي سواد شاعريءَ کي عام ڪرڻ لاءِ بي ذريغ پيسو خرچ ڪيو وڃي ٿو. پاڪستان ٽيليويزن تان غالب ۽ اقبال جا انگريزن جي ساراه ۾ چيل قصيدا ته نشر ڪيا وڃن ٿا پر خليفي نبي بخش جا سنڌ جي عوام جي تعريف ۽ واکاڻ ۾ چيل شعر نشر نٿا ڪيا وڃن هتي ڪيترن ئي بادشاهن جي سولود خواني ڪندڙ امير خسرو کي ته اهميت ڏني وڃي ٿي پر سچل جهڙي هفت زبان شاعر کي ڇيهوٽي ڪونه ٿو وڃي. اهو

مارو ژبان جي معاملي ۾ استحصال يو-پي، سي-پي، بهار ۽ اڙيسه کان آيل پناهگير ڪري رهيو آهي.

ٻيو :- ثقافت جي ميدان ۾ به سنڌ جي تهذيب ۽ ثقافت کي اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۽ نعري ۾ ختم ڪيو پيو وڃي. سنڌي عوام تي مغلن جي تهذيب کي اسلامي تهذيب جو نالو ڏئي مڙهيو پيو وڃي. هي عجيب ستم ظريفي آهي جنهن جهانگير جيڪو اسلامي شريعت مطابق حرامي پار هيو تنهن جي ثقافت ته اسلامي ثقافت پر لطيف ۽ سائين جي-ايم سيد جيڪي آل رسول آهن، تن جي ثقافت غير اسلامي آهي. سون جهانگير جي لاءِ حرامي لفظ استعمال ڪيو آهي سو ڪيني، حسد، دشمني وچان نه پر نيت مسلماني نقطه نظر سان. جو ته اسلام ۾ ڪنهن به هندو عورت سان بغير مذهب بدلائڻ نڪاح جائز ڪونهي ۽ اهڙي عورت مان پيدا ٿيل پار حرامي ڪري ليکيو ويندو ان کي پيءُ جي ورثي، ترڪي، مان ڪو به حصو نه ملندو ۽ هي ڳالهه سڀني تاريخدانن وٽ تسليم ٿيل آهي ته جهانگير سميت اڪثر مغل شهزادا هندو رائين جو اولاد هئا جيڪي مغلن جي حرم ۾ بنا مذهب بدلائڻ جي رهندڙ هيون. اهي سائيهو جيڪي مغلن جي دور ۾ اسلام جي خلاف ورزي ڪري انهن حرامي پارن کي حڪومتون به ورثي ۾ ڏياريندا هئا، تن جيڪا تهذيب ۽ ثقافت تخليق ڪئي سا ڪنهن به صورت ۾ مسلم ثقافت مڃڻ جي اهل ڪانهي. حقيقت ۾ مودودي کان وٺي ظاهر قاسمي تائين سڀ حرامين جي ثقافت جا مبلغ ۽ علمبردار آهن، اهي اسان تي الزام هڻڻ کان اڳ پنهنجي گريبان ۾ منهن وجهي ڏسن ته اهي حرامين جي ثقافت جا علمبردار پناهگير، ثقافت جي ميدان ۾ اسان جو استحصال ڪن پيا.

ٽيون :- سياسي ميدان ۾ اسان جو استحصال پنجاب ڪري رهيو آهي. هن وقت حالت هي آهي جو قومي اسيمبلي ۾ سنڌ، سرحد، بلوچستان سان قومي اسيمبلي جا سڀ ميمبر گڏجي به پنجاب جي قومي اسيمبلي جي ميمبرن کان گهٽ آهن اهڙي ريت آئيني طرح پنجاب جي حڪومت هميشه هميشه لاءِ اسان تي مسلط ڪئي وئي آهي. دنيا جو هي سچو اصول آهي ته هر اهو ملڪ جنهن ۾ وفاقي

نظام حڪومت هجي ان ۾ آدمشماري جي بنياد تي صوبن کي نمائندگي ڏيڻ جي ڪابه گنجائش ڪانه هوندي آهي. اهو ان ڪري جو عددي اڪثريت جي بنياد تي هڪ صوبو پوري وفاقي انتظاميه جو مالڪ بڻجي وڃي ٿو. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ اهڙي غلطي ڪئي به آهي ته اتي بيچيني جا سبب وڌيا آهن ۽ اهي سڀ ملڪ لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيا آهن. انهي ڪري اسان جو مطالبو آهي ته آدمشماري جي بنياد تي نمائندگي ڏيڻ بجاءِ قومي اسيمبلي ۾ برابري جي بنياد تي سڀني صوبن کي نمائندگي ڏني وڃي، ٻي صورت ۾ خراب نتيجا به نڪري سگهن ٿا. نه صرف اسيمبلي ۾ پر نوڪرين واپار، فوج، پوليس ۽ ٻين کاتن ۾ پڻ برابري وارو اصول تسليم ڪيو وڃي.

دوستو اهي چند ڳالهيون جي - ايم سيد جي فڪر جي روشني ۾ عرض ڪيون. اڄ وڌيڪ جي - ايم سيد جي شخصيت تي سان ڇا ڳالهايان جڏهن به سون جي - ايم سيد جي عظيم ۽ اڏول شخصيت تي غور ڪيو آهي ته پاڻ کي اٺين سمجهو اٿم ته هڪڙو ننڍڙو ماڻهو هماليه جي چوٽي ڏانهن ڏسڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پر ڏسندي ڏسندي سندس نظر ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏئي، پر هماليه جي چوٽي ڪيس نظر نه اچي سگهي. جي - ايم سيد ۾ هزارها خوبين سان گڏ، ٻه شيون تمام اهميت واريون آهن، پهرين هيءَ ته هن جي خودداري ۽ غيرت ايتري ته مضبوط ۽ فولادي آهي جو پاڪستان جو ڪوبه حڪمران جي - ايم سيد کي لالچ ڏيڻ جي جرئت نه ڪري سگهيو آهي. ٻي هو ايڏو ته بهادر انسان آهي جو هن جي رڳن ۾ ٻوڙندڙ رت ۾ ظالم جابر کان خوف جو ذرو به شامل ڪونهي. جي - ايم سيد هن ملڪ ۾ هميشه حڪمران ٽولن سان ٽڪر کائيندو رهيو آهي ۽ نتيجي ۾ جيڪي ڪجهه سٺائيس رهيو واريو آهي تنهن کي خنده پيشاني سان برداشت ڪندو پيو آيو آهي. پاڪستان جي ٻي ڪابه پارٽي ايتري اصول پسنديءَ جو ثبوت پيش ڪري نٿي سگهي. ڇا جماعت اسلامي اصول پسند آهي؟ جنهن معصوم بنگالين جي رت سان پنهنجون ڏاڙهيون رنگيون، يحيٰي خان جي هٿ ٺوڪي حڪومت ۾ وزارتون قبول ڪيون. ڇا نيشنل عوامي پارٽي، ايڏي اصول پسند آهي؟ جنهن قومن جي قاتل آئين تي صحيح ڪري مولوين سان گڏ حڪومتون ورتيون. ڇا پيپلز

پارٽي جنهن کي آئون اهڙو شراب خانو سڏيندو آهيان جتي شام جي وقت عياش ماڻهو تفريح لاءِ اچي گڏ ٿيندا آهن. اصول پسند آهي.

آخر ۾ آئون اوهان سڀني جو ٿورائتو آهيان جو اوهان منهنجون ڳالهيون محبت جي ڪنن سان ٻڌيون.

چڱو جيئي سنڌ —

پورو ٿيو

جي تون منهنجو ٿين پائيين

جون ۱۹۷۲ع تي مياڻي روڊ جي عام جلسي ۾ ڪيل تقرير

آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اردو زبان ۾ شرافت جو ذرو به نه آهي. جيڪڏهن سنڌ جي اخلاق ۽ روايتن کي تباهه ڪرڻ لاءِ انهيءَ زبان کي زوري مڙهيو ويو ته پوءِ پيدا ٿيندڙ نئين نسل سنڌي تهذيب ۽ اسان جي بربادي. اڄ کان ۲۵ ورهيه اڳ جي غلطي ڪئي هئي، پر اها تاريخ جي قانون موجب جيڪڏهن ڪي ٻيا ٻن جون غلطيون اولاد کي سدائين ڀوڳڻيون پونديون آهن.

صدر محترم: آءٌ گهڻو وقت وٺي اوهان جي ڪـڪ ٽيڻ جـو سبب ڪونه بڻبس. البت ڪي اڻ ٽر حقيقتون پيش ڪري اوهان جي غور ۽ فڪر لاءِ نئون دڳ ٻڌائيندس.

جناب صدر: هن وقت اردو ۽ سنڌي جي جهڳڙي ڀاهڙي صورت اختيار ڪئي آهي، جو سرزمين سنڌ جيڪا صدين کان محبت ۽ ڀائيچاري، امن ۽ آسپي، صلح ۽ ساٺت جو هندورو رهي آهي، سا ڪن ڌارين جي نامناسب حرڪتن سبب آتش فشان پهاڙ بنجي ويئي آهي. جيڪڏهن انهيءَ جبر ۽ نفرت جي ديو جو گلو هن وقت ٻيو نه ڪپيو ويو ته پوءِ ٿي سگهي ٿو ته اهو آتش فشان ڦاٽي پوي ۽ ان جي شعلن سان سنڌ جا دراوڙ پنهنجي نيزن جون اٿيون ٻاري، نفرت جي علمبردارن کي ساڙي ڀسم ڪري ڇڏين.

ساٿيو: جڏهن کان ون يونٽ جو ڦهري ڪوٽ جيڪو سراسر دوکي ۽ دولاب جي گاري ۽ سرن سان لهيل هو، جنهن جا پهريدار مڪار هجڻ سان گڏ خونخوار به هئا، سو سنڌ جي نوجوانن جي لڳاتار ۽ زوردار ضربن سان ڌڙي اچي پٽ پيو آهي. ۽ ان جا معمار پنهنجي ئي تيرن سان زخمي ٿي اڄ گمنامي جي ڪنڊ ۾ ڇتي ڪتي وانگر پنهنجا تٽ چٽي رهيا آهن. انهيءَ وقت کان سنڌي زبان کي، جيڪا دنيا جي قديم، شاهوڪار، سادي، سلوڻي، سباجهي ۽ علم جي زيور سان ڪنوار وانگر سينگاريل آهي. پنهنجي مقام ۽ سرڪاري مرتبي ملڻ جي هلڪي اميد پيدا ٿي آهي، تنهن کي اڄ ناحق هڪ طوائف جي حيثيت رکندڙ زبان جي تابع ڪيو ٿو وڃي ۽ جي انهيءَ طوائف شرافت ۽ پاڪائي کي ثابت ڪرڻ لاءِ بار بار مذهب جي تقدس ۽ پاڪستان جي سالميت کي استعمال ڪيو ٿو وڃي.

صدر صاحب: آءٌ هتي بنان ڪنهن ڊپ ڊاءَ جي ٻڌائڻ ٿـو چاهيان ته سنڌ ۾ ڪنڊڪيٽ جي ڪنڌيءَ کان وٺي ڪارونجهر جي ڪور تائين هر سنڌي ماڻهو جو مطالبو ۽ خواهش آهي تـه سنڌ جي

سرڪاري ۽ قومي زبان صرف سنڌي ٿيڻ گهرجي. انهيءَ ڪري جو سنڌي زبان برهمڻن، عربن، سمن، سومرن، سوڍن، ڪلهوڙن، ميرن ۽ انگريزن جي وقتن ۾ ڪافي حد تائين سرڪاري ڪاروبار ۾ استعمال ٿيندي رهي آهي. ۽ اڄ به هن زبان ۾ تيرهن لکن ڪان مٿي ڇپيل ڪتاب موجود آهن. ڇهه روزاني اخبارون، ٥٠ هفتيوار اخبارون، ۲۰ کن ماهوار رسالا نڪرندڙ آهن. اها زبان هر طرح لائق ۽ حقدار آهي جو نه صرف سنڌ جي واحد سرڪاري ۽ قومي زبان ٿئجي پر پوري پاڪستان جي قومي ۽ سرڪاري زبان ٿئجي. جيڪڏهن سنڌين جي انهيءَ معقول ۽ مناسب مطالبي جي راهه ۾ رنڊڪون ۽ رڪاوٽون وڌيون ويون ته پوءِ آءٌ گهٽ ۾ گهٽ سنڌين کي بنگال جي تاريخ پڙهڻ جو مشورو ضرور ڏيندس.

دوستو! اردو کي سنڌيءَ جي جاءِ تي آڻڻ لاءِ دليل ڏنو ٿو وڃي ته هي تحريڪ پاڪستان جي زبان آهي. آءٌ انهن سائين کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته توهان جهڙن غلط بيانيون پنهنجو اثر وڃائي چڪيون آهن. هاڻي توهان گهڻو وقت سائين جي اکين ۾ دوڙ وجهي نه ٿا سگهو. اردو، تحريڪ پاڪستان جي زبان هرگز ٿي نه ٿي سگهي ان لاءِ هيٺيان ڪارڻ آهن:

(۱) اقبال، پاڪستان جو نظريو جنهن خطبي ۾ پيش ڪيو هو سو خطبو انگريزي ۾ هو. (۲) قرارداد پاڪستان جيڪا ۱۹۴۰ع ۾ پاس ٿي سا انگريزي ۾ هئي. (۳) ليگ جي پليٽ فارم تان پاڪستان لاءِ پاس ٿيل ٺهراءَ ۽ تقريرون ۹۹ سيڪڙو انگريزي ۾ هيون. (٤) مسلم ليگ جي صدر مسٽر جناح جي زبان اردو نه هئي. ليگ جا سڀ چوٽيءَ جا ليڊر سواءِ حسرت موهاني، بهادر يارجنگ، خليق الزمان ۽ لياقت علي جي غير اردودان هئا. انهن مان ۽ لياقت علي جي لکڻ پڙهڻ ۽ تقرير ڪرڻ جي ناتي (۵) سن ۱۹۴۰ کان ۱۹۵۱ پاڪستان جي تحريڪ سنڌ، بنگال، بلوچستان ۽ پنجاب ۽ ٻين هنڌن اتي جي مقامي زبانن ۾ هلي هئي، انهيءَ ڪري اهو چوڻ ته اردو تحريڪ پاڪستان جي زبان هئي، انتهائي شرمناڪ آهي.

دوستو: ڇيو وڃي ٿو ته اردو اسلام جي خدمت ڪئي آهي، [illegible] پروپيگنڊا جماعت اسلامي جا مذهبي مضمون [illegible] پنا ڪيئي زور شور [illegible] ڪري رهيا آهن. [illegible] مذهبي انتشار [illegible] دعوي [illegible] مسلمانن جي روايتي مذهب اسلام [illegible] جيترو نقصان اردو پهچايو [illegible] شايد چنگيز خان جي تلوار [illegible] پهچايو هجي. [illegible] انگريزن [illegible] جنهن [illegible] اسلام [illegible] ڪئي آهي. [illegible] اردو جي [illegible] استعمال ڪئي آهي. مثال طور (١) سر سيد [illegible] اردو [illegible] انڪار ڪيو. (٢) [illegible] اردو تفسير [illegible] حلال قرار ڏنو [illegible] (٣) شبلي نعماني [illegible] اردو ڪتاب [illegible] جو انڪار ڪيو. (٤) پرويز [illegible] اردو [illegible] حديث جو انڪار ڪيو. (٥) غلام احمد قادياني [illegible] زبان [illegible] آهي. (٦) [illegible] اردو [illegible] قومي شاعر اقبال [illegible] ٿو ته:

[illegible] فارغ تو نه بيٺه [illegible] محشر [illegible] جنون ميرا
[illegible] اپنا گريبان چاڪ يا دامن يزدان چاڪ.

[illegible] قيامت جي ڏينهن [illegible] ڪري [illegible] يا [illegible] يا حضرت جو چولو چاڪ ڪندس. (٧) [illegible] مودودي [illegible] ڪتابن [illegible] پيغمبرن جي توهين [illegible] تشريح ڪئي. (٨) [illegible] اردو [illegible] آبادي [illegible] (٣٠) [illegible] آواز [illegible] انتقام [illegible] لطيف گل [illegible] آئي [illegible] پياري [illegible]

[illegible] اقليت قرار ڏيڻ سان گڏ حڪومت جو فرض آهي ته [illegible] اردو [illegible] اقليت جي زبان قرار ڏئي جيئن [illegible] غلام [illegible] جي [illegible] زبان آهي [illegible]
[illegible] آ [illegible]

ٻين جا ڪتاب قرآني معيار اخلاق تي ڀرپور چماٽ آهن. انهن کان سواءِ مختلف رسالا ۽ ڊائجسٽون آهن جن ۾ اگهاڙا فوٽو ۽ اگهاڙيون ڪهاڻيون ڇپيون پيئون آهن. اها ڪهڙي اسلام جي خدمت آهي؟ جنهن زبان ۾ ايتري گند گي پري پيئي هجي تنهن کي ڪيئن ٿي نيو پر شريفاڻي زبان ٿي چئي نه ٿو سگهجي. آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اردو ۾ شرافت جي ذرو به نه آهي. جيڪڏهن سنڌ جي اخلاق ۽ روايات کي تباهه ڪرڻ لاءِ انهيءَ زبان کي زوري مڙهيو ويو ته پوءِ شايد سنڌ جو نئون نسل سوچي ته اڄ کان ٢۵ ورهيه اڳي اسان جي وڏن غلطي ڪئي هئي. پوءِ تاريخ جي قانون موجب ڪڏهن ڪڏهن ماڻهن جون غلطيون اولاد کي سڌارڻيون پونديون آهن.

”جيئڻ ڪاڻ جيڏيون موٽ وڏا وس ڪيا“

۲۷ آگسٽ ۱۹۷۲ع تي دوست محمد ڪيرئي ۾ برادرم محمد عباس [illegible] جي شادي جي موقعي تي ڪيل تقرير

منهنجو يقين آهي ته پنهنجي ملڪ ۾ آزادي ۽ عزت سان زنده رهڻ لاءِ جيتريون قربانيون سنڌي قوم ڏنيون آهن، اوتريون شايد ئي ٻي ڪنهن قوم ڏنيون هجن. سنڌي قوم کي تاريخ جي هر دور ۾ چچريو ۽ چيپاٽيو ويو آهي. ان جي لڱ لڱ کي وڍي مٿس لوڻ ٻرڪيو ويو آهي. ان کان خوشحالي ڦري ان جي عيوض غريبي، مسڪيني ۽ بيوسي جا نه ختم ٿيندڙ ڏنڀ ڏنا ويا آهن.

ان جي نوجوانن جي لاشن کي اونداهن کوهن ۾ اڇلايو ويو آهي. پوءِ به هي قوم زنده آهي.

دوستو بزرگو ۽ ساٿيو! جيئي سنڌ. آءٌ توهان جو ٿورائتو آهيان جو اوهان مون کي هن شادي جي موقعي تي وقت ڏنو آهي جيئن آءٌ مادر وطن جي سورن ۽ سختين، ڏکن ۽ ڏاکڙن جي داستان اوهان کي ٻڌائي، اوهان جي جذبي، جوش ۽ قومي غيرت کي سنڌ جي استقلال لاءِ اپيل ڪريان. اوهان اڄ هڪ روايت قائم ڪئي آهي ته اسان جي شادي ۽ غمي، عيد ۽ برات، هولي ۽ ڏياري، مسجد ۽ مندر، خانگاهه ۽ مڙهي سنڌ جي ذڪر ۽ ان جي خوشحالي لاءِ سوچ ۽ ويچار کان خالي نه رهڻ گهرجي. شاديون انسانن لاءِ خوشيءَ جا موقعا هونديون آهن. ليڪن اهو ماڻهو ڪهڙي ريت خوشي محسوس ڪندو جنهن جو گهر ڌاڙيلن ڦري ڇڏيو هجي. اهو قافلو ڪيئن خوشيءَ جا گيت ڳائي سگهندو جنهن جو سامان ڦرجي ويو هجي. اهو ملاح ڪيئن سرهو ٿيندو جنهن جي ٻيڙي خوفناڪ طوفانن ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏي هجي. اهو ٻار ڪهڙي رانديڪي تي هرکجي سگهندو جنهن جي سر تان پيءُ جو ڇانو لهي ويو هجي.

اسان سنڌين کان پنهنجون زمينون کسجي ويون. ”پوري سنڌ جي زرعي زمين جو ٽيون حصو پناهگيرن ۽ پنجابين وٽ آهي.“

اسان جا گهر اسان جا نه رهيا آهن. پنهنجي وطن ۾ اسان جي مرضي نه آهي. حقيقت ۾ اسان پوري ريت غلام بڻجي ويا آهيون. هي وقت اسان کي اٿڻ سان گڏ سنڌ کي سر ڏيڻ جي اپيل ٿو ڪري. ماڻي هي اسان تي ڇڏيل آهي ته اسان وقت جي انهيءَ پڪار ۽ آواز جو ساٿ ڏيئي پنهنجي ۽ سنڌ جي وجود کي سلامت رکڻ لاءِ ارادو ۽ عمل ڪريون ٿا يا نه؟

سر زمين سنڌ ڏاڍي، زرخيز ۽ تاريخي اهميت جي حامل آهي. هن سان اسان جي شاندار ماضي جي تاريخ جو تسلسل قائم آهي ۽ ان سان ئي اسان جو روشن مستقبل وابسته آهي. اڄ کي ڌاريا ماڻهو جيڪي سنڌ، سنڌين ۽ سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخي جدوجهد جا ويري ۽ دشمن آهن. سي پنهنجو پاڻ کي اسلام جا شيدائي ۽ فدائي چوائي، سنڌين جي جداگانه هستي ۽ وجود کي ختم ڪرڻ لاءِ شرارتن ۽ سازش

محفوظ آهن. هي آهن اسلام جي نيڪيءَ جا نشان. هتي چاهيان
ٿو ته [illegible]

[illegible] چا! اسلام جي دهليءَ ۾ شاهه ولي الله ۽ نظام الدين اولياءَ جي
ذخيرن ۾ موجود ڪونه آهن؟ اسلام اجميري جي درگاهه ۾ نه آهي ڇا؟
[illegible] ڇا اسلام دارالعلوم ديوبند، مسلم يونيورسٽي علي ڳڙهه ۾
ختم ٿي ويو آهي؟ [illegible]

[illegible] اسلام جي انهن ادارن کي هندستان ۾ ڇڏي اوهان پنهنجو
مناسب سمجهيو؟ اوهان کي معلوم آهي اسلام سان محبت هجي ها
ته انهن ادارن کي ڇڏي نه اچو ها. اوهان اڄ جي ايم سيد کي ٻن ٽن
ڪيرايو ته اوهان جي چوڻ مطابق هو اسلام کان ڦري ويو آهي. پر
اوهان حسين احمد مدني (جنهن اوهان جي چوڻ مطابق چوڏهن سال
رسول جي روضي جي ڀر ۾ حديث پڙهائي) جي ڏاڙهي ۾ شراب
هاريو. اوهان قرآن جي مفسر ابوالڪلام آزاد جي ڏاڙهي پٽي. اوهان
احمد سعيد دهلويءَ جهڙي پرهيزگار انسان کي پٿر هنيا [illegible]

[illegible] اوهان جي ملت انقلاب جي پيغمبر عبيدالله سنڌي تي ڪفر
جون فتوائون ڏنيون. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته اوهان جو اسلام پيٽ
آهي. اوهان جو خدا نفساني خواهشون آهن. اوهان جو رسول ڪليم
فرنگي جا ايجاد ڪيل آهن. ان جي برخلاف اسان سنڌين جي تاريخ عظيم
شاندار آهي. اسان جي اسلامي خدمتن جو سلسلو طويل آهي. مسلمانن
جي آزاديءَ جي جدوجهد جو داستان قابل فخر رهندو آهي. اهو روشن بلند
جو ڪمال جو نمونو آهي. اسان جي ايمان جو سلسلو آهن. [illegible]
عقيدو آهي ته شاندار ماضيءَ مان سبق وٺي شاندار مستقبل ٺاهڻ لاءِ
سنڌ ڪار ثابت ٿي ٿو. ڪنهن قوم جي قسمت اُن جي بيدار ٿيڻ لاءِ
ضروري آهي ته عارضي رڪاوٽون پيدا ڪيون وڃن [illegible]
آهن انهيءَ ڪري آءٌ چاهيان ٿو ته سنڌي قوم اچي ساڻيءَ جو ٻڌايو ڪرا
[illegible]

[illegible] درويش سنڌ ۾ هاشم زئي آهي جنهن ڏني انسان جا قدم پيئي
کان پهريان پيتا. شاهه مولوي اعزاز علي ديوبندي فقه جي مشهور

[illegible]
ڪتاب ڪنز جي حاشيه ۾ لکيو آهي ته پيءُ حوالو ڏيندي ٻڌائن ٿا نڪرڻ
کانپوءِ سنڌ ۾ لٿي هئي. امام زين العابدين (ع) جي والده سنڌياڻي هئي.
ڪتاب معارف جو مصنف ابن قتيبه پنهنجي ڪتاب جي ص ۹۴ ۾
لکي ٿو ته "و امه سندية يقال لها سلافة". يعني سنڌ جي والده سنڌياڻي
هئي جنهن جو نالو سلافه هو. حضرت علي جي ٻي گهرواري جنهن
مان ڪيس محمد نالي پٽ هو سا سنڌياڻي هئي. اسلامي فقه جو ٻيو مثال
فقيه ابوحنيفه سنڌي هو. حضور جن کي سنڌ مان فرحت وارين هوائون
محسوس ٿيون. پاڻ سڳورن سنڌي لفظ استعمال ڪري انکي ساراهيو
آن. شاه ولي الله جهڙي مفڪر جو استاد سنڌي هو. انهن پنهنجي
ڳالهين مونجهي جي لکنوي تهذيب جا وارث چون ٿا ته "هتان اسان کي
اسلام سيکاريو آهي". جڏهن دنيا ۾ ڪاٺ پيٽن جي طريقن کان ناواقف
هئي ان وقت سنڌين موهن جي دڙي جهڙا عظيم شهر جوڙيا. ---
جڏهن يورپي ۽ سي پي جا نواب صاحب گيردار انگريزن جي
دڙن تي سجدا ڪرڻ لاءِ قطارون ڪريو بيٺا هئا ان وقت سنڌ آزادي
۽ حريت جي راه تي طوفان وانگر اڳتي وڌندي رهي هئي جنهن جا
ڪجهه مثال آءٌ اوهان کي ٻڌايان ٿو. [illegible]
(۱) آزادي جي سلسلي ۾ تحريڪ هجرت شروع ٿي ته انجو
پهريون قافلو رئيس جان محمد جونيجو سنڌي هو. (۲) تحريڪ ريشمي
رومال ۾ گرفتاري جو پهريون وارنٽ سنڌ جي جانباز انسان شيخ عبدالرحيم
سنڌي جي نالي نڪتو هو. (۳) تحريڪ عدم تعاون (نان ڪوآپريشن)
جنهن برطانوي هند ۾ ڪجهه عرصي لاءِ انگريزي سامراج کي مفلوج
ڪري ڇڏيو هو تنهن ۾ سنڌ جو مجاهد عالم محمد صادق کهڙي
هندستان ۾ پهريون عالم هو جنهن لس ٻيلي ۽ مڪران ۾ بغاوت
ڪرائي. شط العرب وٽ انگريزي فوج جو لنگهه ڪٽي ڇڏيو، انهي جي
ڪري انگريزن کي عراق ۾ شڪست کائڻي پئي. (۴) تحريڪ ترڪ
موالات جيڪا اڄ دنيا جي مظلوم قومن جو موثر هٿيار آهي، جنهن
کي مهاتما گانڌي هندستان ۾ نهايت ڪاميابي سان استعمال ڪيو. تنهن
جي تجويز سڀ کان پهرين سنڌ جي درويش عالم تاج محمود امروٽي

مهاتما گانڌي جي ذهن ۾ ورهاري ڇني. (٥) مولانا عبيدالله سنڌي جهڙو وڏو سنڌي انقلابي هو جنهن هندستان کان ٻاهر ٻيهرين آزاد حڪومت قائم ڪئي. (٦) هندستان خالي ڪريو تحريڪ ۾ هيمون ڪالاڻي سنڌي نوجوان جنهن جرئت سان ڦاسيءَ جي ڦندي کي چمي گلي لڳايو سو هڪ ٻي مثال واقعو آهي. (٧) سنڌ واحد سرزمين هئي جتي پير صاحب پاڳاري جي قيادت ۾ انگريزن کي ڪڍڻ لاءِ گوريلا لڙائي لڙي وئي.

ساٿيو: اوهان جي تاريخ جي ماضي قريب جي انهن ٽڪرن ~~کي مون انهيءَ~~ لاءِ پيش ڪيو آهي ته اوهان سوچيو ته اوهان اهي قربانيون ڪهڙي مقصد لاءِ ڏنيون؟ اهو مقصد صرف هي هو ته اوهان جو وطن آزاد رهي، اوهان جي ڌرتي جا وسيلا اوهان جي هٿن ۾ رهن، اوهان جي ملڪ ۾ اوهان جي مرضي مطابق راڄ هلي ۽ هن سرزمين تي ڪا به ارهي آڪ نه رهي.

آءٌ ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته جيڪي ماڻهو سنڌي قوم کي بزدل ۽ ڪمهمت چون ٿا تن شايد سنڌ جي تاريخ جو مطالعو نه ڪيو آهي. منهنجو يقين آهي ته پنهنجي ملڪ ۾ آزادي ۽ عزت سان زنده رهڻ لاءِ جيتريون قربانيون سنڌي قوم ڏنيون آهن، اوتريون شايد ئي ٻي ڪنهن قوم ڏنيون هجن. سنڌي قوم کي تاريخ جي هر دور ۾ چيڀاٽيو ۽ چيپايو ويو آهي. ان جي لڳ لڳ کي وڍي مٿس لوڻ ٻرڪيو ويو آهي. ان جي خوشحالي کي غريبي، بيوسي ۽ مسڪيني جا نه ختم ٿيندڙ ڏينهن ڏنا ويا آهن. ان جي ڳوٺن، شهرن ۽ ديرن کي ٻاهيون ڏنيون ويون آهن. ان جي نوجوانن جي لاشن کي اوندهه جي کوهن ۾ اڇلايو ويو آهي. ان جي سهاڳڻين جي سينڌن مان سيندور ڪرچي لاهي سنجهه رت وڌو ويو آهي. ان جي پيرمردن، ڇڳن چوڪن ۽ پڳدارن جي هڏين تي گهوڙا ڊوڙايا ويا آهن. سنڌ جي گلاب جي پنکڙين جهڙن جسم وارين ڪنوارين کي گهوڙن جي پٺين ۾ ٻڌي بغداد جي گهٽين ۾ نيلام ڪري ڪاساين جي حوالي ڪيو ويو آهي. ان جي معصوم ٻارن جي مٺين ٻاتين هميشه لاءِ سڪ ڦري ورتي آهي.

۽ پوءِ انکي ڪم همت ۽ بزدل چيو ويو آهي. پر تاريخ بيرحم طوفان وانگر هر شئي ظاهر ڪريو ڇڏي. گهٽ ۾ گهٽ تاريخ جي روشنيءَ ۾ سنڌي سونکي ڪم همت ۽ بزدل جي بجاءِ دلير ۽ بهادر نظر آيا آهن. راءِ گهراڻي جي دور ۾ ايرانين سنڌ تي سٺيو ڪره سمجهي مٿس حملي ڪرڻ جي جسارت ڪئي هئي. ليڪن ايرانين جي ناپاڪ ارادن کي مٽيءَ ۾ ملائڻ لاءِ راءِ گهراڻي جو اڙٻنگ انسان راءِ سهيرس پيو ڪيچ مڪران وٽ سڪندري بنجي بيهي رهيو هن جو نعرو هو ته جيسين لڱن ۾ ست ۽ رڳن ۾ رت آهي ان وقت تائين ڌارين کي سنڌ تي قبضو ڪرڻ نه ڏينديس. صبح کان منجهند تائين وڙهندي نڙيءَ ۾ تير لڳڻ سبب شهيد ٿي ويو. پر ايرانين کي اڳتي وڌڻ نه ڏنائين. آهي انهن رت ڦڙن کي سلام ڪريان ٿو جيڪي سنڌ جو بچاءُ ڪندي هن جي نڙيءَ مان وهيا هئا.

چچ جي وقت ۾ ڪن ڪلهن سنڌ تي حملي جي ڪوشش ڪئي هئي پر ڪين منهن جي کائڻي پيئي. تنهن کان پوءِ عربن بار بار سنڌ جي دولت کي ميڙڻ لاءِ حملا ڪيا. پر هر پيري سنڌين ساسراجي ارادن کي مٽيءَ ۾ ملئو پيو. نيٺ ۹۲ هه ۾ هڪ خونخوار جنگ، حرفت، چالاڪي ۽ ڪجهه پنهنجن جي غداري سبب عرب سنڌ تي قابض ٿي ويا. پر ٿوري وقت کان پوءِ سنڌين نيج پنهنجون قومي حڪومتون قائم ڪري ورتيون. جيڪي سمن، سومرن ۽ سوڍن جي حڪومتن جي روپ ۾ تاريخ جو اڻ مٽ باب آهن. سمن کان پوءِ سنڌ جي تاريخ آزادي عجيب رهي آهي، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ سنڌين جون گوريلا لڙايون پنهنجو مٽ پاڻ رهيون آهن. جن اڳتي هلي ڌاڙيلن جو روپ ورتو. تازو هڪ آمريڪي دانشور جو مقالو ڌاڙيلن جي پيدائش جي ڪارڻن بابت ڇپيو آهي جنهن مان منهنجي خيال جي تائيد ٿئي ٿي. انهيءَ پوري دور ۾ سنڌين جي ڌارين خلاف نفرت ۽ ڌڪار پروان چڙهيل نظر اچي ٿي ۽ آهي نفرت ۽ ڌڪار ڪلهوڙن جي دور تائين هلندي اچي ٿي. انگريزن سنڌ فتح ڪري ٻمبئي سان ملائي ڇڏي. هاڻي لڙائي تلوار مان ڦري قلم جي صورت

اختيار ڪيو. اسان جي وڏن سنڌ کي بمبئي کان آزاد ڪرڻ لاءِ
پوري هوش ۽ عقل سان جد وجهد ڪئي ۽ ڪاميابي تي ويا. پر
جي بمبئي کان آزادي جو مقصد هي هو ته پوري هندستان جي آزادي
تائين سنڌين کي پنهنجي سرزمين تي پنهنجي عوام جي ذهني ۽
سياسي تربيت ڪرڻ جو موقعو ملي ويندو. عرصو تمام ٿورو هو. تاهم
انهي دور ۾ سنڌ لاءِ نمايان پروگرام رٿيا ويا پر ڪجهه پنهنجن جي
ناسمجهي سبب ۽ ڪجهه قدر حاڪمن جي ڪري مطلوب نتيجا نه ڪڍي
نه سگهيا. ايتان پاڪستان جي تحريڪ شروع ٿي. اسان جي وڏن
ان ۾ هن نيت سان حصو ورتو ته انهي تحريڪ ذريعي سنڌ کي آزادي
ملندي ۽ ڪو واهوندي جو راڄ ورندو. پر هتي الٽو پاڪستان ٺهڻ کان
پوءِ لياقت علي ۽ سنڌ تي [illegible] کان پناهگير
گهرائي سنڌين جي اقتصاديات کي ڌڪ هنيو، ڪراچي کي سنڌ
کان ڪٽي ڌار ڪيو ۽ آخر ۾ ون يونٽ جو ڦندو سنڌين جي ڳچي
۾ وجهي ويو. [illegible]
[illegible] تاريخ انسانيت جو [illegible] ڏور هو [illegible] رشوت
چور بازاري [illegible] مذهب جي تقدس جي آڙ ۾ [illegible] ڦورو
[illegible] ون يونٽ [illegible] سنڌي قوم کي پوري ريت [illegible] طريقي
سان زنده رهڻ جو حق نه مليو [illegible]
[illegible] کان وڌو [illegible] سنڌي حاڪم پاڪستان جي
گادي تي [illegible] آگيان [illegible] جو انتظام [illegible]
[illegible] سان سنڌي [illegible] مايوس نه [illegible] انهي
[illegible] آڏو [illegible] جهڙو ڪنهن [illegible] ڪيو.

سا ٿيو! دنيا ۾ ته اسان پهرين مظلوم قوم آهيون [illegible]
آخري. دنيا ۾ ٻين قومن تي به ساڳي واردات ٿي گذري آهي. انهي
ڪري همت نه هاريو. آخري علاج، آخري وارو، آخري همت ۽
آخري ڪوشش ڪريو ۽ انهي وات تي هلو جنهن جو ڏس اوهان
کي ويتنام جا سڙيل لاشا ۽ بنگال جا رت سان وهنتل انسان ڏسيندا.
[illegible]

واٽ ونڊ رجي وڃڻ پيا ڏسيندا.

دوستو ۽ سائيو: اسان کي لٺ ۽ ڦرڻ لاءِ مسلم قوم جو تصور ذهن نشين ڪرايو ويو هو. منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڏو ڌوکو اهو آهي جو قوم جو بنياد انساني رشتن جي بجاءِ آسماني اعلان تي رکيو ويو. اسان بداڻ چاهيون ٿا ته اسان مستقل جدا سنڌي قوم آهيون. اسان کي اهي حق ملڻ گهرجن جيڪي اقوام متحده جي چارٽر ۾ قومن لاءِ مقرر ڪيا ويا آهن.

سنڌ جا هاريو ۽ پورهيو: اوهان سنڌ جي زمين کي سرسبز ۽ شاداب بنايو ٿا ليڪن اوهان کي ڪٽڪ ڪاني ٿي ملي. اوهان جي سنڌ مان هر سال ٣ ارب روپيا ٽئڪس وصول ڪري مرڪز کڻيو وڃي. ليڪن اوهان جي لاءِ پڪو رستو ڪونهي. سنڌ ۾ بجلي پيدا ٿئي ٿي پر اوهان جي گهرن ۾ ڏيئي لاءِ گاسليٽ ڪونهي.

سنڌ جي پئسن مان اسپتالون قائم ٿين ٿيون پر انهن ۾ علاج ڪن ڌيئي ڪري تائين سنڌين لاءِ ڪانهي. سنڌ ۾ پڪن ۽ عاليشان شهرن جي سسٽم آهي، پر انهن جي رهائشي جاين، مڪانن، مارڪيٽن ۽ تفريحي جاين تي غير سنڌي قابض آهن.

ياد رکو: شهرن جي خوبصورتي، جاين جي چمڪ، دڪانن جو جلوو، ڪارخانن جي پيداوار، ملين جون بلند عمارتون ۽ انهن ۾ تيار ٿيندڙ سازوسامان، درسگاهون ۽ انهن جو علم، آفيسون ۽ انهن ۾ نوڪريون، ملڪي ترقي ۽ ان جي دولت اوهان جي ڪري آهي.

اوهان هڪ اوڙ لاءِ مٿ پگهر وهائي اهي شيون سوجود ڪيون آهن ۽ اڄ اوهان انهن کي حسرت مان ڏسي سگهو ٿا پر هٿ لائي نه ٿا سگهو. اهو انهيءَ ڪري جو اوهان غلام آهيو.

جي- ايم سيد ۽ سندس ساٿي اوهان جي انهيءَ غلاميءَ جي خاتمي جو اعلان ڪئي اٿيا آهن. انهن جي تحريڪ سنڌي قوم کي

خوشحال، مهذب، سرڪندڙ، سهڪندڙ، تندرست ۽ توانا بنائڻ جي تحريڪ آهي.

جيئي سنڌ وارا اوهان جي زخمن کي پنهنجي ٻنٻين سان صاف ڪري اوهان جي ٻارن کي اجرڪ جي ڀوڪين ۽ سنڌي ٽوپين ۾ تعليمي ادارن اندر شاهه لطيف جي ٻولي پڙهندي ۽ برباد ٿيل سنڌ کي گلزار بنائي دنيا کي ڏيکارڻ ٿا چاهين ته هي آهي سنڌي قوم. اوهان جي مسڪيني، اوهان جي غريبي ۽ اوهان جي بيوسي جو علاج سنڌ جي خود مختياري آهي ۽ اهوئي مقصد سيد ۽ سندس جماعت جو آهي. اچو ته گڏجي آزادي جي سڄ کي ويجها ٿيون ۽ هن ظلم جي اوندهي رات کان ڇوٽڪارو حاصل ڪريون.

پرهه جو پيغام

٢٨ جنوري ١٩٧٣ع تي ٿياسافيڪل هال ڪراچي ۾ محترم جي- ايم- سيد جي سالگرهه جي موقعي تي ڪيل تقرير

سيد جو پيغام حقيقت ۾ سنڌ جو پيغام آهي. سيد جو آواز سنڌ جو آواز آهي. هن جو تخيل ۽ تصور سنڌ آهي. هن جو احتجاج سنڌ جو احتجاج آهي. سيد سنڌ جي تاريخ جو روشن باب، سنڌ جي آسمان جي ڪنڌي تي روشن ستارو ۽ پرهه جو پيغام آهي.

جناب صدر ۽ محترم پير صاحب: جيئي سنڌ.

اج اسان ڪراچي جي هن هال ۾ سنڌ جي تاريخ ساز شخصيت محترم جي- ايم- سيد کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿيا آهيون. حقيقت ۾ اسان کي ١٧ جنوري تي گڏ ٿيڻ کپندو هو. ڇو ته ١٧ جنوري تي اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن سنڌ جي زمين پنهنجي تمام مردم خيزي، خصوصيت ۽ خوبي جي صلاحيتن کي گڏ ڪري سيد جهڙي انسان کي جنم ڏنو هو. اهي تاريخ تي سنڌو دريا جي ڪناري تي بدل تاريخي شهر سن ۾ سنڌ جي مجاهد اعظم شاهه حيدر جي خاندان کي خوشي تي هوندي تي قدرت طرفان ڪيس هڪڙو فرزند عطا ٿيو آهي. ۽ پوري سنڌ جي سورهين، سورمن ۽ شهيدن جا روح خوشي وچان سنڌ جي ميدانن ۽ ٻنين ۾ نچڻ لڳا هوندا ته اج ڌاهر کان وٺي هيمون ڪالاڻي تائين سنڌ جي دليرن جو وارث پيدا ٿيو آهي. انهيءَ ڪري ١٧ جنوري سنڌ جو قومي ڏينهن آهي. ١٧ جنوري سنڌ جي آس، اميدن، تمنائن ۽ آرزوئن جو مرڪز ۽ سنڌ جي تاريخ ۾ هڪ نهايت ئي تابناڪ ڏينهن آهي. انهيءَ ڏينهن تي اسان جو هتي گڏجڻ حقيقت ۾ قومي ساڃهه ۽ شعور جو ثبوت آهي ۽ پڻ ثبوت آهي هن ڳالهه جو ته اسان هن ڌرتي تي پنهنجي حق کان دست بردار نه ٿيا آهيون. اج اسانجو هتي گڏجڻ ثابت ٿو ڪري ته اسان سنڌ جي دوست ۽ دشمن کي سڃاتو آهي. اسان سنڌ جي خوشحالي جي تعليم کي سمجهيو آهي. ۽ اسان سيد جي پيغام کي پورڙي لئي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا آهيون.

سيد جو پيغام حقيقت ۾ سنڌ جو پيغام آهي. سيد جو آواز سنڌ جو آواز آهي. هن جو تخيل ۽ تصور سنڌ آهي. هن جو احتجاج سنڌ جو احتجاج آهي. سيد سنڌ جي تاريخ جو روشن باب، سنڌ جي آسمان جي ڪناري تي روشن ستارو ۽ پرهه جو پيغام آهي. هو هڪ تحريڪ، ادارو ۽ تاريخ آهي. اهڙي اڏول شخصيت تي آءٌ ڇا ڳالهايان؟ آءٌ

جڏهن ڪنهن اڪيلو ڏسندو آهيان ته ائين محسوس ڪندو آهيان
ڄڻ هماليه ڪنهن ڪنيو پنهنجي عظمت ۽ جلال سان بيٺو آهي. جڏهن
پوئلڳن ۽ ساٿين سان گڏ ڏسندو آهيان ته لڳندو اٿم ته ڄڻ هالار ۽
ڪوهستان جون قطارون سنڌ جي سرحد تي دشمن کي روڪڻ لاءِ بيٺيون
آهن ۽ جڏهن سندس ارادي تي سوچيندو آهيان ته مونکي هڪ عربي
جو شعر ياد ايندو آهي ته تزول الجبال الراسيات و قلبهم عن الحب
لايخلو و لا يتزلزل. انهن ماڻهن جي ڪهڙي ڳالهه ڪجي جو مضبوط
جبل پنهنجي جاءِ ڇڏيو وڃن پر اهي ماڻهو محبت جي ميدان مان هٽي
نه سگهيا ٿي ڪونه آهن. تاهم ڪوشش ڪري اچ سيد جي باري ۾
عقيدت جا چند لفظ پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. سيٺ تيرٿ داس سيد جي
تصوير کي گلن جو هار پارايو آهي. مون وٽ لفظن جي ڪومائيل
گلن جو هار آهي خالي هٿين اچڻ کان اهو ئي بهتر سمجهيو اٿم.
آءٌ سيد کي سنڌ جي تاريخ ۾ بي مثال ۽ ڏاهو انسان سمجهان ٿو. هن
جي مسلسل جدوجهد ۽ محنت، لڳاتار ڪوشش ۽ ڪاوش، نه ٿڪجندڙ
قرباني ۽ ايثار سنڌ جي تاريخ کي هڪ خصوصيت ۽ اهميت ڏيئي ڇڏي
آهي. سنڌ جي تاريخ ۾ اهڙو ڪوبه قوم پرست ۽ وطن دوست ليڊر نه
گذريو آهي جنهن جي قرباني تي دشمن طرفان اعتراض نه ڪيو ويو
هجي. پر سيد واحد شخص آهي جنهن جي سياست، نظريي، خيال ۽
تصور سان اختلاف ڪندڙن به سندس سچائي، خلوص، حب وطن ۽
عوام دوستي کي بنا ڪنهن شڪ شبهي جي تسليم ڪيو آهي. ڏاهر
سنڌ جي لاءِ سر قربان ڪيو ۽ اهو آخري نذرانو آهي جيڪو وطن جي
ديوي جو پوڄاري سندس چرنن ۾ رکي سگهي ٿو. ليڪن چوڻ وارن
چيو ته هو حڪمران هو. تخت ۽ تاج جو مالڪ هو ۽ پنهنجو تخت
بچائڻ فرض سمجهي وڙهيو ته اها ڪا اهم ڳالهه ڪانهي. دودو
سومرو پنهنجي ڪٽنب ۽ قبيلي سوڌو، سنڌ کي آزاد رکڻ ۽ انجي
چانڊيائڻ ۽ ماندائڻ جي روح پروري ۽ رونق کي باقي رکڻ لاءِ پتنگن
وانگر جنگ جي هولناڪ باهه ۾ ڪاهي پيو ۽ قربان ٿي، هميشه هميشه
لاءِ بهادري جو گيت پنهنجي ڪنان چپن تي آسوڻ جي اوهيري

وانگر بلند ٿيندو رهيو آهي ۽ مان سمجهان ٿو ته قيامت تائين سنڌ جي گيت، ساز، سرود ۽ ڪچهري جي جان بڻيل رهندو. پر چوڻ وارن جيو ته معاملو اتي به تخت ۽ تاج جو آهي. **دريا خان** جو نالو سنڌ جي عظمت ۽ استقلال جو نشان آهي. سنڌجي باشعور انسانن جون دليون سنڌس عظمت جي محرابن ۾ اعتراف جا سجدا ڪنديون رهنديون.

جيڪو انسان ٤٨ سالن تائين آزاد ۽ آباد سنڌ جو پاسبان بڻيو رهيو. جنهن جي دور ۾ ٺٽو علمي حيثيت سان بغداد، قرطبه ۽ دمشق کان به بلند ٿي ويو هو. جنهن جي دليري ۽ تلوار ارغون کتن کي "ارغونن خدِ ناليو ونڃ سان منهن جو وات زهر سان ڀرجيو وڃي" شڪستون ڏيئي سنڌ جو مان مٿي ڪيو. انهيءَ عظيم هستي لاءِ به اعتراض ڪيا ويا ته شاهي گهراڻي جو پاٽي هو. فوجن جو سپهه سالار ۽ جاگيردار هو. جنگ ۾ وڙهڻ معمولي ڳالهه هيس. سا هن ڪري ڏيکاري. هوشو ميرن جو پگهاردار هو ۽ معمولي بي سمجهو ڇوڪرو هو وغيره وغيره.

ليڪن جي. ايم. سيد اڌ صديءَ کان هن سرزمين جي جنگ، ذهن ۽ قلم سان بنان ڪنهن جاگير، عهدي، تاج ۽ تخت جي لڙندو رهيو آهي. هو ڪانگريس ۾ هجي يا ليگ ۾، ٿيا سا فست ۾ هجي يا خاڪسار، جيل ۾ هجي يا ريل ۾، دوستن جي محفل ۾ هجي يا دشمن جي گهيري ۾، مجلس يار ۾ هجي يا تخته دار جي انتظار ۾، گهر ۾ نظربند هجي يا ڪارين ڪوٺين ۾، حاڪمن سان ملندو هجي يا ساٿين سان، اسمبلي جي ايوان ۾ هجي يا عدالت جي ڪٺهڙي ۾، هر هنڌ، سنڌ ۽ سنڌين سان سندس وفاداري غير مشڪوڪ رهي آهي. سندس بدترين دشمن به اها ڳالهه تسليم ڪئي آهي ته ڪيئن هڪ طرف پوري دنيا جي بادشاهي جي آڇ ڪجي ۽ ٻئي طرف سنڌ جي حق جي جدوجهد کان دست بردار ٿيڻ لاءِ چئجي، ته هو بادشاهي کي ٺڪرائي سنڌ جي آديءَ لاءِ سر ڏيڻ کي پنهنجي لاءِ عظيم اعزاز سمجهندو. سيد اهو شعور قوم پرست ۽ وطن دوست آهي جنهن وٽ سنڌ هڪ ازلي ۽ ابدي حقيقت آهي. هن کي سندس بدترين دشمن به لالچ ۽ لوڀ کان مٿاهون ٿي سمجهيو آهي. برصغير جي چوٽيءَ جي ليڊرن جي سيد جي

باري ۾ ڪليل راءِ هي آهي تہ سنڌ جي قسمت بدلائڻ وارو صرف هي ئي شخص آهي. سيد نہ صرف سياسي ميدان تي سنڌ لاءِ لڙيو آهي، پر هن قلمي ۽ ادبي ميدان ۾ بہ سنڌ کي زنده جاويد بنائي ڇڏيو آهي. دنيا جي شايد ئي ڪنهن مفڪر پنهنجي سر قلمي ميدان ۾ پنهنجي نظرئي جي وضاحت لاءِ ايترا ڪتاب لکيا هجن ۽ پنهنجي ملڪ ۽ ماڻهن جو ڪيس ايترو مضبوطيءَ سان پيش ڪيو هجي. انهيءَ ڪري پاڪستان جا دانشور سيد جي دليلن جو جواب ڏيڻ کان قاصر آهن. جي - ايم - سيد تاريخ جي ميدان ۾ پڻ سنڌ جي بهترين خدمت ڪئي آهي. ۽ اڄ حالت اها آهي جو جديد ۽ قديم سنڌ جي صحيح تاريخ صرف سيد جا ڪتاب، مقالا ۽ خطبا پيش ڪري سگهن ٿا. اهي سڀئي اهڙيون خصوصيتون ۽ خوبيون آهن جيڪي سيد کان اڳ جي ڪنهن بہ سنڌي سورمي ۾ موجود نہ آهن. انهيءَ ڪري آءٌ سيد کي سنڌ جي تاريخ [illegible] نہ صرف سنڌ جي تاريخ پر پاڪستان جي مختصر تاريخ بہ سيد جهڙو بااصول سياستدان پيدا ڪري نہ سگهي آهي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ذري گهٽ حزب اختلاف ۽ مخالف راءِ کي بلڪل ڪچليو ويو هو. سيد ۽ غفار پهريان ماڻهو آهن جن پاڪستان جي دهشت ۽ ڌمڪاءَ واري ماحول ۾ حزب اختلاف جو بنياد وجهي جمهوريت لاءِ جدوجهد ڪئي. اڄ تائين پاڪستان ۾ اهڙو ڪو بہ ليڊر پيدا نہ ٿيو آهي جيڪو مسلسل حزب اختلاف ۾ رهي جمهوري قدرن ۽ لاڙن لاءِ لڙندو رهيو هجي، ۽ ڪڏهن بہ اهو پاڻ يا سندس پارٽي، صوبائي يا مرڪزي سطح تي اقتدار ۾ نہ رهي هجي. اهو صرف سيد آهي جيڪو پاڪستان کان پوءِ ڪڏهن بہ اقتدار ۾ نہ آيو آهي ۽ مسلسل حزب اختلاف ۾ پئي رهيو آهي. هڪ ڇاڻو، جيڪو سيد جو مخالف هو تنهن مونکي چيو تہ پاڪستان جي جمهوري تاريخ ۾ جي - ايم - سيد جو مقام ۽ مرتبو اهڙو ئي آهي جهڙو برطانيہ جي تاريخ ۾ لارڊ برڪ جو. عبرت جي غير جانبدار جي چوڻ مطابق سيد جا اصول ايترو تہ بلند آهن جو انهن تي ڪو بہ سياستدان ٽڪي نہ ٿو اچي. پر آءٌ چوندس تہ پاڪستاني حاڪمن ۽ سياستدانن ۾ معمولي

انسانيت بہ ڪانہ هئي جو ڪنهن معقول مطالبي ڏانهن ڌيان ڏين. سنڌ هڪ ڄاڻ سڀ وطن جي حيثيت ۾ سمجهيو ٿي ته سنڌس ملڪ ۽ قوم کي آهي سهوليتون به ميسر نہ آهن. جيڪي انگريزي ٻيٽڪن ۾ موجود هيون. انهيءَ ڪري هن غاصبن ۽ سنڌن چاڙتن سان ڪنهن بہ صلح کان هر دور ۾ انڪار ڪيو ۽ نتيجي طور کيس جيل ۽ نظربنديون ڀوڳيون پيون.

هن وقت ڪي نام نهاد دانشور سيد ۽ پٺي جي پيٽ ڪندي ڪتاب لکي رهيا آهن. انهيءَ باري ۾ آءُ صرف ايترو چوندس ته سنڌ جا باشعور قوم پرست انهيءَ پيٽ کي ائين ٿا سمجهن جيئن ڪو هيگل ۽ گوئبلز، ڪارل مارڪس ۽ فيض احمد فيض، ٽئگور ۽ فريد احمد، مهاتما گانڌي ۽ واجپائي، ابوالڪلام آزاد ۽ نصرالله خان، مخدوم بلاول ۽ مشوري جي پيٽ ڪري.

مارڪس، مهاتما گانڌي، رسل ۽ سيد جي عظمت اليڪشن جي ڪنهن هارائڻ کان متاثر نہ ٿي ٿئي. هارائڻ لاءِ ته مهاتما گانڌي بہ ترپوره ۾ سباش چندر بوس کان هارائي ويو هو. باقي ايترو ضرور آهي ته سيد سنڌ جو بچاءُ ڪيو آهي ۽ پٺي انکي چؤڪنيو بندي پنجاب جي فوجين جي پيرن ۾ اڇلايو آهي. پٺي اقبال جي شاعري مان رهبري ورتي آهي ۽ سيد دريا خان جي رت ڦڙن مان روشني حاصل ڪئي آهي. جنهن مان ٿيندڙ ئي جي گلن جي خوشبوءِ اچندي آهي. پٺو بنگلا ديش کي انهيءَ ڪري تسليم نہ ڪري ٿو ته ان ۾ پنجاب جو فائدو آهي ۽ اسان انهيءَ ڪري تسليم ٿا ڪريون جو بنگلا ديش جو وجود ۾ اچڻ سيد جي نظريي جي فتح آهي. جي ايم سيد جناح جي مخالفت انهيءَ ڪري ڪئي جو هن سنڌ جي قسمت جا فيصلا دهلي ۽ لکنوءَ جي بجاءِ سنڌ ۾ ٿيندي ڏسڻ ٿي چاهيا. ۽ اڄ پٺي جي مخالفت انهيءَ ڪري ٿو ڪري ته سنڌ جا فيصلا اسلام آباد ۽ لاهور جي بجاءِ حيدرآباد ۽ ڪراچي ۾ ڏسڻ ٿو چاهي. انهيءَ ڪري سيد پنهنجي منفرد ڪردار، بااصول سياست، سنڌ سان غيرمشروط وفاداري سبب سنڌ جي قسمت بڻجي چڪو آهي ۽ اڄ ڪي سنڌ جو

تصور سيد کان سواءِ اڻ پورو آهي. اڄ جيڪو ٻه سنڌي ماڻهو سائنس ڏينڌڙ بي انصافي جي شڪايت ڪري ته ڪيس سيد جو ايجنٽ ٺهرايو ويندو. اڄ جيڪڏهن هاري، مزور، اديب، شاعر، شاگرد، ڪلارڪ، آفيسر، واپاري ۽ پوليس وارو چوي ٿو ته مونسان ظلم آهي ته اردو پريس فوراً ڪيس سيد جو ڇاڙتو چوڻ شروع ڪري ٿي. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته سنڌي ماڻهو جي شڪايت، احتجاج، رڙ ۽ پڪار جو مظهر جي - ايم - سيد آهي. اچو ته گڏجي آن جي آواز کي زوردار ڪري، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهچايون. محنت ۽ جدوجهد ڪريون. ڪاميابي اسان جي آهي.

پيار ۽ پلاند

۱ جولاءِ ۱۹۷۳ع تي ٽنڊي جام ۾ شهيدن جي ورسي جي موقعي تي ڪيل تقرير

مون محسوس ڪيو ته سنڌ وري ڏهين صدي هجري ۾ موٽي ويئي آهي. جنهن ۾ ارغون سپاهي، محب وطن سنڌين کي ڳولڻ لاءِ گهرن ۽ گهٽين ۾ شڪاري ڪتن وانگر نوس نوس ڪندا وتندا هئا. هر گهيٽ ۽ گهٽ تي ڦاسيءَ جا ڦياس ٽنگيل هوندا هئا. جن تي سنڌ جي اڙٻنگ، اڏول ۽ راوت انسانن جا لاش لٽڪيل هوندا هئا. جن جي چهرن تي موت کان پوءِ بہ ڏارين، غاصبن، دلالن ۽ ديوث حاڪمن خلاف ڌڪار ۽ نفرت پڌريل نظر ايندي هئي.

جناب صدر، محترم شاهه صاحب ۽ سائين جيئي سنڌ.

ڪافي ڪجهه تقريرون ٿيون آهن ۽ ڪيترائي سفر ويئا آهن انهن جي موجودگي ۾ مون مناسب نه ٿي سمجهيو ته آءٌ ڳالهايان ۽ نه ئي اڳوات آءٌ ڪا تياري ڪري آيو هوس. آءٌ هتي صرف شهيدن جي ورسي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آيو هوس. اوهان جي حڪم تي چند ڳالهيون ٻڌائڻ جي جرئت ڪري رهيو آهيان. جيتوڻيڪ مون کي احساس آهي ته هن جاءِ تي مون کي هر حال ۾ احساس ذميواري کي هٿان ڇڏڻو نه آهي ۽ هر لفظ کي انهيءَ ذميواريءَ سان ادا ڪرڻو آهي جيئن مان ان تي عمل ڪري سگهان. ڇو ته هي سنڌ جي ٻن نوجوانن جي شهادت جو ميدان آهي. هن جاءِ جي ذري ذري ۾ شهيدن جي رت جا مقدس قطرا اسان جي لاءِ عظيم سرمايو ۽ اسان جي سستيءَ ۽ غفلت لاءِ چهبڪ آهن.

گذريل سال هن ڌرتي تي جو ڪجهه وهيو واپريو تنهن مان اسان کي سبق پرائڻ گهرجي ته جيڪي قومون پنهنجي ڌرتيءَ تي پنهنجي بچاءَ ۽ حفاظت کان غافل هونديون آهن تن جو حشر ... ٿيندو آهي جو سنڌن ئي شهرن ۾ انهن جي ٻچڙن کي ... آهي. سنڌن ئي شهرن جون گهٽيون ڪاريهرن کي پاليندڙيون آهن. سنڌن ئي آستينن ۾ نانگ لڪل هوندا آهن. پوءِ انهن قومن ... عزت سلامت رهندي آهي نه وري وقار، نه لوئي بچندي آهي ... وري لڄ.

... اهو حال سنڌين جو ئي گذريو. هڪ ڪروڙ جي صحيح ... قوم کي سنڌس پنهنجي ملڪ ۾ تاريخ جا بدترين ڏينهن ڏسڻا ... هو حيران ۽ پريشان ٿي ڪڏهن انهن رهبرن ڏانهن ڏسندي ... جيڪي ڌارين جي اشاري ۽ حڪم سان پنهنجي ماءُ جي سينڌ ...

ڪان ۽ ڪين ڇپائيندا آهن، يا انهن ڪوڙن ڪامريڊن ڏانهن واجهائيندي رهي جن ڀريائين تہ بچاءُ ڪميٽيون ٺاهيون ۽ پوءِ اسن سڀ ٺهون ٺاهي، ڏيڍ شي سان گڏ فرنٽ ڇپرائي، چنڊي جي پئسن سان هوٽلن ۾ جاڳا ڪري، ماؤزي تنگ جي ٻاڙهي ڪتاب مان پوئتي هٽڻ جهڙن حڪمت عمليون ٺاهڻ ۾ مصروف ٿي ويا.

جناب صدر: اڄ سون ڪان اڳ ۾ ڪيترن دوستن تقريرون ڪيون آهن ۽ هر تقرير ۾ پلاند وٺڻ جو ذڪر موجود هو. پلاند وٺڻ تہ تمام چڱي ڳالهہ آهي، پر سوچڻ جي صرف هي ڳالهہ آهي تہ پلاند ڪهڙي شيءِ جو؟

اسان کي هن ڳالهہ تي ويچار ڪرڻ گهرجي تہ شهيد عبدالقادر هاليپوٽو ۽ شهيد بشيراحمد ٿنيو ڪهڙي ڏوهہ ۾ شهيد ڪيا ويا؟ هنن جو گناهہ صرف اهو هو تہ هو سنڌ جو اولاد ۽ سنڌي زبان سان پيار ڪندڙ هئا.

ٿنڊي ڄام جي ڪاسائين صرف ٻن ڪوڙن کي نہ ڪُٺو آهي پر پوري سنڌي قوم، مادر وطن سنڌ ۽ سنڌي زبان تي قاتلانہ حملو ڪيو آهي.

اوهان کي جيڪڏهن پلاند وٺڻو آهي تہ پوري سنڌي قوم ۽ سنڌي زبان جو پلاند وٺڻو آهي. اوهان کي ستاويهن سالن ۾ ٿيندڙ ظلمن جو بدلو وٺڻو پوندو. اوهان کي سنڌي ماڻهن کان ڦريل روزگار جو بدلو وٺڻو پوندو. اوهان کي انهن مائرن جي ڳوڙهن جو پلاند وٺڻو پوندو جيڪي هن اونداهي نگري ۾ آسمان مان ڪريل ستارن جي چڻنگن وانگر اونداهين ۾ پنهنجي لالن کي تلاش ڪري رهيا آهن. اوهان کي انهن نو ورنين جي تتل آسن ۽ اميدن جو انتقام وٺڻو آهي جيڪي پنهنجي اڳڻ ۾ ڪنهن عبدالقادر، ڪنهن بشيراحمد ۽ ڪنهن عبدالرزاق جي ڏاهن ۾ پنبڻين جا سيج وڇايو ويٺيون آهن ۽ ڪين خبر آهي تہ هاڻي سندن ٿيندڙ ڪانڌ ڪڏهن موٽي نہ سگهندا. اوهان کي ڪراچي جي ڪنجوڙ ۽ ون يونٽ جي قيام جو بدلو وٺڻو پوندو. اوهان جي روايتن

۾ هي ڳالهه موجود آهي ته پيار ۽ پلاند پراڻا نه ٿيندا آهن. اهڙيءَ
کي اها ڳالهه ذهن ۾ ويهاري جيڪڏهن تمام پلاند وٺڻا آهن ۽
جيڪڏهن غاصبن کان وياج سميت موڙي وصول ڪرڻي آهي ته پوءِ
تنظيم، منصوبي ۽ عملي قدم ڏانهن ڌيان ڏيڻو. باقي خالي ڳالهين سان
ڪا شيءِ ورڻي نه آهي. مون ڪيائي اڳ ۾ جنهن دوست تقرير ڪئي
تنهن پنهنجي تقرير ۾ چيو ته پوليس شاگردن کي ڳولڻ لاءِ سندن
هاسٽلن تي ڇاپا هنيا آهن. اهو ٻڌي آءٌ سنڌ جي تاريخ جي ورقن ۾
گم ٿي ويس. مون محسوس ڪيو ته گذريل سال جڏهن فسادين
سنڌين کي مارڻ سان گڏ سندن گهرن کي باهيون ڏنيون هيون تڏهن
اهو ائين هو جهڙو پورچگيزن ٺٽي تي حملو ڪيو هجي، ۽ هن سانحي
جي ڳالهه ٻڌي مون کي يقين ٿي ويو ته سنڌ ڏهين صدي هجريءَ
۾ موٽي وئي آهي. جنهن ۾ ارغون سپاهي محب وطن سنڌين کي
ڳولڻ لاءِ گهرن ۽ گهٽين ۾ شڪاري ڪتن وانگر نوس نوس ڪندا
وتندا هئا ۽ هر گهيڙ ۽ گهٽ تي ڦاسين جا ٿياس ٽنگيل هوندا هئا جن تي
اڏول، اڙٻنگ ۽ راوت سنڌين جا لاش لٽڪيل هوندا هئا. جن جي
چهرن تي موت کان پوءِ به ڌارين، غاصبن، دلالن ۽ ديوث حاڪمن
خلاف ڌڪار ۽ نفرت پريل هوندي هئي. پر انهيءَ دور ۾ سنڌي رات
ڏينهن، سانجهي صبح، منحوس ارغونن جي تخت ۽ تاج کي ٺوڪرن
سان اڏائڻ، انهن جي ڪچين کي ڪهاڙين سان ڪپڻ، انهن جي
جگرن جيرن کي پنهنجن نيزن جي اڻين سان ڦاڙڻ ۽ انهن جي آسائش
جي خيمن کي باهه ڏيڻ لاءِ سالن جا سال گوريلا جنگين ۾ مصروف
رهيا ۽ شاهه بيگ ۽ شاهه حسن کي هڪ رات به آرام سان سمهڻ
نه ڏنائون.

پر اڄ شاهه بيگ جو روحاني اولاد سنڌ ۾ نوس نوس ڪندو
وتي ٿو ۽ آءٌ انهن سنڌين کي ڪٿي ڳوليان جيڪي هنن نون ارغونن
جي ٽپيان ڪهاڙيون ڪٽن ۽ اوندهين ۾ آڙن وانگر روشني پيدا ڪن.
پر آءٌ مايوس نه آهيان. حالتون هميشه هڪ جهڙيون نه ٿيون رهن.
صرف اسان ۾ سچائي ۽ ثابت قدمي هجي. ڪنهن به صورت ۾ حالتن

سان سمجهوتو نه ڪريو. حالتن جي اڳيان گوڏا کوڙڻ بزدلن جو ڪم ۽ شيوو آهي. اوهان بزدل ۽ گيدي نه ٿجو. [illegible] ن جي قبرن تي ڪتا پيشاب ڪندا آهن ۽ بهادرن جي قبرن کي ڏسي ڏاڏن جا ڏيل ڏري ويندا آهن.

بزدل جرنيل آزاد فوج کي قيد ڪرائيندو آهي ۽ بهادر رهنما قاسي‌ءَ جي ڦندي تان قوم جي آزاديءَ جو پروانو وٺي ايندو آهي. اوهان اڄ هتي شهيدن جي تصويرن جي روبرو واعدو ڪريو ته ان وقت تائين پنهنجي سينن ۾ زخم محسوس ڪندؤ جيستائين سنڌي قوم سان ٿيل سيني ناانصافين جو خاتمو نه ٿا ڪريو. پر جيئن ته مون اڳ ۾ چيو آهي ته انهيءَ لاءِ اوهان کي صحيح انقلابي تنظيم ۽ مڪمل منصوبه بندي ڪرڻي آهي. تنظيم ڪان اڳ ۾ آءٌ چند ڳالهين جي وضاحت ضروري ٿو سمجهان. جيڪي مون ڪان اڳ ۾ هر مقرر رٿيل نموني پي دهرايون آهن.

(١) ڪنهن دوست چيو آهي ته نعرن مان ڪجهه ورڻو ناهي. انهيءَ دوست کي آهو ياد رکڻ گهرجي ته نعرا قومن جي زندگي جا آهڃاڻ آهن. جنهن قوم وٽ پنهنجو قومي نعرو جهنڊو نه آهي تنهن کي قوم چوائڻ جو ڪوبه حق ڪونهي. سنڌ جا دشمن چاهين ٿا ته اوهان ڪان سڀ ڪجهه ڦرڻ ڪان پوءِ اوهان جو قومي نعرو به ڦري. ان جي جاءِ تي لاهور، ڪراچي ۽ پيڪنگ جي ٽڪسالن ۾ گهڙيل نعرا اوهان جي وات ۾ وجهي ڇڏين. نعرو جنگ جي تياري لاءِ سڏ آهي. انهيءَ ڪري اوهان سنڌ جي هر گهر، هر گهٽي، هر شهر، هر واهڻ ۽ هر وستي ۾ پنهنجي قومي نعري کي ايترو ته زور سان ورجايو جو اهو آواز ڪنهن هڪ فرد، گروهه ۽ پارٽي جو نه پوري ڊڪ ڪروڙ سنڌي قوم جو آواز بنجي وڃي ۽ انهيءَ نعري جي للڪار ۾ موهن جي دڙي جي ڏاندن بنجي اڳتي قدم وڌايو ۽ ساري سنڌ ۾ ملير جي مٽيءَ جي مهڪ ۽ پتائي جي تنبوري جي تنوار وانگر پکڙجي پؤ. قومي نعري جي اهميت گهٽائيندڙ آهو وساري ڇڏيو آهي ته هڪ نعري جو آواز قومن ۾ پنهنجائپ جي ٻروڙ ۽ احساس پيدا ڪري ٿو.

(٢) عام طرح ٽيبل ٽاڪر قسم جي دانشورن اهو باور ڪرايو آهي، ته جلسن جلوسن مان ڪو به فائدو ڪونهي تنهن ڪري انهن ڳالهين کان پرهيز لازمي آهي. انهيءَ لاءِ غرض آهي ته جلسن جي ذريعي قومي ڪارڪنن کي پنهنجي طاقت، قوت ۽ تعداد جو اندازو ٿئي ٿو. هنن ۾ سرجوشيءَ سان اڳتي وڌڻ جو جذبو ايري ٿو. چڙو چڙ ٿيل ماڻهن ۾ اجتماعيت جو احساس ۽ شعور بيدار ٿئي ٿو. هٽلر لکيو آهي ته "جلسا ضروري آهن. اهو شخص جيڪو تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ڪشش محسوس ڪري ٿو. پر اڪيلو هئڻ ڪري تحريڪ کان ٿهندو رهي ٿو سو جلسي ۾ پنهنجي پاڻ کي هڪ وڏي ڪٽنب جو فرد محسوس ڪرڻ سان گڏ پنهنجي اندر ۾ زبردست طاقت ۽ قوت محسوس ڪري ٿو، ۽ هو جلسي جو اثر قبول ڪري ٿو. جلسي ۾ گڏ ٿيل هزارها ماڻهن جون خواهشون، امنگون ۽ طاقت جلسي ۾ شامل هر ماڻهو پاڻ ۾ محسوس ڪري ٿو. اهو ماڻهو جنهن کي اڳ ۾ شڪ ۽ شبها هوندا آهن ۽ هو تحريڪ ۾ شامل ٿيڻ کان ڪيٻائيندو رهندو آهي، سو جلسي ۾ شامل ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي اندر پڪو يقين ۽ اعتماد محسوس ڪندو آهي. ڇو ته هاڻي هو هڪ وڏي ڪٽنب جو فرد آهي. انهن سببن ڪري گهٽ ۾ گهٽ آءٌ تحريڪن لاءِ جلسا ضروري سمجهان ٿو.

(٣) عام طرح پروپيگنڊا ڪئي ويئي آهي ته سياسي ڪم اهوئي فائدي وارو آهي جيڪو ٻهراڙين ۾ ڪيو وڃي. باقي شهرن ۾ ڪم ڪرڻ سان ڪو به فائدو ڪونهي. آءٌ ٻهراڙين جي اهميت کان انڪار ڪونه ٿو ڪريان. ليڪن شهرن کي به نظرانداز ڪرڻ لاءِ تيار نه آهيان. منهنجي خيال ۾ ڪنهن تحريڪ جي پروگرام کي ڪامياب بنائڻ لاءِ شهري ڪم به وڏي اهميت رکي ٿو. ڇو ته ڪنهن به حڪومت کي مفلوج بنائڻ لاءِ شهري ايجي ٽيشن سڀ کان وڏو حربو آهي. شهرن کي توهان بلڪل نظرانداز ڪري ڇڏيو ته انهيءَ صورت ۾ ايجي ٽيشن، مطالبن، جلسن جلوسن، پوسٽرن ۽ اخبارن جي حد تائين توهان بي اثر ٿي پوندؤ. شهر ۾ نڪتل هڪ جلوس، عام

راڄ کي ايترو متاثر ڪري ٿو جيترو سالن جا مثال ڀرپاڙي ۾ گهڻا ڏسڻ. انهيءَ کان سواءِ شهر ڪنهن قوم جي فتح ۽ شڪست جون نشان ۽ علامتون آهن. جيڪڏهن ڪنهن ملڪ جي اڌ ڀاڱي ۽ تي دشمن قبضو ڪري وٺي ليڪن انهيءَ ملڪ جو مرڪزي شهر سندس قبضي کان باهر هجي ته پوءِ انهيءَ ملڪ کي شڪست کاڌل ملڪ نه چئي سگهبو. پر جيڪڏهن مرڪزي شهر دشمن جي قبضي ۾ اچي وڃي ته پوءِ اهو ملڪ پنهنجي شڪست تسليم ڪري وٺندو آهي. انهيءَ لاءِ آءٌ ٻه مثال ڏيندس.

(١) ٻي جنگ عظيم ۾ جرمني ان وقت تائين شڪست تسليم نه ڪئي جيستائين اتحادي فوجون برلن ۽ سيونخ ۾ داخل نه ٿيون. ليڪن جيئن ئي اتحادي فوجون انهن شهرن ۾ داخل ٿيون ته هٽلر ڀڄي ويو يا مارجي ويو، جرمني شڪست تسليم ڪئي ۽ رهيل نازي ديستن هٿيار ڦٽا ڪيا.

(٢) بنگلا ديش جي آزادي جي جنگ ۾ سابق مشرقي پاڪستان کي انهيءَ وقت تائين بنگلا ديش نه ٿي سمجهيو ويو جيستائين جنرل اروڙا جي اڳواڻي هيٺ هندستاني فوج ڍاڪا ۾ داخل نه ٿي هئي.

ڍاڪا جي فتح تي شرط پاڪستان شڪست تسليم ڪئي ۽ سونار بنگلا آزاد ٿي ويو. انهن ٻنهي مثالن مان توهان شهرن جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهو ٿا.

(٣) پاڻ ۾ قومي ايڪتا پيدا ڪرڻ: انهيءَ سادي سڌي سوال تي به ڪافي غلط فهميون پيدا ڪيون ويون آهن. قومي ايڪتا مان مراد ڪنهن هڪ طبقي جي اتحاد جو نالو نه آهي پر اهو ڪنهن پوري قوم جو اسي سيڪڙو جو نه هجي. قومي ايڪتا مان مراد آهي سڀني طبقن ۽ انهن جي نمائندگي ڪندڙ ذهنن جو اتفاق ۽ اتحاد. قومي ايڪتا لاءِ هر ماڻهوءَ، هاري، زميندار، شاگرد، استاد، اديب، شاعر، وڪيل، دانشور، مولوي، پنڊت، سپاهي، واپاري، هندو، مسلمان سڀني هڪ نصب العين لاءِ سوچين ۽ ان جي حصول لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه

قربان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن. اهڙي تحريڪ ۾ اختلافي نعرا جيترو
گهٽ اوترو وڌيڪ فائدو. خاص ڪري طبقاتي چيڙچاڙ آزادي جـي
تحريڪ ۾ ملڪن لاءِ سخت هاڃيڪار ثابت ٿـي آهـي. انهيءَ ڪان
پاسو ڪرڻ لازمي آهي. هي ڳالهه طئي ٿيل آهي تـه جيڪي ملڪ
هڪ ئي وقت ڪنهن ٻاهرين طاقت جا غلام هجن ۽ اندروني طرح
جاگيرداري ۽ سرمائيداري ۾ ٻه جڪڙيل هجن، (جيئن سنڌ آهي)
"حقيقت ۾ ٻاهرين غلامي ئـي اندروني جاگيرداري، اقتصادي
بدحالي ۽ سرمائيداري کي جنم ڏيندي آهي" اهڙي حالت ۾ انهن
ملڪن لاءِ بهترين رستو هي آهي ته هو پهرين ٻاهرين غلاميءَ کي
ختم ڪن ۽ پوءِ جاگيرداري کي. اهڙي صورت ۾ هـو آزاد متحد
صورت ۾ ٿين ٿا. ۽ جاگيرداري بـه ختم ٿيو وڃـي. جيئن الجزائر ۽
بنگلا ديش. ليڪن جن ملڪن هڪ ئي وقت ٻاهرين طاقت ۽ اندروني
جاگيردارن سان لڙائي شروع ڪئي سي پنهنجو اتحاد وڃائي ويٺا.
جيئن چين، ويٽنام ۽ ڪوريا. آخري هٿيار هي آهي جيڪو ڏيڍ
فوٽا دانشور ۽ ڪامريڊ پنهنجون سونهري فريمن واريون عينڪون ٺيڪ
ڪندي استعمال ڪن ٿا ته ڪوبه وڏو ماڻهو قومي تحريڪ جي اڳواڻي
نه ڪري ٻي صورت ۾ اها تحريڪ رجعت پسند ٿي پوندي. آءٌ ڪونه
ٿو چوان ته قيادت هروڀرو ڪنهن وڏي ماڻهو جي هٿ ۾ هجي. پر
سوال طبقاتي نه آهي. سوال محب وطن ۽ غدا جو آهي. جيڪڏهن
هڪ زميندار محب وطن، وفادار، مخلص آهي تـه پوءِ ڪيس چو نه
قيادت ڏني وڃي. ڪمبوڊيا ۾ وڙهندڙ فوج جي اڳواڻي پرنس سهانوڪ
جيڪو شهزادو آهي. ڪري ته اها جنگ انقلابي آهـي ۽ جيئي سنڌ
جي اڳواڻي جيڪڏهن جي. ايم سيد ڪري ته اهـا رجعت پسندي!
اهو ڪٿي جو انصاف آهي؟ خود لينن امير حبيب الله جي قيادت ۾
انگريزن خلاف پٺاڻن جي مسلح جدوجهد کي شاندار ۽ انقلابي سڏيو
آهي. ته پوءِ هي [illegible] سائنز گاڙهي ڪتاب جا حافظ سڳورا هٿ
ڌوئـي جـءِ جيئي سنڌ [illegible] يا آهن؟ ظاهـر ڳالهه آهي

تہ حڪمرانن جا آلہ ڪار [illegible] عنصرن جي [illegible] کي مضبوط ڪندڙ ٿي
ٿي سگهن ٿا.

آخر ۾ آءٌ [illegible] عرض ڪندس تہ پنهنجي تاريخ ۽ زبان ۽
ڪلچر کي [illegible] جنهن قومي ڪارڪن کي انهن
[illegible] سو سٺو ورڪر ٿي نہ ٿو سگهي. سنڌي
[illegible] اهي تہ پنهنجي تحريڪ جي تاريخي پس منظر سبب
۽ [illegible] جي تاريخ ۽ ماحول کان واقفيت حاصل ڪري. اهي
[illegible] آءٌ پنهنجي جاءِ وٺندس. جيئي سنڌ

٢٣ مارچ

٢٣ مارچ ١٩٧٢ع تي سنڌ يونيورسٽي ڄام شوري ۾ ڪيل تقرير

اسان پاڪستان جي ذريعي محبت گهري هئي اسانکي نفرت ملي.
اسان پنجاب ڪان [illegible] ڪئي هئي اسانکي ڌاريائپ

اسان دوستي جي خواهش ڪئي هئي اسانکي دشمني

اسان انصاف گهريو هو اسانکي ظلم حاصل ٿيو.
اسان علم جي تمنا ڪئي هئي اسانکي جهالت ڏني وئي.
اسان خوشحالي جي تانگهه ڏيکاري هئي اسانکي بک،
بيروزگاري، غربت نصيب ٿي. ۽ جڏهن اسان انهيءَ انڌير
جي خلاف احتجاج ڪيو ته اسان تي گوليون ۽ لٺيون
وسائي اسانکي ملڪ دشمن ڪوٺيو ويو.

جناب صدر: نوجوان ساٿيو: جيئي سنڌ.

ڪافي ڪجهه تقريرون ٿيون آهن. جن ۾ جوش هو، جذبو هو، ولولو هو ۽ پنهنجو پاڻ وطن کي ارپڻ جي آرزو ۽ تڙپ هئي. جيڪي ڳالهيون ڪرڻ جهڙيون هيون سي سڀ ٿي چڪيون آهن. منهنجي چوڻ لاءِ باقي ڪجهه رهيو ته ڪونهي. تاهم اوهان جي حڪم جي پوئواري ڪندي ڪجهه ڳالهيون پيش ڪندس. منهنجي تقرير ۾ نه آبشارن جو ترنم هوندو نه توبن جي گجگوڙ نه تلوارن جي تيزي ۽ وڄ جو چمڪاٽ.

آءٌ هڪ عملي قسم جو ماڻهو، تاريخ جو معمولي شاگرد ۽ هن مادر وطن جي لکن مجبور انسانن وانگر هڪ انسان آهيان جيڪو رُ ز پنهنجي شرح جي صليب تي لٽڪندو رهندو آهيان. چوٿين مارچ جي باري ۾ ڪافي ڪجهه چيو ويو آهي. لکيو ويو آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي. جدا جدا راين جو اظهار ڪيو ويو آهي. ليڪن مون وٽ اهو ڏينهن نه رڳو سنڌي قوم ۽ سنڌ يونيورسٽي جي دلير شاگردن لاءِ پر پوري پاڪستان جي جمهوري حقن ڪان وانجهيل عوام لاءِ نهايت ئي مقدس ۽ تاريخي ڏينهن آهي. پنهنجي انهيءَ دعويٰ لاءِ آءٌ اوهان کي انهيءَ ماحول جي ننڍڙي جهلڪ ڏيکاريندس جنهن ماحول ۾ هي ڏينهن واقعي ٿيو. اهو ماحول نهايت ئي دهشت، ڌمڪاين ظلم ۽ بربريت وارو ماحول هو. انهيءَ وقت آمريت جي اگهاڙي تلوار ملڪ تي ملڪ الموت وانگر مسلط هئي. جنگ آزادي جو عظيم رهنما خان عبدالغفار خان سرحد جي پهاڙن جي طويل خرسيني کان تنگ ٿي افغانستان جي سيبزه زارن ۾ سڪون تلاش ڪرڻ هيو ويو هو. بلوچستان جا بهادر پانڪا بلوچ جيلن ۾ بند هئا. بلوچستان جي پهاڙن ۾ غيور بلوچن جا لاش بنا ڪنهن ڪفن دفن جي پيا هئا. دنيا ۽ پاڪستان جي ماڻهن انهن ڏانهن ڪنهن ڌيان نه ٿي ڏنو.

پنجاب، جواهرلال نهرو جي لفظن ۾ هميشه وانگر سياسي قبرستان بڻيو پيو هو. سنڌ جو اڏول رهنما ۽ سنڌ کي ڌارين جي دست برد کان محفوظ رکڻ لاءِ مسلسل ٣٦ سالن تائين جهاد ڪندڙ محترم جي-ايم سيد نظربند هو. سنڌ جو وڏيرو، پير ۽ مير پنهنجي ڪرسيءَ بچائڻ لاءِ اسلام آباد جو طواف ڪري رهيو هو. ون يونٽ جو خونخوار بگهڙ سنڌ جي هر شيءِ چٽ ڪرڻ کان پوءِ سنڌي زبان جي نڙيءَ ۾ پنهنجا نيش کپائيو ويٺو هو. نياز همايوني، تنوير عباسي، شيخ اياز ۽ شمشير حيدري جي گيتن جي سينن ۾ خنجر ٽنبيو ويو هو. سونار بنگلا ديش جو بندو "هيرو" جيل ۾ هو. وانجهين جي هٿن مان ونجهه ڇڏائي ڇڏيا ويا هئا. ملڪ ۾ آمريت جو بدترين ديو آدم بوءِ آدم بوءِ ڪري رهيو هو. انهيءَ وقت سنڌ يونيورسٽي جي هن ئي لان تان يوسف لغاري جي اڳواڻي هيٺ سنڌي نوجوان هڪ ڪاموري جي خلاف (جنهن کي آءٌ مير جعفر جو روحاني پٽ سمجهندو آهيان) اٿيا ۽ آمريت جي راڪاس سان پنهنجي رڪ جهڙي ارادي سان ٽڪرايا. اهڙي خاموشيءَ ۽ بيوسيءَ واري ماحول ۾ هنن شاگردن جنهن جرئت، همت، ۽ استقلال جو مظاهرو ڪيو. تنهن آمريت جي ڪاري رات جي سيني کي چيري صبح - جمهوريت کي ويجهو آندو، سنجهيل عوام کي لڙڻ جي واٽ ٻڌائي ۽ ظلم جي بوسيده نظام جي قلعي ۾ شگاف وڌا. نتيجي طور هڪ طرف عوام جو سيلاب، جمهوريت جي سچ جي ڪرڻن سان پنهنجا جهول ڀرڻ لاءِ روانو ٿيو ته ٻي طرف سنڌي قوم ون يونٽ جي قهري ڪرت کي وڏيڪ زور سان ڌڪ هڻڻ لاءِ اٿي کڙي ٿي. انهيءَ ڪري ڇوٿين مارچ پوري پاڪستان جي عوام جي جمهوري جدوجهد جو ڏينهن آهي. جيڪڏهن پاڪستان ۾ رهندڙ قومن کي ڪجهه احساس هجي ته هو ته ڇوٿين مارچ کي پوري پاڪستان ۾ (نيشنل ڊي) طور ملهائين. ڇو ته اهو ڏينهن پوري پاڪستان جي جمهوري جدوجهد جو آغاز آهي. آءٌ اڄوڪي ڏينهن تي سنڌ جي اڙٻنگ انسانن کي مادرِ علمي جي هن عظيم لان تان سلام ٿو ڪريان.

جيئن مون چيو آهي ته هي ڏينهن پاڪستان جي جمهوري

جدوجهد ۾ تاريخي ڏينهن آهي. تيئن آءٌ اوهانکي ٻه عرض ڪندس ته هي ڏينهن ڪنهن خاص پارٽي جو ڏينهن قرار ڏنو ٿو وڃي. ڇو ته هن ڏينهن جي موقعي تي جيئي سنڌ محاذ ڪونه ٺهيو هو. پيپلز پارٽي وڏيرن جي بنگلن ۾ پينگهي ۾ پيل ٻار وانگر آگر چوسي رهي هئي. پنو صاحب هوٽلن ۾ ڪمرن جي تلاش لاءِ حيران هو. انهيءَ ڪري هي ڏينهن پوري سنڌي قوم جو ڏينهن آهي. هي ڏينهن شاگردن، استادن، وڪيلن، اديبن، شاعرن، واپارين، هارين، ڪڙمين، ۽ پورهيتن جو ڏينهن آهي. سنڌ جو ڏينهن آهي. سنڌ جي طويل تاريخ جي تسلسل جي هڪ ڪڙي آهي. آمريت جي ڪاري رات جي هاٿيءَ جهڙي پنيءَ تي روشنيءَ جو ڇهڪ آهي. قومي زندگي جي بيٺل پاڻي ۾ حرڪت ۽ وَلوڙ آهي. قومي زندگي جو ثبوت آهي. بيٺل قافلي جي ڪوچ جو اعلان آهي. غضب ٿيل حقن لاءِ احتجاج آهي ۽ غاصبن لاءِ زبردست للڪار آهي. انهيءَ ڪري پوري سنڌي قوم کي اهو ڏينهن عيد وانگر ملهائڻ گهرجي. البت هيترو ضرور چوندس ته جيڪڏهن محترم جي - ايم - سيد جيل جي سنگين ديوارين جي پٺيان ويهي نور نچوئي سنڌ جي حيثيت تي ڪتاب نه لکي ها ۽ اسان جا شاعر پنهنجي شاعري ۾ آتش نوائي جو مظاهرو نه ڪن ها ته شايد چوٿين مارچ جو ڏينهن ٻه نه اچي ها. اوهان سيد لاءِ جيڪي جذبا رکو ٿا تن جو سونکي قدر آهي پر آءٌ عرض ڪندس ته جيڪڏهن سيد سان عقيقدت اٿو ته پوءِ انجي پيغام کي ڪٺي واچوڙي وانگر سنڌ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙي وڃو. سيد جي عظمت جو انهيءَ کان وڏيڪ کهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو جو هو ڪليل طرح چوي ته سنڌ جي آزادي جي عيوض آءٌ ڦاسي قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان. محترم نياز همايوني جو شعر آهي جيڪو هن صاحب جي - ايم - سيد جي باري ۾ چيو آهي.

توکي ڏسندي ٿيو ويساهه چاٺي خدا،
سنڌ جيئندي سدا - سنڌ جيئندي سدا،
تنهنجو پرتو پيو جنهن ٻه نادار تي،
عشق دولت عطا ڪئي انهيءَ يار کي.

مون توهانکي چوٿين مارچ جي ماحول جي باري ۾ ٻڌايو آهي هاڻي آءٌ توهان کي چوٿين مارچ جي پس منظر جي باري ۾ هڪ ڳالهه عرض ڪرڻ چاهيان ٿو. چوٿين مارچ کي صرف ڪن شاگردن جي ڪاموري سان نه ڪرڻ سمجهو پر انجي پٺيان هڪ ڏکهو تاريخي پس منظر آهي. انهيءَ ظلم جو داستان آهي، جيڪو پاڪستان قائم ٿيڻ کان پوءِ سنڌين سان ڪيو ويو آهي. پاڪستان ٿيڻ کان اڳ اسان جيڪي خواب ڏٺا هئا سي پاڪستان قائم ٿيڻ شرط شيشي جي گلاس وانگر چور چور ٿي ويا. اسان جون تمنائون ڪنٿهار جي گل وانگر فوجي بوٽن جي هيٺان ڪچلجي ويون. اسان جي خواهشن جي ڪبوترن جي سينن ۾ تير هنيا ويا. زمين اسان جي هئي مالڪ ٻيا بڻيا. شهر اسانجا واپار ڌارين جو. دفتر اسان جا نوڪريون ٻين لاءِ. درسگاهون اسانجون تعليم اقبال جي. زبان اسان جي گيت ٻين جا. شمع اسان جي محفل اوپرن جي. مئخانو اسان جو پر رند ڌاريان. جڏهن سنڌ جي زمين تي ڪٺڪ جا سون ورنا سنگ آن جي بار کان ائين جهڪندا هئا جيئن سيج تي ويٺل ڪنوار جون پنبڻيون حيا کان جهڪيل پون. انهيءَ وقت انهن سنگن ۾ لاباري ڪرڻ کان وٺي ان کڻڻ وارا پنجابي چوڌري ۽ پناهگيرن جا دلال هوندا هئا. ان وقت سنڌ جو هاري ائين سمجهندو هو ته اهو سنگ نه پر منهنجي سسي پيئي ڪپجي. جڏهن سنڌ جي پنين ۾ چٽن، سٽرن ۽ سرنهن جا گل ڪنهنجي سنڙي سرڪ وانگر ڪڙندا هئا ته انهي کي پٽڻ لاءِ پنجابي فوجين جا چاڙتا اڳتي وڌندا هئا.

اسان پاڪستان جي ذريعي محبت گهري هئي اسان کي نفرت ملي.

اسان پنهنجائپ جي طلب ڪئي هئي پر اسان کي ڌاريائپ نصيب ٿي.

اسان دوستي جي خواهش ڪئي هئي اسان کي دشمني ملي.

اسان انصاف گهريو اسان کي ظلم پلئه پيو. اسان علم جي تمنا ڪئي هئي اسان کي جهالت ڏني وئي.

اسان خوشحالي گهري مگر اسان کي بک، بيروزگاريءَ ۽ غربت نصيب ٿي. ۽ جڏهن اسان انهيءَ انڌير جي خلاف احتجاج ڪيو ته اسانجي ستان گوليون ۽ لٺيون وسائي اسانکي ملڪ دشمن ڪوٺيو ويو.

انهن سڀني شين ڳڏجي ٤ مارچ تي احتجاج جي صورت اختيار ڪئي. اڄ چوٿين مارچ ملهائڻ وقت اسان کي سوچڻ گهرجي ته انهن حالتن ۾ ڦير آيو آهي يا جيئن جو تيئن باقي آهن؟ آءٌ يقين سان چوان ٿو ته حالتن ۾ ڪوبه ڦيرو ڪونه آيو آهي. البت هڪ اهڙي ناانصافي اسان سان نئين ٿي آهي جيڪا جناح ڪان وٺي يحيٰ خان تائين ڪانه ٿي هئي. ۽ اها آهي جيئن قومن کي ختم ڪرڻ وارو نئون بل جنهن تحت مسلم قوم کي نه مڃڻ غداري قرار ڏنو ويو آهي ۽ اسان جي لاءِ ڀٽي صاحب جي مهربانيءَ سان سنڌي سڏائڻ ڏوهه ٺهرايو ويو آهي. دنيا اڄ اهڙي دور ۽ درجي تي پهچي چڪي آهي جو ڪنهن سياسي ڳالهه کي مذهبي دليلن سان ثابت ڪرڻ انساني تجربن ۽ فڪري ڪاوشن تي ٺٺولي ڪرڻ جي برابر آهي. ليڪن چونڪ پاڪستان جا دانشور جڏهن به ڪا ڳالهه ڪن ٿا ڪن ته انکي مذهبي غسل ضرور ڏين ٿا. انهيءَ ڪري آءٌ صرف ايترو چوندس تہ اسلامي حڪومت جو ٻيو خليفو حضرت عمر ته مسلم قوم جو قائل ئي نه هو.

(١) جيئن هن هڪ تقرير ۾ چيو هو ته. نحن قومٌ اعزنا الله بالاسلام. يعني اسان عرب هڪ مستقل قوم آهيون جنهنکي اسلام جي ذريعي عزت ملي آهي. (٢) هن هڪ خط ۾ سپاهين کي هدايت ڪئي ته ايران ۽ عراق ۾ وڃي اتي جي عورتن سان شادي نه ڪجو ڇو ته ائين ڪرڻ سان توهان جو خالص عرب نسل، توهان جي خالص عربي قوميت ختم ٿي ويندي. پهرين پاڪستان جي قومي اسيمبلي حضرت عمر جي باريءَ ۾ بل پاس ڪري.

ساٿيو: جڏهن اهڙا انڌير اڃان موجود آهن. انهيءَ صورت ۾ اسان جو هن لان تي گڏجڻ ثابت ڪري ته اسان جي جدوجهد

اچا جاري آهي. جهڙي طرح جنگ هلندي کو سولجر سورچو ڇڏي ڀڄي ٿو ته انکي غدار قرار ڏنو وڃي ٿو. اهڙي طرح جيڪڏهن جنگ هلندي کو، ڪارڪن ڀڄي دشمن جي صف ۾ شامل ٿئي ٿو ته انکي به معاف ڪري نه ٿو سگهجي.

اسان چور، ڌاڙيل ۽ ڌاڙيل ٿي سگهون ٿا ليڪن قومي غدار هرگز ٿي نه ٿا سگهون.

سنڌڙي سنهنجي ماءُ سنهنجي جيجل توتان گهور ٿيان،
شل نه ٿيان غدار سنڌ پل ڌاڪو ٿيان يا چور ٿيان.

سنڌ منهنجو ساهه

۲۰ جولاءِ ۱۹۷۸ع تي شاهه لطيف ڏينهن سيمينار ۾ ڪيل تقرير

مون دل ۾ خيال ڪيو ته آءٌ سيمينار وچ رهيو آهيان جنهن جي پرسان سکر آهي. جتي اروڙ آهي جتي هيمون ڪالاڻي جي رت جا ڦڙا آهن. جتي شهيد الهه بخش سومري جو جهنڊو جهوليو هو. ۽ جتي خيرپور آهي جنهن ۾ تنوير عباسي جي فڪر جون چڻنگون نوجوان نسل جي دلين کي گرمائينديون رهن ٿيون. جيڪڏهن مون اروڙ جي پرسان، هيمون جي جهنڊي جي ڇانو ۾، تنوير عباسي جي گيتن جي گونج ۽ شيخ اياز جي شاعري جي الن ۾ شاهه لطيف جو پيغام سنڌ جي نوجوانن تائين پهچايو ته اها منهنجي وڏي خوش قسمتي ٿيندي.

(١) مشڪ ۽ عنبر کان سرهو تن جو ساهه،
محبت ۾ چڻ ماڪ سي نفرت ۾ آڙاهه،
پڙڪڻ ۾ باهه مرڪڻ ۾ موتئي مثل.

......

(٢) منهنجي ڌرتي جو گنهگار نہ بخشيو ويندو،
ڪوبہ غاصب ڪوبہ غدار نہ بخشيو ويندو،
روپ رهبر جو وٺي سگهندو نہ رهزن ڪوئي،
هاڻ بيدار ٿيو آهي پيارن جو وطن.

جناب صدر، نوجوان ساٿيو ۽ هن ڌرتي جا ڏکويل ۽ ڏتڙيل انسانو: جيئي سنڌ.

آءٌ هن وقت ڪا ڊگهي تقرير ڪرڻ نہ ٿو چاهيان ۽ نہ ئي وري ڪڏهن زندگي ۾ مون هيڏي وڏي جلسي کي خطاب ڪيو آهي. بنيادي طرح سان هڪ ليکڪ آهيان. مون وس پڄندي ڪوشش پئي ڪئي آهي تہ سنڌ جي ساڻهن جي لڙڪن ۽ سڏڪن کي پنهنجي قلم جي ذريعي احتجاج جو طوفان بنائي وقت جي حاڪمن اڳيان پيش ڪريان.

اڄ جڏهن حيدرآباد کان آءٌ اچي رهيو هوس، ان وقت مون سوچيو تہ آءٌ سينارجن ۾ ڇو وڃي رهيو آهيان؟ جيڪڏهن مونکي شاهہ جي رسالي جي ضرورت آهي تہ اهو حيدرآباد جي ڪتب خانن ۾ موجود آهي. جيڪڏهن مونکي شاهہ جي روضي جي زيارت ڪرڻي آهي تہ اهو حيدرآباد ضلعي ۾ موجود آهي. جنهن وقت لنگهندي مون ڀٽ ڌڻي شاهہ لطيف کي سلام ڪيو هو. پوءِ مون دل ۾ خيال ڪيو تہ آءٌ اڄ سينارجن وڃي رهيو آهيان. جنهنجي پرسان سکر آهي. جتي اروڙ آهي. جتي هيمون ڪالاڻي جي رت جا ڦڙا آهن. جتي شهيد

الھه بخش سوبري جو جھندو جھوليو هو ۽ جتي خيرپور آهي. جنھن ۾ تنوير عباسي جي فڪر جون چڻگون نوجوان نسل جي دلين کي گرمائينديون رهن ٿيون. جيڪڏهن مون اروڙ جي پرسان، هيمون ڪالاٽي جي رت جي ڦڙن جي خوشبوءِ ۾، شهيد الھه بخش جي جھنڊي جي چانو ۾، تنوير عباسي جي گيتن جي گونج ۾ ۽ اياز جي شاعري جي الن ۾ شاهه لطيف جو پيغام سنڌ جي نوجوانن تائين پهچايو ته اها سنھنجي وڏي خوش قسمتي ٿيندي.

شاهه لطيف تي ڳالهائڻ کان اڳ ۾ هڪڙي گذارش ڪندس ته شاهه لطيف تي ڳالهائڻ وارا چڱيءَ طرح شاهه جي زندگي، سندس شاعري، فڪر ۽ فلسفي کي مطالعو ڪن ۽ پڻ سنڌ جي تاريخ کي هڪ سنڌي جي حيثيت سان پڙهن. سونکان اڳ جن دوستن شاهه تي ڳالهايو. تن مان گهڻن لطيف سائين کي ارغونن جي دور جو شاعر ڪري ڄاڻيو. حالانڪ شاهه لطيف ارغونن جي دور جو نه پر ڪلھوڙن جي دور جو شاعر آهي. شاهه جي وقت ۾ سنڌ تي حملو شاهه بيگ ارغون نه پر احمد شاهه ابدالي ۽ نادر شاهه دراني ڪيو هو. شاهه لطيف جي دعا سان غلام شاهه ڪلهوڙو پيدا ٿيو. جنھن سنڌين کي ڌارين جي تسلط کان آزادي ڏياري انکي خود مختياري بخشي. شاهه پنھنجي دعا ذريعي، غلام شاهه کي وجود ڏنو ۽ پنھنجي شاعري ذريعي سنڌ وطن کي لازوال بنائي، سنڌي قوم کي لازوال بنائي، سنڌي قوم کي سنواري سينگاري ڳاڙهي ڪنوار وانگر مست ۽ مگن بنايو.

شاهه لطيف پنھنجي دعا سان غلام شاهه سنڌ جي آزادي جي علمبردار کي خدا کان گهري ورتو ۽ موهن جي دڙي کان وٺي هن دور تائين جي صوفين، بزرگن، الله لوڪن، فقيرن ۽ ساڌن جي دعائن جو پڙاڏو ۽ روپ جي-ايم-سيد آهي. شاهه لطيف جي شاعري ۽ فڪر سنڌ وطن جو احساس ڏياريو ۽ جي-ايم-سيد جي ناقابل شڪست فڪر پوري ايشيا ۾ مظلوم قومن کي ظلم جي خلاف احتجاج ڪرڻ لاءِ زبان بخشي. انھيءَ ڪري سنڌ جو قومي ۽ عوامي شاعر نياز همايوني چوندو آهي ته اسان عربن جا گناهه انھيءَ ڪري معاف ڪري ڇڏيا

جو هنن اسانکي جي- ايم - سيد ۽ شاهه لطيف ڏنا. اها ڳالهه پنهنجي جاءِ تي سچ ٿي سهي پر آءٌ ان ۾ هيترو اضافو ضرور ڪندس ته شاهه لطيف ۽ جي- ايم- سيد جي پيدائش ۾ عربن جو ڪمال گهٽ پر سنڌ ڌرتيءَ جي سٽيءَ جو ڪمال وڌيڪ آهي. جنهن لطيف ۽ جي- ايم- سيد جي روح ۾ رچي هنن کي اڙٻنگ انسان بنايو. نه ته عرب اسپين ۾ به ويا هئا. ترڪي ۾ به ويا هئا. وچ اوڀر ۾ به ويا هئا. ايران ۽ افغانستان ۾ آيا هئا. ليڪن اتي ڪو به لطيف اسري نه سگهيو ۽ ڪو به جي-ايم- سيد نسري نه سگهيو. انهيءَ تمهيدي گفتگو کان پوءِ مان شاهه جي فڪر جي روشني ۾ ڪجهه ڳالهائيندس.

ٻهرين ڳالهه: سنڌ جي ماڻهن کي هي ڳالهه نوٽ ڪرڻ گهرجي ته سنڌ جي تاريخ جا به روپ آهن. هڪ تاريخ آهي سنڌ ڌرتي جي ۽ ٻي تاريخ آهي سنڌي مسلمانن جي. سنڌ جي تاريخ ١٥ هزار ورهيه پراڻي آهي. ۽ سنڌي مسلمانن جي تاريخ ١٣ سو ورهيه آڳاٽي آهي. شاهه لطيف سنڌ جي تاريخ، سنڌ جي تهذيب، سنڌ جي سٽيءَ، سنڌ جي ماڻهن ۽ سنڌي سڪار جو شاعر هو نه سنڌي مسلمانن جو. شاهه اسانکي سنڌ جي تاريخ پڙهڻ، پروڙڻ ۽ انکي دنيا جي سامهون نروار ڪرڻ جو سبق ڏنو آهي. انهيءَ تاريخ ۾ موهن جو دڙو به آهي، موهن جي دڙي جون نچڻيون به آهن، موهن جي دڙي جا بت به آهن، راءِ سهيرس به آهي، راءِ سهاسي به آهي، مها راجا ڏاهر به آهي، ڄام نظام الدين به آهي. دولهه دريا خان به آهي، دودو به آهي، هيمون ڪالاڻي به آهي هوشو شيدي به آهي، الهه بخش سومرو به آهي، چوئٿرام به آهي ڪنور ڀڳت به آهي، ته ڪيرت ٻاٻاڻي به آهي. ۽ سنڌي مسلمانن جي تاريخ ۾ اهي سڀ شيون ناهن. صرف ١٣ سؤ ورهين جي تاريخ ۾ بند ٿيڻ سان اسانکي پنهنجي قديم روايتن، قديم تاريخ، قديم تمدن، ۽ قديم قومي هيرن کان دست بردار ٿيڻو پوندو ۽ صرف جبا ئي جبا اسانکي نظر ايندا.

آءٌ واضح طور ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته اسان ٢٧ سالن کان پاڪستاني، ١٣ سؤ ورهين کان مسلمان ۽ ١٥ هزار سالن کان سنڌي آهيون.

اسان پاڪستاني نہ هئاسين پر سنڌي هئاسين. مسلمان ڪونہ هئاسين تڏهن بہ سنڌي هئاسين. سنڌي هجڻ جو احساس اسانکي قدرت بخشيو آهي. سنڌي هجڻ جو سرٽيفڪيٽ اسانکي سنڌ ڌرتي ڏنو آهي. سنڌي هجڻ جو احساس اسانکي شاھ لطيف جي شاعري ڏنو آهي ۽ سنڌي هجڻ جو فخر اسانکي جي-ايم-سيد جي فڪر عطا ڪيو آهي. جيستائين ڪو ماٿهو اسانکان اهي شيون نہ ٿو ڦري تيستائين هو اسانکان سنڌي هجڻ جو حق بہ نٿو ڦري سگهي. جيڪي حاڪم اسلام آباد جي سائونڊ پروف ڪمرن ۾ ويهي چون ٿا تہ سنڌي سڏائڻ جرم آهي. انهن کي آءٌ چوندس تہ سنڌين کان اهو حق کسڻ کان اڳ ۾، توهان خدا جي اختيارات جو قلم ٽوڙي ڇڏيو. جنهن سنڌ جي جاگرافي جو نقشو بڻايو آهي. توهان سمنڊ جو سمورو پاڻي سنڌ ڌرتي تي وهائي ڇڏيو جنهنجي سنيءَ اسانجي روح کي آئين ريجهايو آهي جيئن معصوم ٻار جي سرڪ ماءُ جي روح کي ريجهائي. ۽ توهان انهن سنڌي مائرن جي ڇاتين جو کير سڪائي ڇڏيو جنهن اسانجي وار وار مان سنڌيت جو احساس آئين اپاريو آهي جيئن مينهن وسڻ کانپوءِ ڪنواري ڌرتيءَ مان گاهہ جا سلا ڦٽندا آهن. توهان انهن هوائن جا رخ سوڙي ڇڏيو جنجي ذري ذري ۾ شاھ جي شاعري جو هڳاءُ ۽ جي-ايم-سيد جي فڪر جي سرهاڻ پکڙيل آهي. يقيناً توهان اهو سڀ ڪجهہ ڪري نہ ٿا سگهو تہ پوءِ اسانکان سنڌي هجڻ جو حق کنهن بہ طرح ڦري نہ ٿا سگهو.

ٻي ڳالهہ: شاھ جي شاعري، سنڌي ماڻهن جي شاعري آهي. ڪنهن هڪ مذهب جي شاعري ناهي. شاھ جي شاعري ۾ اسانکي مسلمان بہ نظر اچي ٿو تہ هندو بہ نظر اچي ٿو. ڪارو بہ نظر اچي ٿو تہ پورو بہ نظر اچي ٿو. صوفي بہ نظر اچي ٿو تہ سامي بہ نظر اچي ٿو. ان ۾ جيڪڏهن تسبيح تي "الله هو" جي ضرب آهي تہ تنبوري جي تنوار، مرلي جي لهر، مندر جي گهنڊ جو پڙاڏو ۽ مالا جو جاپ بہ نظر اچي ٿو. هنجي شاعري سارن جي شاعري آهي جنهن ۾ هندو بہ آهن تہ مسلمان بہ آهن. وڏا بہ آهن تہ ننڍا بہ آهن. پر سنڌي ۽ انهن سيارن ۾ پڪي ٻڌنڌڙ مسلمان بہ آهي تہ سوڊو بہ آهي. پڙو پائيندڙ

مسلمان عورت آهي ته هندوئڻ عورت به آهي. چوڙيلي مسلمان به آهي ته راجپوت به آهي. شيڪسپيئر چيو هو ته اي انگلستان، آءٌ تنهنجي غدارن سان به محبت ڪريان ٿو. غدار هميشه وڏا ماڻهو ٿيندا آهن. تنهنڪري ائين چئي سگهجي ٿو ته انهيءَ شاعر وڏن ماڻهن سان محبت جي هام هنئي آهي. ليڪن شاهه لطيف چيو آهي ته:

جيها ڪي تيها، سارو سون مڃيا،
اٿم آس اها، ڪڏهن ڪيرائيندي ڪوٽ ڪي.

شاهه اڀرن سيرن پنهنجن ڪي نه ڇڏيو آهي. مارن جي ڪتي، لوئي، اجرڪ، چوڙي، چونري، وٿاڻ ۽ پاڻ ڪي امر بنائي ڇڏيو اٿس. هن ڪنهن به چنيسر، ڄام فيروز، قاضي قاضن، نائونمل، صوبدار، ڪهڙي، نام نهاد ڏهيسر، س. م. لاهوتي سان محبت جي هام ڪانه هنئي آهي. شاهه پنهنجي شاعري لاءِ اروڙ نان ماڪ ڦڙا، دريا خان جي رت جا ڦڙا، مارن جي مرڪ، للرن، لنبن، لاڻن ۽ گنديرن جي خوشبو، چوڙي جي چمڪ، اجرڪ جو ڇٽ، چڙي جي چونگار ۽ ڪنهنبي جي ڳاڙهاڻ ڪٺي پنهنجن بيتن ڪي سينگاري ۽ سنواري، اڻ ست آيتون ڪري پيش ڪيو آهي. ۽ انهن سان هن ڪي ايتري محبت آهي جيتري ٢٥ سالن جي ماءُ ڪي پنهنجي ڇهن مهينن جي ٻهرئين ٻار سان. ۽ انهن شين تي هو ڪوسو واءُ به لڳڻ برداشت نه ٿو ڪري ۽ غدارن ڪي هو ڪنهن به صورت ۾ معاف ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. ۽ نه ئي هو اهڙن ماڻهن ڪي پنهنجي پيرن ۾ جاءِ ڏيندو.

ڏين ڳالهه: شاهه پنهنجي شاعري لاءِ ڪوبه سنڌ کان ٻاهر جو قصو، واقعو ۽ داستان ڪتب نه آندو آهي. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته هن ڪي سنڌ کان ٻاهر جي ڪنهن به فڪر، فلسفي ۽ رومان سان ڪابه دلچسپي ڪانهي ۽ نه ئي وري هن انهن ڪي سنڌ لاءِ مفيد سمجهيو آهي. انهيءَ مان اسانکي سبق وٺڻ گهرجي ته ٻاهر جا نظام ۽ نظريا پنهنجا ڪرڻ کان اڳ جاچيون ۽ پرکيون ته آيا اهي سنڌ لاءِ مفيد آهن يا نه؟

شاهه ڏارين جي محلن، ماڙين، سونن ۽ ست رڇين کي تسچ سمجھيو آهي. هن سون تي سيڻ نہ ستائڻ جو سبق ڏنو آهي. پرائي ماڙي جي بجاءِ پنهنجي جهوپڙي سان محبت ڪرڻ جي تلقين ڪئي اٿس. سنڌ جي سڪار لاءِ آڏي اسر، سنجهي شام آهون ۽ الاهون ڪيون اٿس.

چوٿين ڳالهه: شاهه پنهنجا ”هيرا“ سسئي، مارئي، راڻو، مومل، سورٺ، ڏياچ، بيجل، سامي ۽ گاروڙي مقرر ڪيا آهن. جيڪي سڀ هندو آهن. ان مان معلوم ٿيو تہ شاهه هندو مسلم اختلاف جو سخت مخالف هو. هنجي نظر ۾ هندو، مسلمان، پنڊت، مولوي، برهمڻ، سيد، سوڍا، قريشي، اڇوت ۽ شيخ سڀ سنڌي برابر هئا. ۽ هڪ ئي قوم جا فرد هئا. هو اقبال جي بہ قومي نظرئي جو دشمن هو. هو سنڌ جي هندو ۽ مسلمان کي هڪ قوم سمجهندو هو. جيڪڏهن ائين نہ مڃي ها تہ هو انهن هندن کي پنهنجي شاعري جو عنوان نہ بنائي ها. اڄ اسانکي چيو ٿو وڃي تہ جيڪي مسلمان قوم کي نہ ٿا مڃين سي اسلام ۽ پاڪستان جا غدار آهن. آءٌ انهن حاڪمن کي چوندس تہ مسلمان قوم کي اقوام متحده ڪونہ ٿي مڃي انکي غدار قرار ڏيئي سنجهائنس نڪري اڇو. مسلمان قوم کي چين نٿو مڃي ان سان دوستي ختم ڪريو. مسلمان قوم کي ايران نہ ٿو تسليم ڪري سائس ڪيل معاهدا ٽوڙي ڇڏيو. مسلمان قوم کي آمريڪا قبول نہ ٿي ڪري ان کان سڙيل ڪڻڪ گهرائڻ بند ڪريو. مسلمان قوم کي ليبيا، مصر، شام، عراق، بنگلا ديش ۽ انڊونيشيا ڪونہ ٿا مڃين انهن سان ڪاٽا ڪريو. پر آءٌ اڳتي وڌي چوندس تہ مسلمان قوم کي نبي ڪريم محمد مصطفيٰ صلعم بہ ڪونہ ٿو مڃي، تنهن ڪري سندس امرت سڏائڻ بند ڪريو. اهو آءٌ محمد رسول الله جهڙي عظيم هستيءَ تي الزام ڪونہ ٿو هڻان پر مون وٽ ان لاءِ ثبوت آهي. جيڪڏهن آءٌ غلط هجان ها تہ مولانا صاحب ”مولانا عزيزالله بوهيو“ جن ويٺا آهن مونکي ٽوڪي سگهن ٿا. جنهن وقت رسول سائين طائف ۾ تبليغ ڪرڻ ويا تہ اتي جي ماڻهن پاڻ سڳورن کي ڏاڍا پٿر ۽ ٺڪر ڪنڌا هنيا.

ان وقت پاڻ سڳورن فرمايو تہ ”الاھم اھد قومي انھم لايعلمون“ يعني
الله سائين منهنجي قوم کي ساڃھہ ڏي. اھا مونکي ھن وقت نہ ٿي
سمجھي، انهيءَ جملي ۾ حضور جن طائف جي ڪافرن کي پنهنجي قوم
قرار ڏنو اٿن. حالانڪ پاڻ سڳورا مسلمان ۽ ڪين تنگ ڪرڻ وارا
غيرمسلمان ۽ ڪافر ھئا. جيڪڏھن جدا مذھب ھجڻ سان جدا قومون
ٿھن ھا تہ پاڻ سڳورا طائف جي ڪافرن کي ”منهنجي قوم“ نہ چون
ھا تہ الله تعاليٰ ڪافرن کي ھدايت ڏي. جيڪڏھن محمد رسول الله
۽ ابوجهل ھڪ قوم جا فرد ٿي سگهن ٿا، جيڪڏھن ياسرعرفات ۽
جارج حبش ھڪ قوم جا فرد ٿي سگهن ٿا، جيڪڏھن سعد زغلول پاشا
۽ مصر جو پادري ھڪ قوم ٿي سگهن ٿا تہ پوءِ جي-ايم-سيد ۽ ڪلياڻ
آڏواڻي، تنوير عباسي ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي، زينت عبدالله چنا ۽ پوپٽي
ھيراننداڻي، نياز ھمايوني ۽ نارائڻ شيام، شيخ اياز ۽ ڪيئل داس فاني،
ابراھيم جويو ۽ اتم، ھڪ قوم جا فرد ڇو نہ ٿا ٿي سگهن؟ آءٌ ٻڌائڻ
چاھيان ٿو تہ اھي اسانجي قوم جا نهايت ئي قيمتي ۽ اھم فرد ۽ جزا
آھن. اسان انهن جي مجلسن ۽ محفلن کي ڪيئن وساري سگهنداسين؟
اسان انهن جي ڪچھرين، انهن جي ٽهڪن ۽ لڙڪن کي ڪيئن
وساري وھنداسين؟ جنجي ڪري سنڌ مختلف گلن جو چمن ھئي. جنجي
ڪري سنڌي زبان کي اوج ۽ عروج ھو. جنجي ڪري سنڌ ۾ رنگ رتول
۽ ٻهہ ٻهہ ٻول ھئا. جنجي ڪري سنڌ جا چانڊاڻا ۽ مانڊاڻا آزاد ۽ آباد
ھئا. جنجي ڪري سنڌ امن ۽ آشتي جو ھندورو ھئي. جنجي ڪري
ڪنور ڀڳت جو آواز سانوڻ جي ڪڪر جيان سنڌ ۾ ايرندو ھو ۽
جوڳي جا گيت ڏياري جي ڏيئي وانگيان لاٽون ڪندا ھئا. جيڪڏھن
اسن انهن کي ڌار سمجهون معنيٰ اسان سنڌ جي تهذيب کي ورھائي
ڇڏيون. سنڌي ٻوليءَ کي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيون. ۽ شاھ جي رسالي
کي ٻہ ٽڪر ڪري ھڪ ٽڪرو ھتي رکون ۽ ٻيو پارت موڪلي
ڇڏيون. جنھن وقت اسان سنڌ جي آزادي ۽ ٻقا لاءِ جدوجهد ڪريون
ٿا ان وقت اسان نہ صرف ھڪ ڪروڙ سنڌين جي ڳالھہ ڪريون ٿا
پر پارت ويل ويهن لکن سنڌين جي بہ ڳالھہ ڪريون ٿا. ھانگ ڪانگ،

سيلون، برما، سينگاپور ۽ دنيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ پکڙيل سنڌين جي ڳالهه ڪرڻيون ٿا.

جيڪڏهن سنڌ آهي ته پوءِ اهي سڀ سنڌي . آهن
جيڪڏهن سنڌ نه آهي ته پوءِ ڪوبه سنڌي باقي رهي نٿو سگهي.

ڪٿا منجهه قرار هٿا هيڪاندا سنگ ۾
ڳاهي ڳاهه فراق جي ڪيا ڏاروڻا سار
نه چاڻان ڀيها ڪير ملندو ڪنهن سان.

هو پنگا، هو پيئيون، هو سارن حا ستيان
سي سڀ ساري سومرا تهري لڱم ڪان
مارو هٿا ميمان ويئا اوٺي اڪري.

پنجين ڳالهه: شاهه ڀٽائيءَ جي شاعري، ۾ ايران، افغانستان، ترڪي مصر ۽ ٻين اولهه جي ملڪن جي ڪنهن به شخصيت کي پنهنجي شاعري ۾ جاءِ نه ڏني آهي. ”سواءِ رسول جي“ ان جي مقابلي ۾ هن جيسلمير، گرنار، پور بندر ۽ ٻين اوير جي شهرن جي شخصيتن کي ڳايو ۽ ورجايو آهي.

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته شاهه جي نظر ۾ سنڌ جو ثقافتي تعلق ۽ تهذيبي واسطو اوير سان آهي نه اولهه سان. سنڌ تي حملا هميشه اولهه کان ٿيا آهن. اوير جي مقامي ماڻهن جي طرفان ڪوبه حملو نه ٿيو آهي. اولهه جي لٽيندڙن، ڦريندڙن ۽ غاصبن ۽ ظالمن کي جيڪڏهن شاهه ساراهي ها ته سندس شاعري ۽ اقبال جي شاعري ۾ ڪوبه فرق نه رهي ها. اڄ سدائين چوندو آهيان ته اقبال جي شاعري پڙهڻ سان سون کي حقي جي ڏپ ايندي آهي ۽ شاهه جي شاعري پڙهڻ سان سون کي موهن جي دڙي جي دانهن ٻڌڻ ۾ ايندي آهي. ملير جي مٽيءَ جي مهڪ محسوس ڪندو آهيان ۽ دريا خان جي رت جون ڏياٽيون ٻرندي ڏسندو آهيان. شاهه انهيءَ شاعري ۾ اوير کي ڳايو آهي ڇو ته سنڌ جي پوري تاريخ ۾ ١٩٦٥ع کان اڳ ۾ سنڌ

تي اوڀر کان حملو نہ ٿيو آهي. اهڙن اسن جي پيغمبرن کي شاهه کيئن ٿي وساري سگهيو ۽ نہ ٿي اسان وساري سگهنداسين. اسان کي چيو ٿو وڃي تہ اوهان پارٽ جا ايجنٽ آهيو. آءٌ پڇڻ چاهيان ٿو ۽ اوهان خود فيصلو ڪريو تہ جيڪڏهن اسان پارٽ جا ايجنٽ هجون ها تہ ١٩٧١ع ۾ هندوستاني فوج ڇور کان واپس ڇو وڃي ها؟

اسان پارٽ جي مارواڙي سيٺ جا ايترا ئي مخالف آهيون، جيترا پناهگيرن پنجابي سامراڄ جا. ان باري ۾ ڪابہ غلط فهمي نہ هجڻ کپي.

ڇهين ڳالهہ: اهـا آهي تہ شاهہ لطيف اسان کي پڙهايو آهي تہ آزادي سجاڳي پيدا ڪرڻ سان ملندي آهي. جنهن وقت نادر شاهہ سنڌ تي حملو ڪيو هو. ان وقت سنڌ جو حاڪم نورمحمد ڪلهوڙو اٿ پڪيءَ وانگر وڃي ريگستان ۾ لڪو. پر شاهہ لطيف پنهنجو تنبورو کڻي سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪاهي پيو ۽ گيڙو ماتمي لباس پهري سنڌ جي هر ماڻهو کي ڏونڌاڙيو تہ:

سورهيہ سرين سوپ کي تہ دل جا وهم وسار،
هڻ پالا وڙهہ پاڪرين، آڏي ڍال م ڍار،
متان تيغ ترار سار تہ متارو ٿئين.

۽ سنڌ جي ماڻهن شاهہ لطيف جي پيغام کي ورنايو ۽ هو پنهنجون ڪهاڙيون ايئين ڪري سنڌ جي سرحد تي هالار جي قطار وانگر بيهي رهيا. اڄ ڪي ماڻهو جيڪي پ-پ-پ ۽ سپاف ۾ پاڙي جا گهوڙا ٿي پنهنجي بند ڪمرن جي ميٽنگن ۾ اسان جي خلاف زهر اوڳاڇيندي چون ٿا تہ اسان جيئوٽيڪ حاڪمن سان گڏ آهيون پر سنڌ جا غدار نہ آهيون. آءٌ انهن کي عرض ڪندس تہ ماڻهن جي اکين ۾ ڌوڙ نہ وجهو. ماڻهو توهان کي چڱي طرح سڃاڻن ٿا.

اوهان بنگلہ ديش جي قتل عام، تني مجرمانہ خاموشي اختيار ڪئي. جڏهن سنڌ دشمن آئين ٺهيو ۽ سنڌ جي نوجوانن احتجاج ڪندي انهيءَ آئين جي خلقيندڙن جي گريبانن مان جهليو. ان وقت

اوهان آئين يعني ون يونٽ جي خوشيءَ ۾ جشن ملهائي سنڌ سان غداري نه ڪئي ته ڇا اها سنڌ سان وفاداري هئي؟ جنهن وقت بهاري آيا ان وقت بيگم نصرت ڀٽو "آءٌ سندس تمام گهڻي عزت ۽ احترام ڪندو آهيان" ڪراچي بندرگاهه تي وچي انهن جي ڳچين ۾ گلن جا هار وجهي سندن مرحبا ڪئي ته اوهان نصرت ڀٽو زنده باد جا نعرا هنيا. جنهن وقت سنڌي ماڻهن تي گوليون هلايون ويون ۽ ڪيترا نوجوان ڪُٺا ويا. ان وقت اوهان گوليون هلائيندڙ ثقافتي اقليت جي هڪ فرد بديع الحسن جا هٿ چمي سندس ورڪ ڪيو ۽ جنهن وقت سنڌ جي نوجوانن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ پوليس جا درندا هٿڪڙيون کڻي اچي وڌيا ان وقت اوهان مغلن جي ڪڌڙن غلامن وانگر سنڌي نوجوانن جي گهرن جا در ڏيکاريا. ۽ جنهن وقت سنڌ جو عوام اٽي ۽ کنڊ جي پاءُ لاءِ حيران هو. ان وقت اوهان ٽريڪٽرن، ٽرڪن، سئنيمائن ۽ ڪارن جون پرمٽون ورتيون. اها سنڌ دشمني آهي يا سنڌ دوستي؟ ڪاش! اوهان شاهه جي پيغام تي عمل ڪريو ۽ حاڪمن جي درن تي جهڪڻ بجاءِ سنڌ جي حقن لاءِ لڙندڙ هٿين خالي عاشقن جو ساٿ ڏيو.

جي تو الڪو ڪنڊ، تون ڇا وڙهندي وڃ،
تنهنجي رت ۾ تيغ نـا هي منهنجي مـاءُ جي.

سٽين ڳالهه: جا آخر ۾ ڪرڻ چاهيان ٿو سا شاهه لطيف جي پيغام کان اسان نوجوانن کي واقف ڪرائيندڙ محترم جي- ايم سيد جي متعلق آهي.

پيرزادي صاحب تازو يحيٰ خان کي آزاد ڪرڻ وقت اعلان ڪيو آهي ته اسان يحيٰ خان کي آزاد ڪري رهيا آهيون، ڇو ته مقرر وقت کان پوءِ اسان کنهن کي به D. P. R. تحت نظربند رکي نه ٿا سگهون.

آءٌ پيرزادي کان پڇڻ چاهيان ٿو ته يحيٰ خان، وزيراعظم جي چوڻ مطابق، اردو اخبارن جي لکڻ موافق، پنجابي پناهگير سياستدانن

جي خيال پٽاندر ۽ پاڪستاني فوج جي يقين موجب پاڪستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪندڙ آهيا اوهان جڏهن پاڪستان جي دشمن يحيٰ خان کي آزاد ڪري سگهو ٿا ته پوءِ شاهه لطيف جي پيغامبر جي- ايم سيد کي ڇو قيد رکيو ويٺا آهيو؟ جڏهن ته اوهان سنڌي آهيو ۽ دعوي ٿا ڪريو ته اوهان سنڌين جي خدمت ڪرڻ ٿا چاهيو.

درحقيقت اوهان کي سيد جو قيد ۾ رهڻ ته پسند ٿي نه هنجي ... ته جي- ايم سيد مظلوم سنڌ جي ڏکويل انسانن جي دلين جو ... جي- ايم سيد سنڌ جي تاريخ جو ترجمان آهي.

سيد سنڌ جي ماضي جو محافظ، حال جو رهبر ۽ روشن مستقبل جي ضمانت آهي. ماڻهو چون ٿا ته جي- ايم سيد اڄ ڏينهن تائين وڪاڻو نه هي پر آءٌ چوندو آهيان ته دنيا جي ڪارخاني ۾ اڄ ڏينهن تائين اهڙو ڪو سڪو تيار ٿي نه ٿيو آهي جيڪو سيد جي پيرن جي پٽي جي قيمت ادا ڪري سگهي. ماڻهو چون ٿا ته سيد ڪڏهن غافل نه ٿيو آهي. آءٌ چوندو آهيان ته سيد غافلن کي ننڊ مان اٿارڻ آيو آهي. ماڻهو چون ٿا ته سيد ڪڏهن جهڪيو ناهي پر آءٌ چوندو آهيان ته هو جهڪڻ لاءِ نه پر ظالمن ۽ جابرن کي جهڪائڻ لاءِ پيدا ٿيو آهي.

جناح صاحب، سيد کي نظر بند ڪري ڪراچي ڏار ڪئي. لياقت علي سيد کي جيل ۾ وجهي پناهگيرن کي آباد ڪيو. کهڙي، سيد کي جيل ۾ وجهي ون يونٽ ٺاهيو. ايوب، سيد کي قيد ڪري پنجابي آباد ڪيا. يحيٰ خان سيد کي زنجير وجهي سنڌ جي تحريڪ آزادي کي ڌڪ هنيو. ڀٽي سيد کي ڪارين ڪوٺين ۾ بند ڪري بهاري گهرايا. ليڪن ڇا اهي سڀ سيد کي جهڪائي سگهيا؟

لياقت علي گوليءَ جو شڪار ٿي ويو، کهڙو تاريخ جي ڦاسي گهاٽ تي ٽنگيو پيو آهي. ايوب خان ڪجهه وقت گمنام رهي فنا ٿي ويو. يحيٰ خان تي لعنت جو وسڪارو آهي ۽ لڪڻ جي جاءِ ڪانه ٿي لڀيس. ڀٽو صاحب به هڪ مقرر مستقبل ڏانهن تڪڙو وڌي

رهيو آهي. پر جي- اهو سيد اڄ به سنڌ جي سرحد تي هماليه جيان اڏول بيٺو آهي. اهو وقت پري نه آهي جڏهن سيد جي اميدن جو جهنڊو رني ڪوٽ جي قلعي تي جهولندو نظر ايندو.

اچو ته عزم ڪريون ته شاهه لطيف جي هن سچي عاشق سائين جي- اهو سيد جيڪو پيغام ڏنو آهي تنهن کي سنڌ جي ٻاڙي ٻاڙيءَ تي پنهنجي رت سان روشن ڪريون.

جيئي سنڌ، جيئي شاهه، جيئي سيد.

آيت آيت ٻيتن ۾

١٨ آگسٽ ١٩٧٤ع تي شهداد پور ضلعي سانگهڙ ۾ "يوم لطيف" جي موقعي تي ڪيل تقرير

اها سانگهڙ ڪتي آهي جنهن جي نالي ٻڌڻ سان لمبرڪ ۽ آئوتسرام جي ڏاڍن جهڙين هڏيون سندن قبرن ۾ ڪڙڪات ڪنديون محسوس ٿينديون هيون. انهيءَ سانگهڙ کي اڄ ٠آءَ لطيف جي پيغام جي ڏياٽين جي روشنيءَ ۾ ڳولڻ آيو آهيان. شايد انهيءَ سانگهڙ کي نشو ڪارائي سمهاريو ويو آهي. ليڪن مونکي يقين آهي ته اها سانگهڙ وري ڪنهن الڙ ڇوڪريءَ وانگر آرس ڀڃي اٿندي، پوءِ سگهيءَ جي پيلي ۾ ڪنهن فوجي بوٽ جو نشان نه هوندو.

جناب صدر، نوجوان ساٿيو، لطيف جا وارثو- جيئي سنڌ.

آءٌ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن شهدادپور جو نهايت ٿورائتو آهيان. جنهن مونکي لطيف جي ورسيءَ تي سنڌس حضور عقيدت پيش ڪرڻ جو موقعو عنايت ڪيو آهي. هن جاءِ تي ساٿين جو ايڏو وڏو اجتماع ڏسي آءٌ ڏاڍو خوش ٿيو آهيان. انهيءَ خوشيءَ جا ٻه سبب آهن.

پهريون. دنيا جي شايد ئي ڪنهن شاعر جي ورسيءَ تي هيترا ساٿي گڏ ٿيندا هجن. ڪجهه وقت اڳ ايراني سينٽر طرفان ڊاڪٽر اقبال جي ورسي ملهائي ويئي هئي. انهيءَ ورسي جي جلسي گاهه جي چوڌاري مسلح پوليس وارا بيٺل هئا ته جيئن جلسي ۾ گڙٻڙ پيدا نه ٿئي. جلسي جي صدارت سنڌ جو مشهور مورخ سيد حسام الدين راشدي ڪري رهيو هو. جڏهن آءٌ پنهنجي هڪ دوست سان گڏجي پير صاحب جا خيالات ٻڌڻ ويس ته دروازي تي بيٺل پوليس واري اسان کي اندر وڃڻ کان روڪي ڇڏيو. مون پنهنجي دوست کي چيو ته اهو شخص پاڪستان جو قومي شاعر ڪهڙي ريت ٿي سگهي ٿو جنهن جي ورسي بندوقن جي ڇانو هيٺ ملهائجي رهي هجي؟ پر ڪاش اڄ ڪوئي اقبال جي وارثن ۾ اِن جي ورسي ملهائيندڙن کي وٺي اچي سنڌ جي قومي شاعر جي ورسي ڏيکاري ته ڪيتان ڪان ساٿي ڪهي آچي لطيفي لات جي خوشبوءِ چکڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن. جڻ ته ماکيءَ جون سکيون آهن ڪي ڪنهن ٿيءَ رس چوسڻ لاءِ اچي گڏ ٿيون آهن يا ڪنهن شمع تي پتنگن پهه ڪيو آهي.

ٻيو: آءٌ هت اسٽيج تي ويهي جڏهن سامهون نهاريان ٿو ته اوهان جي پتڪن جو نظارو نه معلوم منهنجي دل ۾ ڪهڙو ولوڙ پيدا ڪري رهيو آهي، جنهن کي آءٌ لفظن جو ڪو به صحيح روپ ڏيئي نٿو سگهان. اوهان جا پٽڪا ڏسي ائين ٿو محسوس ٿئي جڻ گلاب جي گلن جي

هار ۾ موتيءَ جا گل، يا پاڻ اونداهي رات ۾ روشن تارا، يا مارئيءَ جي پليٽ ۾ ڪنيين جون قطارون، يا حفيظ قريشيءَ جي لفظن ۾ ڦٽين جو فصل. اوهان جي انهن ٽڪن سان سنڌ جي تاريخ جي ڪهاڻي وابسته آهي. اوهان جي انهن ٽڪن جي ور ور ۾ شاهه لطيف جي شعرن جون مصرعون شامل آهن. اوهان جي ٽڪي جي هر وڪڙ تي سنڌ جي تاريخ جو ورق لکيل آهي. اهو ٽڪو سنڌ جي سلامتيءَ جي نشاني ۽ سنڌ جي تهذيب جي بقا جو اهڃاڻ آهي. هر دور ۾ حملي آورن جي اها ڪوشش رهي آهي ته هو ڪنهن طرح اوهان جي ٽڪي کي لاهڻ ۾ ڪامياب ٿين. تاريخ شاهد آهي ته يونانين سنڌ تي ڪاهيو ۽ اوهان جي اٽڪي لاهڻ جي ڪوشش ڪئي. ايراني آيا ۽ هنن اوهان جي ٽڪي تي هٿ وڌا. عرب سگهورا آيا ۽ هنن اوهان جي ٽڪي ٻاڻ هٿ چراند ڪئي. غزنوي آيا ۽ هنن توهان جي سفيد ٽڪي کي خاڪ آلود ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. ارغون آيا ۽ هنن اوهان جي ويڙهل خوبصورت ٽڪن تان ٽڪو لاهي ان جي عيوض چيٽ جو ڳاڙهو رومال ٻڌڻ لاءِ زور پرييو. ترخان آيا، انهن ٻه ٽڪي سان ڪونس ڪئي. مغلن اوهان جي ٽڪي کي ختم ڪري ان جي جاءِ تي مرزا غالب ڪٽ ٽوپيءَ عسڪي رواج ڏيڻ گهريو ۽ آخر ۾ انگريز سامراج به اڳين سامراجين جي نقش قدم تي عمل ڪيو. ليڪن اهي سڀ ڪامياب نه ٿيا. ٿي سگهيا ۽ اوهان پنهنجي ٽڪي جي حفاظت اهڙي ته بهادري، جرئت ۽ دليري سان ڪئي جهڙي طرح ڪو محب وطن انقلابي ويڙهاند ۾ وڙهندي پنهنجي جهنڊي جي حفاظت ڪندو آهي. اڄ به ڪن ڌارين سامراجي ايجنٽن ۽ پنهنجن غدارن جي اها ڪوشش آهي ته هو اوهان جي ٽڪن تان ٽڪو لاهي ان جي جاءِ تي رامپوري يا چيني ڪيپ پارائي اوهان کي پنهنجي ڌرتي تي ڌاريو بنائي ڇڏين. ليڪن مونکي اوهان جي خوبصورت اکين ۾ پيلاڻ جي فڪر جي جوت ائين جلندي محسوس ٿئي ٿي جيئن ڪنهن ڪنواريءَ جي اکين ۾ جوانيءَ جون ريکائون. انهي مان مونکي پڪ آهي ته اوهان تاريخ جي هر دور وانگر انهي تهذيبي ڌاڙي ۾ به ڌاڙيلن کي شڪست ڏيئي پنهنجي ٽڪي جو مان ٿئي

[illegible]

ڪندؤ. جو تہ اهو اوهان جي عزت جو نشان، اوهان جي غيرت جي علامت ۽ سنڌ جي وجود جي نشاني آهي. منهنجي خوشيءَ جو ٻيو سبب هي آهي تہ آءٌ اڄ ضلعي سانگهڙ ۾ لطيف جو پيغام پيش ڪري رهيو آهيان. سانگهڙ ڇا آهي؟ سانگهڙ دنيا جي جاگرافي جي نقشي ۾ ٻاڙهو ٽِڪو آهي. سانگهڙ جنگ آزادي جي تحريڪ ۾ مسلح جدوجهد جو نشان آهي. سانگهڙ برٽش سامراج خلاف باغيانہ للڪار ۽ انقلاب جو گيت آهي. سانگهڙ، سنڌين جي هٿ ۾ ظالم جو گلو ڪپيندڙ خنجر آهي. سانگهڙ جنهن سان سيد احمد شهيد ڪي وفادار ساٿي مليا. سانگهڙ جنهن جي ٻيلن ۾ ويهي بهادر سنڌين، انگريزي سامراج ۽ ان جي دلالن، چاپلوسن ۽ چمچن کي ٿوڻا چبايا. آءٌ اڄ بہ تصور جي ڪنن سان مکيءَ جي ٻيلي مان چٽندڙ گوليءَ جو آواز ٻڌي رهيو آهيان، جيڪا سنڌ تي غاصبانہ قبضو ڪندڙن جو هيئون چيري نيست و نابود ڪري رهي آهي. آءٌ اڄ بہ تصور جي اک سان رت جا اهي ڦڙا ڏسي رهيو آهيان جيڪي سنڌي حريت پسندن جي جسمن مان وهيا هئا ۽ مونکي ائين ٿو محسوس ٿئي تہ اهي ڦڙا ناهن پر مينهن وٺي ڪان پوءِ پالوا جي پٽ تي سينهن وسارڻ جي قطار آهي، يا ڪنهن خوبصورت هٿ تي ميندي جا چٽ، يا ڪنهن پرينءَ جي پيشاني تي ٻاڙها تلڪ، يا اونداهي ۾ ڏيئن جوان تسارون، يا خليفي نبي بخش جي ڪيڏاري جا ٻيت. سانگهڙ جا سدا ـ ييوا اوهان کي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌ جي خود مختياري جي تحريڪ هلائيندڙ جيئي سنڌ وارا اوهان جا دشمن آهن تہ ـ سوچيو اسان اوهان جا دشمن ڪيئن ٿا ٿي سگهون؟

اوهان سان دشمني معنيٰ سنڌ جي تحريڪ آزادي سان دشمني. اوهان سان دشمني معنيٰ اوهان جي رت سان روشن ٿيل ڏيئن سان دشمني. اوهان سان دشمني معنيٰ سنڌي قوم جي هڪ حصي سان دشمني. اسان جيئي سنڌ جي ادنيٰ ڪارڪنن جي حيثيت ۾ اعلان ٿا ڪريون تہ جڏهن مکيءَ جي ٻيلي ۾ ڪنهن فوجي بوٽ جي موجودگيءَ جو احساس ٿو پيدا ٿئي تہ ان وقت جڻ ڪنهن ڳوريون ڳوريون چيون اسان جي سينن تي رکي ڇڏيون هجن. اوهان کي جيڪا گولي لڳي

ٿي، ان جو نشان اسان پنهنجي هانءَ ۾ محسوس ڪريون ٿا. اوهان جي اڳڇيءَ ۾ جيڪو ڦندو وڌو ويجي ٿو ان جا وڏ اسان پنهنجي نڙ گهٽ ۾ محسوس ڪريون ٿا ۽ اوهان جي پير ۾ لڳندڙ ڪنڊي جو ڦٽ اسان پنهنجي دل ۾ محسوس ڪريون ٿا. پر اوهان ايترو ٻڌايو ته اها سانگهڙ ڪٿي آهي جنهن جي نالي ٻڌڻ سان لمبرڪ ۽ آئوترام جي ڏاڍن جون هڏيون سندن قبرن ۾ ڪڙڪات ڪنديون محسوس ٿينديون هيون. انهيءَ سانگهڙ ڪي اڄ آءَ لطيف جي پيغام جي ڏياٽين جي روشني ۾ ڳولڻ آيو آهيان. شايد انهيءَ سانگهڙ ڪي نشو ڪارائي سمهاريو ويو آهي. ليڪن مونکي يقين آهي ته اها سانگهڙ وري ڪنهن الڙ ڇوڪري وانگر آرس ڀڃي اٿندي ۽ پوءِ مڪيءَ جي ٻيلي ۾ ڪنهن فوجي بوٽ جو نشان نه هوندو. هن ڌرتيءَ جا اصلي وارث پنهنجي ماڳ موٽندا. لوڙهن جي جاين تي سنڌ جي حفاظت جا مورچا هوندا ۽ اهو دور لطيف جي پيغام تي مڪمل عمل جو دور هوندو. انهيءَ مختصر ڳالهه ٻول کان پوءِ آءَ شاهه لطيف جي شعري ۽ فڪر تي ڪجهه ڳالهائيندس.

پهرين ڳالهه: شاهه جي فڪر ۽ پيغام جا ٻه روپ آهن. هڪ سنڌ لاءِ ۽ ٻيو پوري دنيا لاءِ. سنڌ لاءِ هن جو پيغام قوم پرستي ۽ وطن دوستي وارو پيغام آهي. انهيءَ سلسلي ۾ هو ڪنهن به ٻاهرئين حملي ۽ مداخلت ڪي ذڪار ۽ نفرت جي نظر سان ڏسي ٿو. هن جي خيال ۾ سنڌ مڪمل طرح هڪ تاريخي ۽ جاگرافيائي سرحدون رکندڙ ملڪ آهي ۽ ان جا رهواسي هڪ قوم آهن. سنڌ تي حڪمراني ۽ سنڌ جي گذر معاش جي وسيلن تي پهريون ۽ آخري حق سنڌين جو ئي هئڻ گهرجي. شاهه، سر مارئي ۾ وطن دوستي جو جيڪو لازوال پيغام ڏنو آهي، ان ۾ حب وطن سان گڏوگڏ ٻاهرين حملن جي ڪري سنڌ جي ماڻهن جي جيڪا اقتصادي تباهي ٿي هئي تنهن شاهه لطيف جي جيءَ کي جهوري ڇڏيو ۽ هن انهيءَ اقتصادي تباهي جو زوردار نموني ذڪر ڪيو آهي. هو جڏهن ڏونرن، پيرن، پسين، پڪن، للرن، لنبن، سنگرن ۽ ڏٽ جو ذڪر ڪري ٿو ان وقت حقيقت ۾ هو رڙيون ڪري

[illegible]

بدائي ٿو ته منهنجا مارو، منهنجي وطن جا ماڻهو ۽ منهنجي ڌرتي جا سپاجهڙا ماڻهو اڄ ڪيئن ٿا اهي پيٽ تي مجبور آهن جو هُو هنن جي گذران جي وسيلن تي ڌارين ۽ غيرن قبضو ڪري ورتو آهي. نه ته هي به خوشحال ۽ ڪلندڙ هئا. هنن جي جسمن تي به ڪپڙا هئا. پر اڄ هنن کي خوشي ۽ خريد وسري وئي آهي ۽ هو ليڙون ليڙون پائڻ تي مجبور آهن. انهيءَ جو سبب طرف ڌارين جو تسلط ۽ قبضو آهي. پر انهيءَ غريبيءَ ۽ مسڪيني هوندي به سنڌين ڌارين زبان، ڌارين تهذيب ۽ ڌارين جي خوشامد ڪري خوشحالي وٺڻ بدران ڌارين سان عدم تعاون وارو جيڪو رويو اختيار ڪيو هو، تنهن ڪري شاهه جي سنڌ پنهنجن ماڻهن سان محبت جا ڪنول نسرڻ لڳا هئا ۽ هن وطن جي شاعر ۽ فلاسفر جي حيثيت ۾ پنهنجن ماڻهن لاءِ اهو چئي ٿو ته اوهين (ڪتيرا مون کي خوب وڻن ٿا) آءٌ اوهان سان محبت ڪريان ٿو، بجاءِ انهيءَ جي اوهين جيڪڏهن پنهنجي عزت آبرو ۽ غيرت نيلام ڪري ڌارين جا دلال بنجي، خوشحاليءَ جي زندگي گذاريندؤ ۽ ڌارين جي اهل ڪندو ته اوهان ۾ ۽ ليلان ۾ ڪو به فرق نه رهندو، جنهن سُٺي جي عيوض پنهنجي ڪانڌ و ڪنتيءَ ڇڏيو هو. پر انهيءَ جو مطلب اهو نه آهي ته شاهه صاحب سنڌين کي انهيءَ غلاميءَ ۽ ذلت جي زندگيءَ تي قناعت ڪري ويهي رهڻ جو سبق ڏنو آهي. هن انهيءَ زندگيءَ کي يڪسر تبديل ڪرڻ، ڪوٽ ڪيرائڻ ۽ ظلم جي پاڙ پٽڻ لاءِ پاڻ ۾ اتحاد ۽ ٻڌي پيدا ڪرڻ، پکين وانگر آزاد فضائن ۾ زندگي گهارڻ جو سبق ڏنو آهي. انسان کي پيرن سيري جال ۾ گهاريندي سنڌ جي مفادن تي سودي بازي نه ڪرڻ گهرجي ۽ حالتن کي تبديل ڪرڻ لاءِ ڪڏهن ماروئي وانگر عدم تعاون، ڪڏهن سسئيءَ وانگر جاکوڙ ۽ جد و جهد ۽ ڪڏهن راڻي وانگر دليري ۽ ڪڏهن مومل وانگر ايثار کان ڪم وٺڻ گهرجي. جيڪي ليڪ سياڻا ٿا هو شاهه جي انهيءَ پيغام جي تحريڪ هلندي سودي بازيون ڪري، حڪومت جا دلال بنجي به سنڌ اڳي وساري رکي ۽ سکي بجاءِ پرستون ولي ۽ سٽ رچيون، ڪائڻ جي تمنا ڪن ٿا ۽ وقت جي **عمرن** سان سمجهوتي بازي ڪن ٿا سي حقيقت ۾ شاهه جي

رسالي کي لتن هيٺان لتاڙڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ آهي پيا ٿيو جيڪي ڏکئي وقت تي پنهنجن گهرن ۾ ائين لڪن ٿا جيئن مشرق جي ڪنواري ڇوڪري پنهنجو ڳاٽ لڪائي، سي شاهه جي معيار مطابق غلط، بزدل ۽ گيدي آهن.

شاهه سنڌ جي نوجوانن کي پٽڪا چيلهين سان ٻڌي جڏهن نادرشاهي لشڪر سان ورهندي ڏٺو آهي، ان وقت خوشي ۾ ائين پرجي ويو آهي جيئن واريءَ جو هرڻ ٻلو جي پاڻي کي ڏسي خوش ٿيندو آهي. ۽ سنڌي نوجوانن جي خصوصيت ۽ خوبي جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته:

ڪاري ڪڪر هيٺ، مون جهيڙيندي ڇڏيا،
ڪارا ڪندا هٿن ۾ اڙيل وڇيرا هيٺ،
تني تنين سين ڏيٺ، موٽن جنين مهٽ.

۽ جڏهن سنڌ جي نوجوانن کي هو جنگ ڪندي ڏٺو آهي، انهي وقت جيئن هڪ جرنيل پنهنجن سپاهين کي اپاري ٿيڻ ۽ پاريندي آ چوي ٿو:

سورهيه پمون سويب، ڪين ته دل جا وهم وسار.

سون کي انهن ماڻهن تي حيرت ۽ ڪاوڙ ايندي آهي جيڪي سنڌي نوجوانن کي انهن جي ڪنهن جرئتمندانه فيصلي ۽ ڪم تي خراج تحسين پيش ڪرڻ بجاءِ (سنڌ جا ويري) سڏيندا آهن. اهڙن ماڻهن کي شاهه جي پيغام جي نياءِ ته پروڙ ڪانهي پا لڙم لفظي مصلحت پسندي جو شڪار آهن.

ٻي ڳالهه: قوم پرستي ۽ وطن دوستي جي راهه ۾ جيڪي رڪاوٽون هيون، شاهه صاحب تن کي ۽ ختم ڪندو هليو آهي. انهن جي خيال ۾ مذهبي ڇڪتاڻ جيڪا بعض مولوين جي طرفان پيدا ڪئي ويئي هئي، سا سنڌ جي قوم پرستي جي راهه ۾ رڪاوٽ بڻجي سگهي ٿي. انهي ڪري شاهه صاحب ٻڌايو ته اصلي شيءِ آهي سونهن ۽ سچ جي تلاش ۽ حاصلات. پوءِ اها ڪهڙي طريقي سان به ٿئي. پرواني کي شمع گهرجي پوءِ اها

مسجد جي هجي يا مندر جي، عشق کي حسن گهرجي پوءِ اهو ڪنهن جي سرمگين نگاهه ۾ هجي يا ڪنهن جي مڱڙي مرڪ ۾. فضائن ۾ ڪرڻن جي لڪ لڪوٽي ۾ هجي يا ڪنهن معصوم جي خوابيده مشڪ ۾. بهرحال حسن آهي. انهيءَ ڪري شاهه صاحب چيو ته

هڪ قصر در لک ڪوڙين ڪٿس ڳڙ ڪيون،
جيڏانهن ڪريان پرڪ تيڏانهن سڄڻ سامهون.

يا سامين جو ذڪر ڪندي چوي ٿو ته

سچا ساسي سچو سامين پنڌ،
هوت انهيءَ هنڌ پر هنن ڏنو هنگلاج ۾.

شاهه صاحب وٽ اهي سڀ شيون ٻئي درجي جون هيون، اول ۽ اصل سنڌ ۽ سنڌي هئا.

ڏين ڳالهه. شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ شهرن جي ڀيٽ ۾ ڀهراڙين کي وڌيڪ ڳايو ۽ ساراهيو آهي. انهيءَ جو ڪارڻ هي آهي ته شاهه جي دور ۾ سنڌ جي غلام ٿيڻ جو خطرو هر وقت موجود هو. جڏهن ٻه ڪا قوم سياسي طرح غلام بنجي ويندي آهي ان وقت تهذيب ۽ ثقافت جي حفاظت انهيءَ قوم جي آزادي جو رستو صاف ڪندي آهي. شهرن ۾ ڪنهن ٻه قوم جو ڪلچر خالص ۽ نبار نٿو رهي سگهي ۽ نه ئي زبان نج رهي ٿي. انهيءَ ڪري شاهه صاحب پنهنجي شاعريءَ ۾ ڀهراڙين کي وڌيڪ اهميت ڏني آهي جتي سنڌ جو صحيح ڪلچر ۽ خالص زبان موجود هئي. تا ته خدا نه خواسته سنڌ جيڪڏهن ڪنهن ڏکئي دور ۾ داخل ٿئي ته اهو ڀهراڙي جو ڪلچر ۽ زبان سنڌ جي وجود ۽ بقا جو نشان بنجي. ٻيو ته شهرن جا ماڻهو اڪثر بزدل ۽ ڳيدي ٿيندا آهن. هو پنهنجي جان ۽ مال جي حفاظت جو ذمو ٻه پوليس تي وجهندا آهن. برخلاف ان جي ڀهراڙي جا ماڻهو بهادر ۽ دلير ٿيندا آهن، جيڪي پنهنجي هر شيءِ جي حفاظت پاڻ ڪندا آهن. انهيءَ ڪري شاهه صاحب کي ٿتي جي مدرسي ۾ ڪابه ڪشش محسوس ڪانه ٿي، پر ننگر پارڪر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ سان هن جي دل اٽڪي پئجي

ويئي جيئن چانڊوڪي رات ۾ ڪنهن جي سنڙي سرڪ پياسي دل ۾ پيار جو پيوند وجهي ڇڏي.

چوٿين ڳالهه. شاهه صاحب پنهنجي رسالي ۾ جيڪي مکيه ڳالهيون بيان ڪيون آهن، سي آهن، حب الوطني، بهادري ۽ جدوجهد. انهن ڳالهين لاءِ هن وڏن ماڻهن، پئسي وارن، دولتمندن ۽ جاگيردارن جا ڪردار ڪتب نه آندا آهن ۽ نه ئي حڪمران چونڊيا اٿس. پر غريب ۽ مسڪين هيرا چونڊيا اٿس. جيئن ته بهادري لاءِ سنڌ ۾ مها راجا ڏاهر، دودو سومرو ۽ دولهه دريا خان به هئا. پر شاهه بهادري لاءِ مورڙي ميربحر، حب الوطني لاءِ مارئي ۽ جدوجهد لاءِ سسئي جو ڪردار چونڊيو.

انهيءَ مان معلوم ٿيو ته شاهه جي نظر ۾ انقلاب جا سرچشما غريب ئي آهن. هنن جي محبت به پاڪ ۽ نفرت به صاف. جنهن ۾ ڪنهن لالچ، لوڀ، ٺڳي، دوکي ۽ دولاب جي ڪا به گنجائش ڪانهي. برخلاف انهيءَ جي وڏن ماڻهن ڪي ڪي لاڀ ۽ مصلحتون به ٿين ٿيون. پر انهيءَ جو اهو مطلب هرگز نه آهي ته شاهه صاحب جي نظر ۾ وڏن ماڻهن جي چڱاين ۽ خوبين کي ڪا به اهميت نه آهي. ۽ هروڀرو چڱائي ورثو ئي ننڍي ڪلاس جو آهي. هن غريبن سان گڏ راڻي مينڌري وزير، راءِ ڏياچ بادشاهه، لاکي ڦلاڻي مالدار، ڄام جکري واليءَ رياست ۽ ڄام ڏاتار کي به امر بنائي ڇڏيو آهي. حقيقت هي آهي جيئن مون اڳ ۾ چيو ته شاهه جي نظر ۾ چڱائي ۽ سچائي اهم آهي، پوءِ اها ڪنهن جي طرفان به هجي هو ان کي نظرانداز ڪرڻ لاءِ ڪنهن به صورت ۾ تيار نه آهي.

پنجين ڳالهه. شاهه سنڌ جي هاري جي خوشحالي چاهيندڙ هو. هن جي دل ۾ سنڌ جي هاري ۽ مالوند ماڻهوءَ جي غريبي ۽ مسڪيني ڏسي وڏ پئجي ويندا هئا ۽ جيڪي ماڻهو انهن کي ڦريندا ۽ لٽيندا هئا تن لاءِ انتهائي ڌڪار ۽ نفرت جو اظهار ڪيو اٿس ۽ "ڌڪاريا ڏيهه مان سوڏي شال مرن" اهڙن ئي ماڻهن لاءِ چيو اٿس.

جڏهن سنڌ جي آسمان تي ڪاريون ڪڪريون ڪر ڪڍي ايندڙ ٿيون آهن. يا سرنهن جي نشيلن نيڻن وانگر ترورا ٿيا آهن. ۽ جڏهن ڏرتيءَ جو تاڙي جي تنوار ٻڌي اٿس، انهيءَ وقت نهايت سرهائي محسوس ڪئي اٿس ۽ بي اختيار چوڻ لڳو آهي ته

اڄ پڻ اُتر پار ڏي تاڙي ڪئي تنوار،
هارين هر سنباهيا سرها ٿيا سنگهار،
اڄ پڻ منهنجي يار وسڻ جا ويس ڪيا.

اڄ پڻ اتر پار ڏي ڪڪريون ڪاريون،
وسي ٿيو وڏ ڦڙو ٿڪن ٿيون تاريون،
لٽن لڪ لطيف چئي، ڏايون ڏاساريون،
پچنديون پٽاريون وري وٿاڻ آيون.

اڄ ڪي ماڻهو اسان تي الزام تراشي ڪن ٿا ته اسان هاري جي خلاف آهيون. آءٌ انهن کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو، هاري شاهه جي رسالي جي ورقن جي زينت آهي. هاري سنڌ جي سونهن ۽ ساهه آهي. اسان انهيءَ هاري ۽ سان ڪيئن ٿا ڪيائي ڪنداسين؟

جڏهن اسان سنڌي قوم جي ڳالهه ڪريون ٿا ته ان وقت اسان هارين، مزدورن، شاگردن، استادن، اديبن ۽ وڏيرن سڀني جي ڳالهه ڪريون ٿا. پر اصل ۾ اها غريبن جي خوشحالي جي ڳالهه آهي، ڇو ته قوم جو اڪثر حصو غريب ۽ ڏتڙيل آهي. جڏهن پوري سنڌي قوم خوشحال هوندي ته ان ۾ هاري به خوشحال هوندو. بابا سائين شاهه جي سنڌ جي باري ۾ فڪر جي هڪ جهلڪ باقي دنيا جي لاءِ شاهه جو پيغام ٽن ڳالهين جو حاصل آهي: (۱) امن عالم (۲) اتحاد (۳) ترقي. شاهه صاحب اصل ۾ انسانيت جي باهمي ميلاپ جو مبلغ ۽ داعي آهي. هو ساري دنيا جي خوشحالي ۽ عالم جي آبادي جو دعاگو آهي. هن وٽ رنگ ۽ نسل جي بنياد تي يا مذهب ۽ ڌرم جي سبب ڪري انسانيت ۾ تفريق ۽ اختلاف پيدا ڪرڻ نامناسب آهي. ليڪن انسانيت جي خوشحالي ۽ اتحاد ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ حاڪمن، فوجي

جرنيلن ۽ مذهبي اڳواڻن جو جنگي جنون آهي. انهيءَ ڪري شاهه صاحب امن کي تمام ضروري ٿو سمجهي، جو ته سندس نظر ۾ انسانيت جي تباهي جو ڪارڻ جنگيون ئي آهن. پوءِ اهي ڪهڙي به مقدس نالي سان ڇو نه وڙهيون وڃن. امن ئي هڪ اهڙي شيءِ آهي جنهن جي ذريعي انسانيت جي ترقي، اتحاد، خوشحالي، تهذيبي واڌاري ۽ علمي ڪاوشن لاءِ راهه هموار ٿي سگهي ٿي. اُبين ڪٿي چئجي ته شاهه صاحب ملڪن جو هڪٻئي تي حملو ڪنهن به صورت ۾ جائز ٺهرائڻ لاءِ تيار نه آهي. ليڪن هتي هڪ ڳالهه جي وضاحت ضروري ٿو سمجهان ته جنگ ۽ مسلح جدوجهد ۾ بنيادي فرق آهي.

جنگ ٻن ملڪن جي وچ ۾ ٿيندي آهي. ۽ مسلح جدوجهد ڦورو، ڌاڙيل، غاصب ۽ ظالم حاڪمن جي خلاف. جنگ غلط ۽ نقصانڪار. آزادي لاءِ مسلح جدوجهد صحيح ۽ فائديمند.

شاهه صاحب جنگ جو مخالف ۽ آزادي لاءِ مسلح جدوجهد [illegible] جو حامي آهي. جو ته سندس نظر ۾ جنگ سان ملڪ فتح ۽ ماڻهو غلام [illegible] ٿيندا آهن ۽ مسلح جدوجهد سان ملڪ پاڻ پرا ۽ ماڻهو آزاد ٿيندا آهن. شاهه صاحب غلاميءَ جو مخالف ۽ آزادي جو حامي آهي. هو نه پاڻ غلام ٿيڻ لاءِ تيار آهي ۽ نه ڪنهن کي غلام بنائڻ لاءِ آماده. مون [illegible] کي احساس آهي ته اڄ جي محفل ۾ آءٌ توهان جي جذبات کي پڙڪائڻ [illegible] واري تقرير نه پيو ڪريان. جنهن جي شايد ڪيترن دوستن کي توقع [illegible] هئي پر مونکي افسوس آهي جو اڄ آءٌ سندن اميد پوري نه ڪري سگهيو آهيان. جو ته اسان اليڪشني طرز جا ماڻهو نه آهيون ۽ نه ئي [illegible] وري ڪڏهن اوهان کي اسان اهو چيو آهي ته فلاڻي ليڊر تي اعتبار ڪري ڪيس ووٽ ڏيو. اسان اوهين ڄاڻيو ٿا ته ڪيئن جا مالڪ پنهنجي وينداءُ. [illegible] اسان هميشه اهو چيو آهي ته پنهنجي تقدير جا مالڪ اوهان پاڻ آهيو. پنهنجي عزتن جا رکوالا اوهان پاڻ آهيو. سنڌ جي سرحدن جا محافظ اوهان ٿيندا آهيو.

اسان خطري جي هر موڙ تي اوهان جي مستقبل سان هٿ چراند ڪندڙ سازشن ۽ تڪين کان اوهان کي خبردار پئي

ڪيو آهي. ون يونٽ جي ٽهڻ کان وٺي ڊهڻ تائين جيڪي به مصيبتون اوهان تي ڪڙن وانگر وسنديون رهيون. انهيءَ پوري عرصي ۾ اسان جا ساٿي، اوهان جا دوست ۽ اوهان جا پڇا جيلن ۾ هئا. ٻوليءَ جي فسادن وقت جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي سزائون ڏنيون ويون. اسان جي ساٿين انهن مصيبتن جو مقابلو ڪيو. ليڪن اليڪشن جي وقت ووٽ وٺڻ اوهان وٽ (جيئي سنڌ) وارا نه پر ذوالفقارعلي ڀٽو ۽ ڄام صادق علي آيا. اڄ ووٽن جو وقت نه آهي ته به جيئي سنڌ وارا اوهان وٽ آهن. اوهان سان گڏ آهن. ۽ اوهان جي دلين جي آواز جي ترجماني ڪري رهيا آهن. آءٌ جڏهن ڳالهايان پيو، ان وقت اوهان جي ڌڪبندڙ مهانڌن مان محسوس ڪريان ٿو ته جيڪي ڪجهه اوهان جي دلين ۾ آهي سو ئي منهنجي زبان تي آهي. ڪاش مون وٽ اهڙو ڪو آلو هجي جو آءٌ اوهان جي دلين جي آواز کي ان جي ذريعي وقت جي چنگيزصفت غاصبن جي دلين ۾ لاهي سگهان. تاهم آءٌ ڪوشش ڪري رهيو آهيان، جيئن شاهه جي پيغام کي گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي فضائن جي ذري ذري ۾ پکيڙيان. سنڌ جو واهڻ واهڻ اَن سان واسجي اٿي. سنڌ، لطيف جي سنڌ، برصغير جي ماڻهن کي ڇا ڇا نه ڏنو؟ سنڌ برصغير کي مهاراجا ڏاهر ۽ ڄام نظام الدين جهڙا حاڪم دودي ۽ دريا خان جهڙا دلير، هوشو شهيد، حضرت پير صاحب صبغت الله شاهه ۽ هيمون ڪالاڻي جهڙا بهادر ۽ بلوان، شيخ عبدالمجيد سنڌي، شهيد الهه بخش سومري، جي-ايم سيد، چوئترام گدواڻي، اچار ڪرپلاڻي ۽ حيدر بخش جتوئي جهڙا سياستدان، شاهه لطيف ۽ سچل جهڙا شاعر، ادب ۽ فن جو ذخيرو، ڪراچي جهڙو شهر ۽ بندرگاهه، دنيا جي بهترين ڪڻڪ ۽ ڪپهه ڏنو. پر ان جي عيوض سنڌ کي ڇا مليو؟ بک، بيروزگاري، غلامي، پنجابين جا حقا، پناهگيرن جا ڌڪا، اقتصادي بدحالي، مالي پريشاني، ثقافتي جارحيت، پنهنجن ڪوئڙن جو قتل، شاهه جي رسالي جو سڙڻ، ڌارين سامراجي ٻولي ۽ بناسپتي قوميت.

دوستو شاهہ اهڙي سنڌ جي تمنا نہ ڪئي هئي. شاهہ جي سنڌ اڃا حاصل نہ ٿي آهي. اٿو همت ڪريو. وقت جي رفتار سست ٿوبن جو سات ڪڏهن نہ ڏيندي آهي. ۽ نہ ئي قانون فطرت جو وهڪرو ڪنهن جو انتظار ڪري سگهي ٿو. اهي لفظ چئي آءٌ پنهنجي جاءِ تو وڃان. ـــ جيئي سنڌ.

* * *

عدالت

٧ آگسٽ ١٩٧٤ع تي شهيد عبدالرزاق سومري جي ورسي تي موري ۾ ڪيل تقرير

دنيا جون سڀ کان وڏيون نا انصافيون ميدان جنگ سان پوءِ عدالت جي ڪٽهڙي ۾ ٿيون آهن. عدالت جي ڪٽهڙي ۾ اسان کي خوني به نظر اچي ٿو ته يسوع مسيح به بيٺل نظر اچي ٿو. عدالت جي ڪٽهڙي ۾ اسان کي سلطانه ڌاڙو به نظر اچي ٿو ته مهاتما گانڌي به نظر اچي ٿو. عدالت جي ڪٽهڙي ۾ اسان کي ٻل ماڇي به نظر اچي ٿو ته جي- ايم سيد به نظر اچي ٿو. اها تاريخ جي سڀ کان وڏي ناانصافي آهي.

"تون پوپون جهونو پت جهڙ جو" مان سرهو گيت بهارن جو،
تون گندو ڪيڙو نالي ۽ جو، مان ساٿي چنڊ ستارن جو.

جناب صدر، قريشي صاحب، سائين محمد سليمان ۽ نوجوان ساٿيو
جيئي سنڌ —

مونکان اڳ ۾ ڪافي ڪجهه تقريرون ٿيون آهن. جن ۾ جوش، جذبو ۽ ولولو هو. سنڌ ڪئي سر ڏيڻ جي اپيل هئي. وڄن جو چمڪاٽ هو ۽ ڪڪرن جي گڙگڙاٽ جو گوڙ ۽ شور هو. انهن تقريرن جي موجودگي ۾ مون پنهنجي ضرورت نٿي سمجهي. ليڪن دوستن جي اصرار تي ڪجهه ڳالهائي رهيو آهيان.

هڪ ڳالهه جي وضاحت ضروري ٿو سمجهان ته هن اسٽيج تي شهيد عبدالرزاق جي مزار جي سامهون ۽ جي-ايم- سيد جي فرزند جي موجودگي ۾ اهڙي ڳالهه ڪندس جنهن جي هر لفظ، هر سٽ، هر جملي ۽ هر حرف جو آءُ هن اسٽيج تي، جيل جي ڪوٺي ۽ ڦاسي جي ڦاس تي، ذميوار هوندس. مونکان اهڙي ڳالهه نه ٿيندي جنهن جي ذميواري قبول ڪرڻ کان آءُ اڳتي هلي انڪار ڪريان. ۽ نه ئي توهان جي رت کي گرمائڻ، ٽهڪائڻ ۽ جوش جولان ڏيارڻ واري ڳالهه مونکان پڄندي. هتي آءُ صرف ٻه ڳالهيون پيش ڪرڻ چاهيان ٿو.

صدر محترم:

(۱) پاڪستان جي تاريخ جا ٻه دور آهن. هڪ دور چوڏهين آگسٽ ۱۹۴۷ع کان شروع ٿيو ۽ ۱۶ ڊسمبر ۱۹۷۱ع جي شام جو بنگال جي مظلوم انسان جي هٿ جي ڇري ۽ ان کي ٻه اڌ ڪري ڇڏيو. ٻيو دور ۱۹۷۱ع کان شروع ٿيو آهي ۽ اڃا تائين جاري آهي. اڳتي هلي ڇا ٿو ٿئي تنهن جي باري ۾ آءُ ڪجهه چئي نٿو سگهان. اڄ جي

جديد اصلاح، جديد اخباري زبان ۽ جديد تاريخ ۾ پاڪستان جي
پهرئين دور کي پراڻو پاڪستان ۽ ٻئي کي نئون پاڪستان چيو وڃي
ٿو. پراڻي پاڪستان جي تاريخ جا هيرا جناح صاحب، لياقت علي،
ناظم الدين، غلام محمد، اسڪندر مرزا، ايوب خان ۽ يحيٰ خان آهن.
پوءِ خود ساخته ٿي سهي. نئين پاڪستان جي تاريخ جو اڃا تائين ته
صرف هڪ ئي هيرو آهي ۽ اهو آهي ذوالفقار علي ڀٽو. آئينده لاءِ
ڪير ٿو هيرو بڻجي، ڪير ٿو اسٽيج تي اچي ۽ ڪير ٿو تاريخ جي
ڊرامي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سو اڃا تائين مستقبل جي پردي
۾ لڪل آهي. ان جو انتظار ڪريو.

قريشي صاحب: پراڻي پاڪستان جي تاريخ ۾ جناح کان وٺي
يحيٰ خان تائين اسانجون زمينون محفوظ نه هيون جناح کانوٺي يحيٰ خان
تائين اسانجا دڪان محفوظ نه هئا. جناح کانوٺي يحيٰ خان تائين
اسانجون نوڪريون محفوظ نه هيون. جناح کان وٺي يحيٰ خان تائين
اسانجي زبان محفوظ نه هئي. جناح کان وٺي يحيٰ خان تائين اسانجي
ثقافت محفوظ نه هئي. جناح کان وٺي يحيٰ خان تائين اسانجي تعليم
محفوظ ڪانه هئي. ليڪن نئين پاڪستان ۾ اسانجي جان به محفوظ نه آهي.

پراڻي پاڪستان اسان کان عبدالرزاق سومرو نه ڦريو. پراڻي
پاڪستان اسانکان بشير احمد تنيو نه ڦريو. پراڻي پاڪستان اسانکان
عبدالقادر هاليپوٽو نه ڦريو. پراڻي پاڪستان اسانکان محمد شاهه
ٽنڊي حيدر وارو نه ڦريو. پراڻي پاڪستان اسانکان ڪراچيءَ جو جڏ گال
۽ گبول نه ڦريو. ٽنڊي الهيار جو ڳٽرا گترا ٿيل لاشاري نئين پاڪستان
جو تحفو آهي. پراڻي پاڪستان سنڌي مزورن تي ڪارخانن جا دروازا
ته بند ڪيا، ليڪن سنڌي مزدورن تي گولي نه هلائي. ليڪن نئين
پاڪستان، ذوالفقارعلي ڀٽي جي پاڪستان، اسانکان ايترا سارا ڪونڌر
کسيا آهن. پراڻي پاڪستان جي تاريخ ۾ اسانجي سامهون هڪ بلو
شهيد آيو آهي. هڪ ڪونڌر اسان کان کسيو ويو هو. ليڪن نئين
پاڪستان نه معلوم ڪيترا ڪونڌر کسيا آهن. نه معلوم ڪيترن مائن
جي اکين جو نور ڦري ورتو آهي. نه معلوم ڪيترن پيئرن جي پوڙهپ

جي سهاري جون لئيون ڦري ورتيون آهن. نہ معلوم ڪيترين ڀينرن جون آسون ٽوڙي ڇڏيون آهن. ۽ نہ معلوم اڃا ڪيترا جوان ڦرڻ جو ارادو رکي ٿو. اسانجو هڪ تمام قابل احترام شخص چوندو آهي تہ پٺي جي مخالفت نہ ڪريو نہ تہ مليٽري جنتا اينديتہ ماري ڇڏيندي.

آءٌ انهيءَ بزرگ کي عرض ڪندس تہ مليٽري جنتا ايندي اها بہ اسانکان ڪو عبدالرزاق ڦريندي ۽ پٺو جنتا بہ عبدالرزاق ڦري ٿي. فرق ڪهڙو رهيو؟ البت تيرهن سالن جي مليٽري جنتا جي دور ۾ هڪ شهيد ٿيو بلو پنهور. ۽ پٺو جنتا جي ٻن سالن ۾ ايترا تہ سنڌي شهيد ڪيا ويا آهن جن جو ڪاٿو ئي ڪونهي. انهيءَ ڪري اهو سون ئي گهوريو جيڪو ڪن چيني. اهو سنڌي اسانکي کپي ئي نہ جنهن جي دور ۾ اسانجي جان محفوظ نہ هجي.

صدر محترم، گذريل سال سون هن جاءِ تي هڪ جملو ڳالهايو هو تہ قانون ڪوريئڙي جي ڄار آهي. جيڪا مڇر کي ڦاسائي ٿي ليڪن ڏبو ان کي ٽوڙي هليو وڃي ٿو. ان ڪري عبدالرزاق جا قاتل جيڪڏهن اثر رسوخ جي ڪري قانوني ورن وڪڙن مان نڪري ويا آهن ليڪن حڪومت انهن کي ضرور سزا ڏئي. منهنجي انهيءَ چوڻ تي صدر جلسي چيو هو تہ ائين نہ چوڻ گهرجي ڇو تہ اها عدالت جي توهين آهي. اڄ آءٌ هن اسٽيج تان چوان ٿو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اها عدالت جي توهين هجي، ليڪن هڪ ماءُ جي دل جي توهين هرگز نہ هئي. دنيا جون سڀ کان وڏيون ناانصافيون ميدان جنگ کانپوءِ عدالت جي ڪٽهڙن ۾ ٿيون آهن. جيئن سون شروع ۾ چيو آهي تہ آءٌ ڪابہ غيرذميواري واري ڳالهہ نہ ڪندس. انهيءَ ڪري آءٌ نهايت ذميواري سان چوان ٿو تہ دنيا جون سڀ کان وڏيون ناانصافيون ميدان جنگ کانپوءِ عدالت جي ڪٽهڙن ۾ ٿيون آهن. عدالت جي ڪٽهڙي ۾ اسانکي خوني بہ نظر اچي ٿو، تہ يسوع مسيح بہ بيٺل نظر اچي ٿو. عدالت جي ڪٽهڙن ۾ اسان کي سلطانہ ڊاڪو بہ نظر اچي ٿو تہ مهاتما گانڌي بہ نظر اچي ٿو. عدالت جي ڪٽهڙي ۾ اسانکي ٿل ...چي بہ نظر اچي ٿو تہ جي- ايم- سيد بہ نظر اچي ٿو. اها تاريخ

جي سڀ کان وڏي نـاانصافي آهي، جيڪا عدالت جي ڪٽهڙي ۾ واقعي ٿـي آهي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن عدالت عبدالرزاق جي سدا زنده لاش تي قـانون جي سفيد ۽ پاڪ چادر وجهي انجي قاتلن کي ڇڏي ڏنو، ته آءٌ ائين چوان ٿو تـه اهو انصاف ٿيو آهي! گهٽ ۾ گهٽ آءٌ ائين نه چئي سگهندس.

اها آهي عدالت جي سرگذشت. ۽ ماڻهوءَ جي دل جڏهن پڙجي اچي ان وقت سنهنجو يقين ۽ وشواس آهي ته عرش ڪانوڻي فرش تائين هر شيءِ لڏي ويندي آهي. انهيءَ ڪري مون هڪ ماڻهوءَ جي دل جي ترجماني ڪئي آهي؛ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي دل جي ترجماني ڪرڻ، ان جـي ڳوڙهن ۽ اندر جي آهن کي لفظن جو روپ ڏيڻ جرم آهي ته پوءِ آءٌ سچان ٿو ته مون اهو جرم ڪيو آهي ۽ ڪندو رهندس.

(٢) حيدرآباد جي هڪ رسالي جناب جي-ايم-سيد جي خلاف لکيو آهي. جنهن تي دوستن ڏاڍيون گرم تقريرون ڪيون آهن. ڪي نوجوان آهن. جذباتي آهن. ڪين جي-ايم-سيد سان عقيدت آهي، انهيءَ ڪري حق بجانب آهن. آءٌ صرف هيترو عرض ڪرڻ چاهيان ٿو ته جي-ايم-سيد جي سياسي زندگي کليل ڪتاب وانگر آهي. جيڪو جتان چاهي پڙهي سگهي ٿو.

جارج برنـاردشا جو چوڻ آهي تـه ڪنهن غلطي جو اعتراف ڪرڻ پلصراط تان ٽپڻ برابر آهي. جي-ايم-سيد پنهنجي غلطين جو اعتراف کليءَ طرح پنهنجن ڪتابن ۾ ڪري ڇڏيو آهي. هن لکيو آهي ته سونکان هي غلطيون ٿيون آهن. جيڪڏهن قوم منهنجي پٺيان لڳي ته انهيءَ کي حق آهي ته هوءَ چندي چاڙهي اچي. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو جي-ايم-سيد تي تنقيد ڪري ته اسان سهڻ لاءِ تيار آهيون.

تـاهم هيترو عرض ضرور آهي ته هڪ جرنيل دشمن جي قوت جو اندازو لڳائي، جاگرافي جاچي، نقشو تيار ڪري، سامان گڏ ڪري، مورچي ۾ دشمن سان وڙهي بيٺو. ۽ انهيءَ جرنيل جي ملڪ جا دانشور،

حاڪم ۽ ريڊيو وارا ان جي خلاف پروپيگنڊا ۾ مصروف هجن ته انهي ۾ جرنيل جو قصور، ڏوهه ۽ خطا نه آهي، پر دانشورن، حاڪمن ۽ ريڊئي وارن جي غداري، بدمعاشي ۽ قوم دشمني آهي. اسان صرف چيو آهي ته هن وقت جڏهن نوڪرين تي پنجابين ۽ پنگاهگيرن جو قبضو آهي. شهر ڌارين سان ڀرجي ويا آهن، سنڌين جي اقتصاديات تباهه ڪري ڪين ڪنگال بنايو ويو آهي. سنڌي زبان جي مٿان اسلام آباد جو آرڊيننس سوار آهي.

ڪوبه بيراج نڪري ٿو ته پنجابي چوڌري حقو هٿ ۾ ۽ گوڏ پٺن تي ڪٽي اچي زمين ٿو والاري. اهڙي وقت سيد پنهنجن سائين سميت سنڌ دشمنن جي خلاف مورچو ڏاهي وڙهي رهيو آهي ۽ اسان جي ڪامريڊن ڪي سيني ڪان وڏي ناانصافي جي- ايم سيد جي نظر آئي آهي. اها انتهائي شرمناڪ ڳالهه آهي.

هنن ڪامريڊن جو چوڻ آهي ته سيد وڏيرو آهي. هي ۽ حيرت ناڪ ڳالهه آهي ته ڪمبوڊيا جي تحريڪ آزاديءَ جي اڳواڻي جيڪڏهن بادشاهه جو پٽ پرنس سهانوڪ ڪري ته اهو انقلاب آهي ۽ جيڪڏهن جيئي سنڌ تحريڪ جي رهنمائي جي- ايم سيد ڪري ته اها رجعت پسندي! جيڪڏهن جاگيردار جو پٽ چو اين لاءِ چين جو وزيراعظم ٿئي ته اهو مائوزي تنگ جي فلسفيٰ تي عمل آهي ۽ جيڪڏهن عبدالرزاق جي ورسيءَ جي جلسي جي صدارت امداد شاهه ڪري ته اها وڏيرا شاهي!

حقيقت ۾ پاڪستاني حاڪمن ۽ انهن جي چاڙتن ٢٧ ورهين تائين جي- ايم سيد جي خلاف هر هٿيار استعمال ڪري ڏٺو ۽ هو انهيءَ ۾ ناڪام ويا ته هن وقت سنڌ ٻان ڪي ياڙي جا گهوڙا هٿ ڪري رَيس جي ميدان ۾ ڊوڙائي رهيا آهن. جي- ايم سيد سنڌ لاءِ جيڪي ڪجهه ڪيو آهي سو تاريخ جي صفحن جي زينت ٿيندو. ليڪن هتي هيترو آءٌ ٻڌائي ڇڏيان ته سيد سنڌ جي آزادي ۽ خوشحالي جي تحريڪ ڪي هن دور ڪان مهاراجا ڏاهر تائين ڳنڍي هڪ ڪيو آهي. انهيءَ جي تاريخ ۾ هڪ تسلسل ۽ رابطو قائم ڪيو آهي. انهيءَ

تسلسل ۽ رابطي لاءِ بنيادي پٿر اها سنڌ جي شهيدن جي رت جي ليڪ آهي جيڪا ڌاهرڪان وٽي عبدالرزاق تائين ائين روشن ۽ واضح آهي جيئن پره ڦٽيءَ وقت باک جون لاٽون.

سيد، سنڌ جي نوجوانن کي پنهنجي ماضي ۽ ڀهراڙيءَ جي تهذيب ۽ ثقافت تي فخر ۽ پيار ڪرڻ سيکاريو آهي. سيد سنڌ جي تاريخ کي قومي مفادن ۽ تقاضائن مطابق پڙهڻ ۽ ترتيب ڏيڻ جو رجحان پيدا ڪيو آهي. سيد سنڌ جي تهذيب، ادب ۽ سياست کي گڏي قومي جدوجهد لاءِ هڪ مورچو مهيا ڪيو آهي. سيد سنڌ ۽ سنڌين سان ٿيندڙ هرظلم ۽ جبر جي خلاف ميدان ۾ مقابلو ڪيو آهي. ۽ هي ڪامريڊ، جڏهن به سنڌ تي ڏکيو وقت آيو آهي ته ائين چئي خاموش رهيا آهن ته هينئر وقت نه آهي. وقت بزدلن ۽ گيدين لاءِ ڪڏهن نه ايندو آهي. ڏڄڻ ۽ ڪانئرن لاءِ حالتون ڪڏهن به سازگار نه ٿينديون آهن. وقت کي اوٽي اچبو آهي. حالتون پيدا ٿينديون نه آهن پيدا ڪيون وينديون آهن. مولانا آزاد هڪڙي جاءِ تي لکيو آهي ته دنيا ۾ ٻن قسمن جا ماڻهو رهيا آهن. هڪڙن جو خيال هو ته اسان جيڪڏهن ڪجهه ڪرڻ چاهيون تڏهن به ڪجهه تي نه سگهندو. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو هنن ڪان واقعي ڪجهه ٿي نه سگهيو. ٻيا اهي هئا جن چيو ته اسان جيڪڏهن ڪجهه ڪرڻ چاهيون ته سڀ ڪجهه ٿي سگهي ٿو. نتيجو اهو نڪتو جو هنن واقعي ڪجهه ڪري ڏيکاريو. اڄ جي دنيا جي ترقي ۽ عروج سمنڊن جون ڇاتيون چيري هلندڙ جهاز چنڊ جي ڇهري تي پير گهمائيندڙ نوجوان، فلڪ بوس عمارتون ميزائيل ايٽم بم وغيره وغيره سڀ انهن ماڻهن جو نتيجو آهن، جن چيو آهي ته اسان سڀ ڪجهه ڪري سگهون ٿا.

هنن ڪامريڊن هميشه پٽي چيو آهي ته اسان ڪان ڪجهه ٿي نه سگهندو ۽ هينئر وقت نه آهي. چو ته مائوزي تنگ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي ته حالتن پٽاندر ڪم ڪريو. اڳ رکو ايترو پڇڻ چاهيان ٿو ته:

جنهن وقت سنڌي قوم تي گوليون هلايون ويون تڏهن توهان لاءِ وقت ڪونهي. جڏهن سنڌي عوام جي گذران جي وسيلن تي پناهگيرن ۽ پنجابين قبضو ڪيو تڏهن وقت ڪونه هو. جڏهن دشمن آئين ٺهيو تڏهن توهان وٽ وقت ڪونه هو.

جڏهن سنڌي ماڻهن کي ڊاڙيل بنائي گولين سان اڏايو ويو تڏهن وقت ڪونه هو. جڏهن سنڌي شاگردن کي پڙهڻ جي حق کان محروم ڪيو ويو تڏهن وقت ڪونه هو. جڏهن سنڌي شاگردن ۽ اديبن کي جيل ۾ وجهي عقوبتون ڪيون ويون تڏهن وقت ڪونه هو. جڏهن سنڌي زبان جي حيثيت ختم ڪئي ويئي تڏهن وقت ڪونه هو.

جڏهن سنڌي نياڻين کي ٿاڻن ۾ گهرائي سندن شلوارن ۾ ٻليون ۽ ڪوئا وڌا ويا تڏهن وقت ڪونه هو. ۽ جڏهن سنڌي قوم کان سنڌي سڏائڻ جو حق کسيو ويو تڏهن توهان وٽ وقت ڪونه هو. پوءِ ڇا اوهان وٽ تڏهن وقت ايندو جڏهن پنجابي پناهگير سامراج ۽ سندن دلال سنڌي قوم جي وجود کي ختم ڪري قبر پيڙو ڪندا؟ انهيءَ گهڙيءَ ڪاسرپاڇي ملن وانگر قبر تي بانگ ڏيندا. ۽ جي- ايم سيد انهيءَ پوري دور ۾ عوام سان گڏ هو يا جيل جي حوالي. اَءُ ايترو چوندس ته اسان تنقيد برداشت ڪرڻ لاءِ تيار آهيون ليڪن پنهنجي رهنما تي چٺرون ڪنهن صورت ۾ نه سهنداسون. اسان جواب ڏينداسون.

تنقيد جو جواب تنقيد سان، الزام جو جواب الزام سان، چٺر جو جواب چٺر سان ۽ گوليءَ جو جواب گوليءَ سان.

جيئي سنڌ.

مختلف تقريرن مان ٽڪرا

حقيقت

حيدرآباد جي هڪ رسالي لکيو آهي ته هاڻي پڻي صاحب جي چوڻ کان پوءِ بنگلا ديش هڪ حقيقت بنجي چڪو آهي. بنگلا ديش جي باري ۾ ايڊيٽر جي انهيءَ راءِ کان پوءِ سنڌي صحافين جي دانشمنديءَ تي روئڻ ٿو اچي. هن کي معلوم هئڻ گهرجي ته،

بنگلا ديش ان وقت حقيقت هو جڏهن ڪائنات جي سيني تي بنگال جي ڌرتي ڪنهن ڇوڪريءَ جي جواني جي نشانين وانگر ظاهر ٿي.

بنگلا ديش ان وقت حقيقت هو، جڏهن علي وردي جي خاندان مغل سامراج کان بغاوت ڪئي.

بنگلا ديش ان وقت حقيقت هو جڏهن ١٨٥٧ع ۾ انگريز سامراجين کي بنگال جي جوان همت شهزادي سراج الدوله ڪلڪتي جي بليڪ هول ۾ بند ڪيو.

بنگلا ديش ان وقت حقيقت هو جڏهن لائلپور جيل ۾ مجيب لاءِ قبر کوٽي پئي ويئي.

۽ اڄ به حقيقت آهي جڏهن ٽيگور جي گيتن جا جهنڊا سونار بنگلا جي جاين تي جهولي رهيا آهن. قدرتي ملڪن جي حقيقت، حاڪمن ۽ سياستدانن جي چوڻ يا نه چوڻ سان تبديل ٿي نٿي سگهي.

[ٺٽي آدم ۾ جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي آفيس جي افتتاح وقت ڪيل تقرير مان ٽڪرو]

* * *

سنڌ ۽ بلوچستان

هن مادر علمي جي آڊيٽوريم مان آءٌ بلوچستان جي غيرتمند ۽ بهادر بلوچن کي ٻڌائڻ چاهيان ٿو ته توهان پاڻ کي اڪيلو نه سمجهو. سنڌ جو باشعور قوم پرست شاگرد، اديب، شاعر، دانشور ۽ ڪڙمي اوهان سان گڏ آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جو اتحاد نه صرف سسئي پنهون جي داستان جي ڪري قديم ۽ اڻ ٽٽ آهي پر اوهان جي سرزمين تي سنڌ جي عظيم انسان دولهه دريا خان، شاهه بيگ ارغون جي ياءَ کي پنهنجي تلوار سان ٽڪرا ٽڪرا ڪري اوهان جي آزادي جي حفاظت ڪئي هئي. ون يونٽي دور ۾ اوهان تي گوليون هلايون ويون ته اسان جي پڊن ۽ ٻنين تي بلڊوزر هلايا ويا. هن دور ۾ به جيڪڏهن اوهان جي لونگ خان ۽ علي محمد خان کي قتل ڪيو ويو ته اسان جي عبدالرزاق، اشوڪ ڪمار ۽ سانگهڙ جي حرن کي قتل ڪيو ويو. اوهان جي قومي شاعر گل خان نصير کي جيڪڏهن هٿڪڙيون پارايون ويون ته اسان جو شاعر ابراهيم منشي زندان جي حوالي آهي. اوهان جو سربي ۽ سينگل جيل ۾ آهن ته اسان جو قومي اڳواڻ جي-ايم سيد به قيد آهي.

توهان ۽ اسان هڪ ئي ٻيڙي جا سوار آهيون. توهان تي ظلم ڪندڙ اسان مان نه آهن. آهي نه اسان جا آهن ته توهان جا آهن. صرف پنجاب جا خيرخواه آهن ۽ پيو پنهنجي ڪرسي جا.

[يوم بلوچستان جي موقعي تي سنڌ يونيورسٽي ۾ ڪيل تقرير مان ٽڪرو.]

* * *

وڏيرڪو راڄ

حيدرآباد جي هڪ وڪيل لکيو آهي ته جي-ايم سيد سنڌ ۾ وڏيرڪي نظام، وڏيرن جي اقتدار ۽ وڏيرن جي خوشحالي لاءِ پاڻ پتوڙي رهيو آهي.

اوهان مهرباني ڪري انهيءَ وڪيل ۽ سندس چيلن کان اهو پڇو ته پاڪستان جي قائم ٿيڻ کان وٺي هن دور تائين سنڌ جو وڏيرو هميشه اقتدار ۾ پئي رهيو آهي ۽ جي- ايم- سيد مخالفت يا جيل ۾ ڇا جي ڪري رهيو آهي؟

لياقت علي جي دور ۾ وڏيرا برسراقتدار ته جي- ايم- سيد نظربند.
غلام محمد ۽ اسڪندر مرزا جي دور ۾ وڏيرا ڪرسي تي ته جي- ايم- سيد جيل ۾.
ايوب خان جي شاهي ۾ وڏيرا تخت ڏٽي ته جي- ايم- سيد جيل ۾.
يحيٰ جي دور ۾ وڏيرا حڪومت ۾ ته جي- ايم- سيد نظربند.
جيڪڏهن هو وڏيرن جو طرفدار هجي ها ته اقتدار ۾ ساڻن شريڪ ٿي جوا ڪري ها، نه جيل ۾ وڃي ها.

[١١ آگسٽ ١٩٧٤ع تي ڪوروواهه ۾ بلو شهيد جي ورسي تي ڪيل تقرير مان ٽڪرو.]

* * *

انقلابي طبقو

١٩ صدي سامراجي يورپ جي دقيانوسي ۽ سرمائيداري نظام جي بنياد تي هيگل فلسفي جي ديوارن کي لوڏيو ۽ سرمائيداري نظام جي ديو جي هانوءَ ۾ خنجر ٽنبيو. اهو انقلاب هو جرمني ۾ ڪارل مارڪس جو پيدا ٿيڻ. انهيءَ کان اڳ تاريخون صرف وزيرن، بادشاهن ۽ راڻين جي داستانن جي چوگرد ڦرنديون رهنديون هيون. ليڪن هن ٻڌايو ته پوري تاريخ غريب ۽ امير جي وچ ۾ تصادم ۽ مسلسل ٽڪراءُ آهي. هن وقت اهو تصادم ۽ ٽڪراءُ آخري دور ۽ درجي ۾ داخل ٿي چڪو آهي جو هن وقت انقلاب، بادشاهه جي تلوار، وزير جي سازش ۽ راڻيءَ جي خواهش نه پر مشين جي پرزي کي حرڪت ڏيندڙ مزدور جي هٿ ۾ آهي ۽ اهوئي انقلاب آڻيندو. ۽ اهو طبقو جيئن ته جرمني، فرانس ۽ برطانيه جي اندر گهڻو آهي انهيءَ ڪري اتي انقلاب جلدي

ايندو. ليڪن مزدورن انقلاب هڪ اهڙي ملڪ ۾ آندو جنهن جو تصور ئي هن جي ذهن ۾ ڪونه هو ۽ اهو ملڪ روس آهي.

دنيا جي تاريخ ۾ اهو پهريون مثال هو جو آهي ساٿهو جن کي معاشري هميشه حقارت سان پئي ٺڪرايو آهي تن هڪ خونخوار انقلاب ۾ جابر حاڪم ۽ ظالم فوج کي شڪست ڏني. دنيا چيو ته واقعي مزدورن کان سواءِ ڪو به انقلاب آڻي نٿو سگهي. انهيءَ کان پوءِ مائوزي تنگ هارين کي منظم ڪري چين ۾ انقلاب آندو. دنيا چيو ته اهو غلط آهي ته انقلاب صرف مزدور ئي آڻي سگهن ٿا. هاري به انقلاب برپا ڪري چاڻن ٿا. انهيءَ کان پوءِ ڪيوبا ۾ فيڊل ڪاسترو شاگردن، وڪيلن، ڊاڪٽرن ۽ مڊل ڪلاس جي مدد سان انقلاب آندو. انهيءَ انقلاب هاري ۽ مزدور جي اجاره داري ختم ڪري ڇڏي آهي. انهيءَ مان معلوم ٿيو ته انقلابي ڪو هڪ مخصوص طبقو نه آهي، ڪنهن ملڪ ۾ ڪهڙو طبقو ۽ ڪنهن ۾ ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.

* * *

قانون

قانون ڪوريئڙي جي ڄار آهي جيڪا مڇر کي ته ڦاسائي ٿي ليڪن ڏاند جي سڱن جي سٽ نه سهي پرزا پرزا ٿي وڃي ٿي.

قانون مظلوم ۽ مجبور انسانن جي احساسن تي حاڪمن طرفان بيرحمانه ٺهڪ آهي. قانون، عبدالرزاق جي شهادت تي انڌو بنجي، ان جي قاتلن کي ڇڏي ڏني ٿو. اهو انهيءَ ڪري جو قانون هميشه حاڪمن جي هٿ ۾ رانديڪو رهيو آهي.

هي به قانون آهي ته درمحمد اوستو وزير تعليم هجي ۽ جي-ايم-سيد جيل ۾. هي به قانون آهي ته ابراهيم خليل، مظفرحسين جوش ۽ منظور نقوي جا شعر جن ۾ ڪفن ۽ ڪافور جي بوءِ آهي سي سنڌ جي عوام جي ڪنن ۾ ريڊيو ذريعي ٺونسيا وڃن ۽ حيدر بخش جتوئي، نياز همايوني ۽ اياز جي شعرن نشر ٿيڻ تي بندش هجي. جن

۾ زندگي آهي. سنڌ جي عوام جي احساسن جي ترجماني ۽ هلچل آهي ...

[۷ آگسٽ ۱۹۷۳ع تي موري ۾ شهيد عبدالرزاق جي ورسي ۾ ڪيل تقرير مان ٽڪرو.]

* * *

انقلابي

هڪ ساٿي چيو آهي ته آءٌ انهيءَ ڪري انقلابي آهيان جو ۸۰ فيصد هارين جي ڳالهه ٿو ڪريان.

ادا، سنڌ جي هزارن شاگردن توهان تي انهيءَ ڪري اعتماد نه ڪيو آهي ته توهان ۸۰ فيصد هارين جي ڳالهه ڪريو ٿا. اها ڳالهه ته ساقي، پليجو، عزيزالله جروار ۽ اعزاز نظير به ڪن ٿا. پر سنڌ جي نوجوانن توهان تي انهيءَ ڪري اعتماد ڪري چونڊيو آهي جو اوهان انقلابي آهيو سنڌ وطن جي اقتصادي ۽ ثقافتي آزادي جي جدوجهد ڪرڻ ڪري. اسان وٽ جيڪڏهن لينن انقلابي آهي ته مهاتما گانڌي به انقلابي آهي جنهن ۵۰ ڪروڙ ماڻهن کي آزادي ڏياري. اسان وٽ جيڪڏهن مائوزي تنگ انقلابي آهي ته جمال ناصر به انقلابي آهي. اسان وٽ جيڪڏهن چي گويرا انقلابي آهي ته سباش چندر بوس به انقلابي آهي. اسان وٽ جيڪڏهن هوچي منه انقلابي آهي ته جي-ايم سيد به انقلابي آهي. جيڪڏهن فيڊرل ڪاسترو انقلابي آهي ته بنگال جو مجيب الرحمان به انقلابي آهي. هارين لاءِ جدوجهد انقلاب آهي ته وطن جي آزادي جي جدوجهد عظيم تر انقلاب آهي.

[۱۲ آڪٽوبر ۱۹۷۴ع تي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن جي ساليانې ڪنوينشن دادو ۾ ڪيل تقرير مان ٽڪرو.]

* * *

اديب

سياستدان پنهنجي مطلب ڪڍڻ لاءِ نفرت جي بنياد تي تحريڪ هلائيندو آهي. پوءِ اها نفرت ڪڏهن ڪنهن پارٽي جي خلاف، ڪڏهن ڪنهن شخص خلاف، ڪڏهن ڪنهن طبقي خلاف ۽ ڪڏهن ڪنهن قوم خلاف هوندي آهي. ليڪن اديب جو مقصد هميشه محبت ۽ انسانيت جو پرچار رهيو آهي. زرتشت چيو آهي ته سياست ڪتن جي ٿئي آهي. سون سياستدانن ڏانهن ڏنو هنن جي اکيان انسانن جا ڏڻ ۽ پنيان لاشن جا انبار هئا. انهيءَ وچ ۾ سون قلمڪار ڏٺو هو جو ڪنهن اڏ مثل انسان جو رت پنهنجي گوڙهن سان ڌوئي رهيو هو.

....

جنهن اديب ۽ قلمڪار جي فن ۽ فڪر ۾ ڌرتي ۽ انجي ساٿهن سان محبت نه هجي انجي تحرير ۽ طوائف جي مرڪ ۾ سونکي ڪو به فرق محسوس نٿو ٿئي.

......

قلم، حاڪم جي هٿ ۾ خنجر، جج جي هٿ ۾ انڌي جي لٺ ۽ اديب جي هٿ ۾ روشني جو ڏيئو ۽ انقلاب جو جهنڊو آهي. انجي حفاظت ائين ڪرڻ گهرجي جيئن ساري پنهنجي عصمت جي حفاظت ڪئي هئي.

[ايل. ايم. سي. جي ادبي مجلس ۾ ڪيل تقرير جو ٽڪرو.]

* * *

ساراهه

سونکي خوشي ٿي آهي ته اڄ هتي عبيدالله سنڌي جي پوئلڳن جي- ايم سيد جي پيروڪارن جي مان ۾ دعوت ڏني آهي. سنڌ جنهن تاريخي موڙ ۽ مشڪل دور ۾ آهي. انهيءَ وقت انهن ٻنهي رهنمائن جي پوئلڳن جو سات حقيقت ۾ سنڌ جي خوشقسمتي آهي.

اسانجو نقطهء نظر بلڪل واضح آهي ته اسان عبيدالله سنڌي کي سرزمين سنڌ ۽ هند ۾ جديد قومي تصور جو امام سمجهون ٿا. انهيءَ ڪري

سندس پوئلڳن جي تعاون کي اسان پنهنجي لاءِ نيڪ بختي سمجهنداسين. اسانجو نقطء نظر هي آهي ته اسان انهن ماڪوڙين کي ڪنڌ ڪارائڻ لاءِ تيار آهيون جيڪي سنڌ جي دشمنن جي پير ۾ چڪ پائين، اسان انهيءَ وڇونءَ کي ڪير پيارڻ لاءِ تيار آهيون جيڪو سنڌ جي بدخواهن کي ڏنگ هڻي، اسان انهن سوئرن جو ڏڻ چارڻ لاءِ تيار آهيون جيڪو سنڌ جي ويرين جي ٻنين کي ويران ڪري ۽ مولانا محمد علي جوهر جي چوڻ مطابق سنڌ جي اقتصادي، ثقافتي ۽ سياسي آزادي جي راهه ۾ جيڪڏهن شيطان به اسانجو ساٿ ڏنو ته اسان قبول ڪنداسين. پر سنڌ جي غدارن ۽ پنجابي پناهگير سامراج جي آلهه ڪارن سان اسانجو ڪنهن به صورت ۾ جهيڙو جاري رهندو، پوءِ انهيءَ لاءِ اسان کي ڪيتري به قرباني ڇو نه ڏيڻي پوي.

[نوشهري فيروز ۾ سنڌ ساگر پارٽي طوفان جيئي سنڌ جي ورڪرن جي مان ۾ ڏنل استقباليه ۾ ڪيل تقرير مان ٽڪرو.]

* * *

جيئي سنڌ جا ورڪر

اوهان پنهنجن جسمن، ڪپڙن ۽ وارن جي اسماعيل ڏانهن ڏسڻ بجاءِ هيڏانهن سامهون اسٽيج تي ويٺل جيئي سنڌ جي ڪارڪنن کي ڏسو. هي به ڪنهن ڪاڪ جا راڻا آهن، ڪائي نومل ته هنن جي وات به نهاريندي هوندي. ڪنهن ماءُ جي اکين جي روشني هي به آهن. ڪنهن ڀيڻ جي ماڪ جهڙي نرم ۽ معصوم محبت جا مرڪز هي به آهن. ڪائي توتلي ۽ ٻاتي زبان هنن کي به ادا ادا چوڻ لاءِ واجهائيندي هوندي. ليڪن هي جاڻنا ۽ ڪنور انسان انهن شين کان منهن موڙيو اوهانجي مستقبل سنوارڻ لاءِ بکن، ڏکن، ڏڙڪن، جيلن ۽ قيدن جون مصيبتون خنده پيشاني سان برداشت ڪري رهيا آهن. هنن کان زمين ۽ انجي ماڻهن سان عشق ۽ محبت سکو.

[جولاءِ ۱۹۷۴ع تي ايل. ايم. سي. ۾ ڪنٽيل اميدوارن جي مان ۾ ڏنل استقباليه ۾ تقرير جو ٽڪرو.]

عبدالواحد آريسر جي باريءَ ۾ سوچيندي مون کي ڌاريءَ ڌرتيءَ جي موسمي گلاب ۽ سورج مکيءَ بدران سنڌ جي ڪلراٺي زمين ۾ پيدا ٿيل اهي ليون ۽ لاٽيون ياد اچي وينديون آهن، جيڪي سدائين ارڏن ۽ اوپرن آئن جو ڪاڄ ٿينديون به ناس ٿي نه ٿيون سگهن ۽ هر موسم ۾ سايون ڇهڇ نظر اچن ٿيون.

عام طرح لئيءَ جي شڪر ۽ لاڻيءَ جي ڪار اسان جي مارو لوڪن لاءِ نهايت دلپسند شيون آهن، چاڪاڻ ته اهي شڪر دل کي طراوت بخشي ٿي ۽ ڪار ميرن ڪپڙن کي اُجرو ڪندي آهي. شايد انهن ٻنهي خاصيتن جي ڪري ارڏا آڻ هتان جون ليون ۽ لاڻيون ناس ڪرڻ لاءِ هاچا هڻندا رهن ٿا ۽ هيءَ سرزمين انهن کي وري سرسبز ڪندي رهي ٿي ته جيئن اسان جا مارو لوڪ پنهنجي دلپسند شين مان لاڀ پرائيندا رهن.

جيستائين هن سرزمين جي اها مهر ڀري مام سلامت آهي، تيستائين اهي ارڏا اوپرا آڻ ڪيڏا به هاچا ڪندا رهن پر اسان جا مارو لوڪ پنهنجي پسند پيل شين جي تانگهه دل ۾ رکندا ايندا ۽ سنڌن روح ڪنهن ازغيبي اُميد ۾ سدائين سرهو پيو رهندو.

شاهه سائين به انهن لاءِ چيو آهي:

جٿن جٿن ڪکر اُپ ۾، تٿن تٿن ڏونگر ڏيٺ،
مون تان تنهين هيٺ، پيم نهاريو پرينءَ جو.

نياز همايوني

پڙهندڙ نسُل . پ ن

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَــنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻـن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيـرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهنـدڙ، پَرنـدڙ ۽ پڙهنـدڙ، سُسـت ۽ پڙهنـدڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهنـدڙ بـہ ٿـي سگهـن ٿـا. ٻيـن لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتـي بنيادن تـي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَـٻِئـي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَـن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽَ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڪلائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڻَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۾ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَڻَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَڻَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽَل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)